سُهڻي پبليڪيشن

موٽندڙ ڇوليون

موٽندڙ چوليون

ڪهاڻين، شعرن ۽ مضمونن جو مجموعو

ترتيب ڏيندڙ

نسيم احمد ڪرل

طارق اشرف

ظفر حسن

قيمت: هڪ رپيو پنجويهه پيسا

سهڻي پبليڪيشن

حيدرآباد، سنڌ

١٩٦٩ع

ڇپائيندڙ: سيد مظفر حسين، سنڌي پبليڪيشن ويسٽ ڪچا،
F/45-750 حيدرآباد، سنڌ، جي پاران ڇپرايو.
ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس، مدينه مارڪيٽ، ويسٽ ڪچا،
حيدرآباد، سنڌ.
ٽائيٽل ڇپيندڙ: سٽي بلاڪ ورڪس، ڪراچي.
ٽائيٽل ڊزائين: **عاشق حسين**
پهريون ايڊيشن: جولاءِ، ١٩٦٩ع

تعداد ٢ هزار
(جملي حق ۽ واسطا قائم)

سول ايجنٽ
ادبيات، ٥ - سول اسپتال روڊ،
حيدرآباد، سنڌ.

نور منصور
٣٠-٧-٧٩

ترتيب

پنهنجي طرفان.... مرتب

ڪهاڻيون

موتندڙ چوليون	عبدالقادر جوڻيجو	٨
خوابن جي خوشبو	رشيده حجاب	١٦
ڪراس	ڀڳوان ٿلواڻي	٢٤
متيءَ جو طوفان	ممتاز مهر	٣٦
هاءِ حياتي- ڏنڀ ڏکن جا	اياز بلوچ	٤٠
چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک	طارق اشرف	٤٧

شعر

گيت	نيازهمايوني	٦١
نظم	امداد حسيني	٦٢

مضمون

سنڌي ۽ هندي شاعري	عبدالجبار جوڻيجو	٦٦
کنڊر (مطالعو)	رسول بخش پليجو	٩٠
سنڌي تنقيد جو معيار	طارق اشرف	١٠٤

پنهنجي طرفان...

• سهڻي پبليڪيشن جو هيءُ پنجون ڪتاب آهي، هن پرچي ۾ ڇهه ڪهاڻيون ۽ ٽي مضمون آهن، ممتاز مهر ۽ اياز بلوچ پهريون ڀيرو سهڻي پبليڪيشن جي ڪتاب ۾ شامل ٿيا آهن، جنهن جو شمار اڄ نون ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. مستقبل ۾، انهن مان چڱيون اميدون رکي سگهجن ٿيون. اسان واعدو ڪيو هو ته سهڻي پبليڪيشن جي طرفان سال ۾ ٻارنهن ڪتاب شايع ڪبا، اُهين نه ڪري سگهيا آهيون، آئينده ڪوشش ڪري واعده پاڙبو • ١٩٦٦ع ۾ جڏهن هن اداري جو پهريون ڪتاب نڪتو، ته انهيءَ وقت نيوزپرنٽ (جنهن پني تي هيءُ ڪتاب نڪتل آهي) سورنهن رپيا رم هو، ۽ هاڻ اهو ساڳيو پنو ستاويهه رپيا رم آهي. ٽائيٽل جو آرٽ پيپر اسي رپيا رم هو، اهو هاڻ هڪ سؤ سٺ رپيا آهي، بلاڪن تي به هاڻ ٻيڻو خرچ اچي ٿو، ڇپائي خرچ جيڪو پهرين هڪ ڪتاب تي سٺ پئسا هو، هاڻ سورنهن پئسا ٿي ويو آهي. اهي ته وڏا خرچ آهن، ننڍا ننڍا خرچ انهن کان به وڌي ٿا وڃن. هڪ ڪتاب تي جيترو خرچ اچي ٿو، وڪري مان بنا اشتهارن جي ايتري موٽ نٿي ٿئي • اسانکي چوڻو اهو آهي، ته هيءُ ادارو 'بي ڀچ' ادارو آهي. اسانکي ڪنهن جي به مالي امداد حاصل نه آهي. ڪنهن مخصوص گروهه سان اسان شامل ٿيڻ پسند نه ڪيو، نه ئي نعرا هڻي پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو، انهيءَ جي باوجود به سنڌ ۽ پارت جي گهڻو ڪري هر وڏي ۽ ننڍي ليکڪ ۽ پڙهندڙن سهڻي ڪتابي سلسلي ۽ سهڻي پبليڪيشن جي ڪتابن کي ساراهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ نيڪ فال قرار ڏنو. پر ايڏي همت افزائي ۽ ساراهه جي باوجود، سهڻي پبليڪيشن جي تحت ڪتاب ڪڍڻ، هاڻ اسانجي لاءِ ڏکي ڳالهه ٿي پئي آهي. ڇو ته نرالي ساراهه سان هڪ پبليڪيشن کي جيئرو رکڻ اسان لاءِ ممڪن ڪونهي. اشتهار

اسانکي ملن ڪو نہ مالي مدد ڪنهن بہ نہ ڏني. ڪنهن مخصوص گروهہ ڏانهن اسين ڪونہ لڙيا سين، نہ ٿي هاڻ لڙندا سين، چاهي لاچاري حالت ۾ اسانکي اِها پبليڪيشن بند ڪرڻي پوي پڇڙيءَ ۾ اِها گذارش آهي تہ فقط نعرا هڻڻ، جهنڊا کڻڻ ۽ اخباري بيان ڪڍڻ سان اسانجي ٻولي جيئري نہ رهي سگهندي، ٻوليءَ کي جيئرو رکڻ لاءِ ڪتاب ۽ مخزنن جو نڪرڻ ضروري آهي، مخزن ۽ ڪتاب انهيءَ صورت ۾ نڪرندا رهندا، جڏهن انهن جي مالي مدد ڪبي. سنڌ ۾ صاحب حيثيت ماڻهن جي کوٽ ڪانهي، نہ ٿي اهڙن اديب آفيسرن جي اڻاٺ آهي، جن جي پهچ نہ هجي. اسين فقط پنهنجي لاءِ مدد ڪونہ ٿا گهرون. پنهنجي پٽر ۾ هرهڪ سنڌي پبليڪيشن ۽ مخزن پنهنجي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙي پئي، انهن سڀني جي وَسَ آهر مدد ڪرڻ، هر سنڌيءَ جو ٻهريون فرض آهي. نہ تہ اِهي مخزنون ۽ ڪتاب بند ٿي ويندا ۽ اسانجي ٻوليءَ کي جيڪو نقصان رسندو، انهيءَ جو ازالو نہ ٿي سگهندو. هن وقت سنڌين کي پنهنجي ادب سان چاهہ پيدا ٿيو آهي، جيڪڏهن سنڌي ڪتاب يا مخزن بند ٿي ويا تہ پڙهندڙن جو لاڙو ٻين ٻولين جي ڪتابن ڏانهن ٿي ويندو، جيڪو پڻ اسانجي ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار آهي. هڪ ڳالهہ پي بہ عرض ڪري ڇڏيون. اسانجي مالي حالت بلڪل ڪمزور آهي. هن وقت تائين نہ ڄاڻ ڪهڙيءَ طرح، بنا ڪنهن جي مالي مدد جي، جيئن تيئن ڪري ڪتاب ڪڍندا رهيا آهيون، هاڻ بہ اِهو ڪونہ ٿا چئون، اسين اِهو سلسلو بند ٿا ڪريون، ڇو تہ جيستائين، وَسَ ۾ رهيو، تيستائين پيا پاڻ پتوڙيندا سين. هر مهيني ڪتاب ڪڍڻ، اسانجي لاءِ ڏکي ڳالهہ ٿي پئي آهي. اسان ڪوشش جاري رکندا سين، پر وس نہ هليو تہ دير-سوير ڪتاب ضرور ڪڍبا، اسانجيون مجبوريون آڏيون رکي معاف ڪندا تہ هي ادارو جنهن پاوبهہ اهڙا معياري ڪتاب پيش ڪيا، جنکي هر طبقہ ڪروارن پسند ڪيو، شل بند نہ ٿئي. ڇو تہ اهو فقط اسانجو نقصان ڪونهي، بلڪ مجموعي طور سڀني سنڌين، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو نقصان آهي.

— مرتب



SURF's deep cleaning lather washes cleaner than soap.

Yes. SURF's powerful lather goes really deep into the fabric and removes even those hidden specks of dirt that soap can never reach. It leaves your clothes so much cleaner, brighter and fresh smelling — something far, far better than soap can ever do!

What's more, SURF washes clothes with the minimum of effort. No beating or hard rubbing. And ounce for ounce, SURF washes many more clothes than soap, giving you amazing economy!

No wonder so many Pakistani housewives insist on SURF — it is more economical, makes washing easier and gives you results you can never get from soap!

SURF — WASHES CLEANER THAN SOAP THE EASIEST WAY!

A LEVER PRODUCT

OF.28-67/68

LINTAS

سونهري چوليون
خوابن جي خوشبو
ڪراس
سنڌيءَ جو طوفان
هاءِ حياتي- ڏنيپ ڏکن جا
چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک | طنز ۽ مزاح

ڪهاڻيون

عبدالقادر جوڻيجو
رشيده حجاب
ٻڳوان ٿلواڻي
ممتاز مهر
اياز بلوچ
طارق اشرف

عبدالقادر جوڻيجو

موٽندڙ ڇوليون

شيدي، پٽ شيدي، پٽ شيدي، ٻُپ.... سندن شجرو انبور وانگر تاريخ جي ڪارين ڪتور صدين جيءَ ڇاتيءَ ۾ هيٺ لهندو وڃي. جيئن پوءِ تيئن، هيٺان ڪاري رت جا ڏينا نڪري، ڏرتيءَ جي هنج ۾ پکڙجي ويندا. بڻ بنياد هڪڙو، سائين زاهد شاه واري حويلي هڪڙي، جنهن جي اڳر تي سندن وڏڙا جهڪندي جهڪندي ايترو جهڪي ويا، جو زمين جي مٿاڇري هيٺان موت جي ڪاريءَ ڪُڌُور جي چڪرن ۾ اچي ويا. ڦير نه ڦير ان ڳالهه جو، جو سندن رنگ تي سانءَ جيءَ ومندڙ لٽ جو اثر ضرور ٿيو هو. وارن جون گهنڊيون به اهڙيون نه هُيُن، جهڙيون وڏڙن جون هيون. مٿان ڌمندڙ پاڪ نور ڪي به ته آخر اثر ڏسٽو هو، پر پوءِ به شيرو ۽ ساران اکين ڏٺي هڪ ٻئي کي ڪونه وٺندا هئا، اُٺيئي کو هڪ ٻئي سان وير رکي آيا هئا. هونئن به ڪُتو ڪتي جو ويري، آها ته مٿان پاڪن جي دپ هئي، جو هڪڙيءَ ڇت ِ مان ٻئي لڪين، لفظن جيءَ چاٻيءَ تي پيا هلندا هئا، 'جيءُ ڏاڏا' 'حاضر سائين' هٿ جوڙ نياز، بس ڏڳي کي گهاٽي جي چوڌاري هڪڙيئي واٽ تي هلڻو پوندو آهي، نه ته تيل ڪٿان نڪرندو، جيڪو ڇلتن پرزن کي صاف رکي. ننڍپڻ ۾ سندن اکين تي کوپا چڙهيل هئا، ڏڳي وانگر، ۽ پوءِ جڏهين جوانيءَ جي چنگهندڙ ڇيڇات کندڙ بيل گاڏي تي پير ڦٻين، تڏهين به کوپا چڙهيل هئا، پر سائين، جوانيءَ جو ٿڻ خير هجي، اکين جي گهور ستن ڪوٺن مان به چڙهيو وڃي، ٽنگ ڪري، هي ته سڙيل کوپا هئا روايتن جا. ڀهرين ڀهرين شيروءَ اک ٻٽي، سندس گهورُ روح ۽ جسم جي گهرن جي رنگن ۾ اٽڪي پيئي هُئي، جڏهين سائين حاڪمزادي تي جيئري نگاهه جو ميرڪ سايو اڇلايو هئائين. ٻچي ٿل سائين جو ٻٽ اهڙو ترڪيو هو ۽ مٿان وري ريشمي ڪپڙا، جو ميرڪ سايو پيرن ۾ وڃي ڪريو، پر هڪڙوئي پيرو

رسو اُچلائي ويهي رهڻ ته جندڙيءَ جي رواج ۾ ئي نه آهي. هتي ته ڏڪ تي ڏڪ ڪپي، سندس جسم وانگر اونداهي ذهن ۾، ڪڏهين ڪڏهين اُميد جو ڪوڙ ڪيٽو تمڪ تمڪ ڪري ڳم ٿي ويندو، سو وري بس ڪيڻ ڪري. اِها چڱمڙسي جوانيءَ پانءَ ئي ڪانه پوي، تڳيٺو به نه آهي.

انهيءَ ڏينهن صبح جي سونيءَ هنج ۾، سائينءَ جي باغ واري واڙ تان ڪاواٽي پرينڊي، هو باغ مان اٿندڙ سڳنڌ ۾ ويڙهجي ويو، لچاريءَ ڪنوار وانگر، جيڪا ڪپڙن ۽ لاڏن ۾ ويڙهجي ويندي آهي ۽ متس خواهشن جا اڇڙا اڇڙا ڳل وسي پوندا آهن، حويليءَ ڏانهن ويندي ويندي سندس اُگهاڙا دڦ پير ماڪ پني گاه تي ڪپندا ڪڇندا ويا، هو هليو ڪونه ٿي، جڻ اُڏاڻو ٿي. ڪوٽ جيءَ ڪنڌ وٽ نهيل مسيت سڳوريءَ وٽان متيندي، سندس نگاهون مسيت ڏانهن ڪجي ويون. "مولي سائين" (هڪ پل جي عبادت صدين تي ڀاري) دل تان ترڪندڙ لفظن اندر ڏوني آرام ۾ آٽي ڇڏيو. حويليءَ جي ڳهيلوهي در اندر متيندي، سائڻ حاڪمزاديءَ ڪي گهڙا ڄنجيءَ وٽ بيٺل ڏٺائين، نڙڪي تي سائڻ جون اکيون اُٽيون، هو سائڻ جي اُٿندڙ نگاهن مان ڦوهارا ڪري وسندڙ نور ۾ وهنجي ويو. ڪاواٽيءَ ۾ بار وڏي ويو، سندس دل ڦٽڪو ڪاڏو، وڏو ساه ڪڍي بار ڏرو ڪيائين ۽ پر سائڻ روز روز گهڙامجيءَ وٽ....' ڪونيءَ مان نڪرندڙ ساران ڪي ڏسي خيالن ڪي ونگ پئي ويا. 'ماڙپويس، هيءَ جتان ڪتان آڏي، پوٽ ته ڏسينس.' هلي اچي متن ۾ پاڻي وجهي، منجيءَ تان ڦڙڪي ڪٽي، مٽ اندر ڦيرايائين، زور زور سان، جڻ اندر جي آنڌ مانڌ به مٽ اندر لاهڻ ٿي چاهيائين. هڪڙيءَ چور نگاه ڪر ڪنيو، پر سائڻ ڪونيءَ اندر ويٺي هلي هُمي هن چور سوڙو. اندر الائي ڇا ٿي تشڪو پئي پين. هو اُجهاڻل وڪن سان حويليءَ کان ٻاهر نڪتو، جڻ پنهنجو پاڻ مان نڪري ويو، 'خير وري شام جو....'

"شيرو؟"

"ڇا آهي؟" بيزاريءَ مان ساران جي سُوٽل پوٽ ڏانهن

نهاريهدي پڇيائين.

”نِنديءَ سائِڻ سڏايو اٿئي.“

ِدل جي باغ ۾ گُل ٽڙي پيس. ”ڇو؟“

”مونکي ڪهڙي خبر؟.... ٻلاءِ ڪاڻ ٿي ڪارائنئي، ڪو ڪم ۾ هوند.“

’هون، هنکي ڇڻ خبر ٿي ڪونهي ڏيڻ‘ ِدل ۾ سوچيائين.

حويليءَ اندر ڍرندي، گُل تان ڇيٽي جو ذرو لاٿائين، جيڪو سوير ڪوڏي ٿي پڳل ٽِڪ رکي، قتل بليبد سان ڏاڙهي ڪرڙيندي وڃي پيو هو، وڍتي علاج طور ڪرآندو هٿائين. ٿلهي تي چڙهندي، آيو ساه نڪري ويس. اِها ٻي ڳالهه هُئي تہ حويلي ڪاڻ ڪري.

”آيو، آن گهرايو؟“ نِندي سائڻ اکيان پڇي ڪُوڙ الفظ زبان مان ڦتڪي ڪري پيا ’هون.... آيو! مڙيئي زماني سان هلڻو.... متان آءُ هوندئين ڪٿي ڇتو ٿيو هُجان، ڪهڙي خبر؟....‘ سوچيندي ڪيس ائين محسوس ٿيو، ڇڻ سندس چوڌاري ڏونٺ جيڏيون اڇيون ڪهاڙيون ِڦرنديون هُجن. ’الله پيو پناه ڏئي وڏي سائينءَ ڪان.‘ سائڻ سامهون، هڪ تِکو جهٽڪو اچي ويس، ڇڻ سائڻ جي جسم مان اُٿندڙ شعاع سندس روڻ روڻ ۾ ڊوڙي ويا.

”هيءُ ِڇيٽ جو ٽڪرو ڪٽيو وڃ، بابو سائين هوندئي شهر ۾، اُنَ ڪي ڏَسي هڪڙا پنج وال وٺيو اچج“ ڇيٽ جو ٽڪر وٺندي سندس آگر ڇهاءُ لاءِ وڏي، پر وچ ۾ ڳَنهہ ڪري بيهي رهي. سندس دل ۾ ڊپ ڪرڙات ڪري چڪر ڪاڍو ’ڪاٽ جي پور ۽ ماٺهوءَ جي اندر جي ڪهڙي خبر؟‘ سندس نگاهن اُنياڪ ڪاڍو، پر جهٽ نڙڪي وڃي پٽ تي ڪريون، اڻ بورو چهرو ذهن جي پردي تي اچي گم ٿي ويو. سو ڪيو چهرو ڪڏهين سونهن جي خوشبوئن ۾ ويڙهيل هوندو آهي، ڪڏهين رڻ جهڙو ويران. دل ۾ ڪڏهين چير وجهندي آهي، ڪڏهين ديري تار ’تِيائون‘ ڪري بس ٿي ويندي آهي.

هُو ٿلهي تان لهي هيٺ پرو ٿيو ’ٻاٽي متن‘ و جهان تڏهين بہ ڪل ٿي بيٺي آهي گهڙامجيءَ وٽ. آءُ تہ هوندئين اچي ٻاڙيو ٿيو آهيان، ماٺهو الائي ڇا ڪ ِيو وڃن ۽ آءُ....‘ سوچيندي دل ٿي دل ۾ پوندو

گهوڙي پنهنجي پوڇ تي رکيائين 'پر....چاڪريان' دل چيس 'مٺو وڃي لوهي در سان سٽيان.' "اڇو" ساران کي اندر ڊرندي ڪارو لفظ چپن ۾ ڦٿڪي پيو.

گهوڙي پڌڻ جي چپني ۾، ڏانداريءَ ساڻ ليڏ ڪئي ڪندي، پٽ جي گڙڪ سان حويليءَ جي اڱڻ ڏانهن نهاريائين، 'پچي شل بيٺي آهي' اکيون جهڪيون ٿي ويس، 'پر هت مونکي ڪير ٿو ڏسي هونئين....' اپار تي سندس نگاهه ڪڄي ويئي، 'ساڻ به نهاري ته تي. نگاهه، ساڻ، نگاهه ساڻ، ساڻ نگاهه نيڪ آهي' سندس دل جي ڌڙڪ تي هٿ لڳو، چڻ چپر جو چمڪو هٽي، هو ستآسمان ٽپي ويو. چپني ڪان لڏ جو ڊڳ ٻاهر ڪري، هڪڙي پرتو نگاهه ساڻ ڏانهن اڇلايائين، جنهن ڏانهنس نهاريندي، آرس پيچندي جڏهين ٻانهون هيٺ ڇڏيون، تڏهين چڻ آسمان جو اونڌو پيالو ڊهي پيو؟ حويلي نيلي شيشي جي چپتين ۾ ڊڪجي ويئي. 'مولي سائين....' بت ته سيتجي ويس، پر پانيائين ته ڏانداري به سيتجي ويئي. ساڻ بيٺي هئي، پڪي اکيون دل جي خيالن ۾ ڪتل هئس، 'الائي ڇا پيئي ويچاري ....شايد.... مونسان گڏ سمهڻ جو.... مڙيئي دل جون چتڪتايون. جواني آهي پنسان ڪٿ مست، ڪٿي تي جنهل ڏئي.' هاڻوڪيءَ نگاه ني زور سان شوڪارو پريائين، ساڻ هلڪو چرڪ پري نگاه ۾ گهور پري، هنکي ڪنڌ تي ڪتڪتائي محسوس تي. "ابو ساڻ حاڪمزادي." اندران ساران جو آواز آيو 'هيءَ آگوني جهڙي جتان ڪتان آڏي، هون....' ساڻ تڪ تڪ ڪندي گهر اندر ڊري ويئي، چڻ ٿڌيءَ هوا جو جهونتو هو، جو ڪکن پڻ سوڌو پاڻيءَ تان ترندو پرئين ڪپ هليو ويو.

چٽٽات ٿيو، پيتلي گلاس کي ڪا ٺونٺ لڳي، سو ڦهڪو وڃي پٽ تي ڪيائين.

"ڇا آهي؟"

اندران حاڪمزاديءَ جو آوازآيو. سندس دل جون تارون جاڳي اٿيون "اب....هي گلاس، ٺونٺ لڳيس" ساڻ نڪري ٻاهر آئي.

"اورکي ڏي گلاس."

سوچيائين ’پاڻ ڇو نٿي کڻي آءُ....‘ جهٽڪي گلاس کي ڏڍئي ڏيا هٿ هٽي، ٽريءَ تي رکي آڱرين کي ٽريءِ کان ٿورو اڳڀرو وڌائي، ساڻس کي ڏنائين، سندس آڱريون وچي ساڻس جي چيڪي ڪرائيءَ تي لڳيون، چهاءُ، جڻ سڄي دنيا جي لذت ويڙهجي سندس دل اندر ڏري ويئي، هٿ کي اڃا حرامپڙائيءَ تي شوق هو، سو ڇڪتاڻ ۾ گلاس بيهر وچي پٽ تي ڪريو.

”اڙي پينسان،“ سندس ٻوٽ روئڻهارڪو ٿي ويو.

”پانيان ٿي هٿن تنهنجن ۾ ٻه ست ڪونهي.“

”نه ائين نه ....“ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس.

”ڏڍئي ڏي ماٺڙي ڪري.“

”هاءُ.“ ڏڪندڙ هٿ، ڏڪندڙ گلاس، جڻ سڄي حويلي ڏڏندي هجي، ڪنن کا ليبهي پاڻيءَ جي پمي، ڪناز ڪيئن، اڌ ڏوتو گلاس ساڻس ڏانهن وڌايائين، ساڻس ورتس، ڏسٽي آڱر ٿي ڏوري ڇپ آيس، جڻ ننڍاڪو جهوٽو. وڏو ساه کڻي جند آجي ڪري، منٽن ۾ پاڻي نائڻ لڳو. حاڪمزادي بيٺي ڪيس ڏسندي رهي، وري ڏڪ ڏڪان، ڏڙڪ ڏڙڪ، سيالو، سيٽ، ڇوانس؟، اونهون، ڪهڙي خبر، ڪهڙي، ڪهڙي خبر، انهين کان وڌ هاڻي پاڻيهي پاڪر ڪونه وجهندي.زال ذات ٿي، ٻهرين مڙس وٽان ٿيندي آهي‘، ’پر جي نه مڃي ته....‘ جڻ اندر ڏي اندر ڏڙهو ٻن هٿن ۾ گڏڻ لڳو، ’پر پوءِ ائين ته ڪجهه ڪونه ورندو، مران نه مري وڃان، آيس آڱوٺي تان، اک ڏو پيچ نس، ڪهڙي خبر؟ ٻر ڇا ٿيو. ڪٿهن نه پلي ڪٿهي ڇڏين، پر اڃان وقت وبو ڪونهي، ڇڙي الهڙ، متان ٻڄي وڃي، ڇڏينس نه پلي ڪائي ٻي متاري ٿئي، ڪهڙي خبر حال نه ڏسي، ڪٿي ٻئي پاسي وڃي اکيون اٽڪائي... خير... سياڻاڪ پيچندوسانس.‘ فيصلي جي نڪتي کي ڇهندي، جڻ سڀ بار ڪيرائي وڌائين ۽ پرتو نگاه ساڻس تي وڌائين.

ڏيچ ڏيچ، ڏاڏا، ڏوڏ ڏڙوڏ، مٽڪون، تڏا، لفظن جي ڏوڙ.

”بي‌حيا، بي‌شرم، توکي شرم نٿو اچي، نڪر ٻاهر، نه ته جوتن سان سٽي چورو ڪري ڇڏيندوسانءِ. ....هيءَ به ماءُ جي ڏيءَ عشق

ٿي ڪمائي، ساهه اسان سادات سان، نڪر پڙوي...." تا-تا- "هل ته
مهي، ماڻهين پڙهين کي ٿو ٻڌايان دادليءَ جا ڪارناما، تو گهٽا ڏينهن
مستيون ڪيون آهن.... شيرو، او شيرو." ذري گهٽ ٻتال ٿيل
شيروءَ ۾ سائين اکيون پٽيون.

"جيءُ سائين." آواز ۾ هلڪو ڏڏڪو هوس.

"ڙي هن پڙويءَ کي گيلهي ٻاهر ڪيو، اسان سادات کي
ٻاڪر تي وجهي... هي پنج وٽ. اڙي جهلينس چونيءَ سان، اڇي."
ڏم- ڏم— "اسانکي اڳ ئي الله پناه ڏني آهي، ۽ هاڻي به ڏيندو.
آهي ٻيا ڪي چرسي سيد جانچ."

شيرو ڪوٺيءَ اندر ڊيڙيو. ساران ڏانهن نهاريائين. سندس
آڌما موت جي سرحدن کي ڇهي رهيا هئا. ڪجهه دير لاءِ خاموشي
ٿي ويئي، ساران جي منهن تان زندگيءَ جون ريکائون واچوڙي ۾
پتجي ويئون هيون، سندس سانورين ڳلن تي آڱرين جا پرڙ بيٺا هئا.
اکين ۾ جهولدڙ سپنن جا پينگها ٽٽل هئا، جذبن جو موت ڇهري
جو موت ٿي ويو هو جيهڙي رسند.

"اٿي مادر...." شيروءَ ڏڪندي چيو، شيدي هو ته به عورت
جو اڻ ٻڇيو حاڪم هو. "ڪار-ٺهين، پينسان." شيروءَ ست ڏيئي
ڪيس آتاريو. هوءَ سلهه جي آخري ڏاڪي تي پهتل مريض وانگيان
ٿڙندي ٿڙندي ٻاهر نڪتي. شيروءَ گهروڙي ڪٽي پونڊو ڪياڙيءَ تي رکيس
ڪوڙيءَ غيرت جيءَ لڪ ڳلن جهڙا منڙا جذبا مرجهائي ڇڏيا.
"اڄ ڪهاڙيءَ سان نه ڪيڏبن ته نمهنجو سڀو ٻيءُ لڳان" حويليءَ
کان ٻاهر نڪتا، جڏهن ڪ اونداهي ڇڪري سان نڪري ٻئي اونداهي
ڇڪري ۾ اچي ويا، ڌرتيءَ جي ٻاڪ وانگيان.

وات ويندڙ گهڙيءَ گهڙيءَ بيهي، چپٽيءَ سان سندس دل
سان چيٽيون ڪيڏي ڇڏيون هيون. هاڻي سندس جسم هلڪو هو،
ڏاڙهي لٽل هئي، وارن کي ڦٽي ڏنل هئي، رڳو پير آڱهاڙا هوس،
ڪا هڪڙي ڳالهه ته شيدين واري به ته منجهس هئي.
ڪٺڪ جوڙيل ڳوٺيون ڪيڏندي، ايندي ويندي سندس نگاهون

ساڻس جو لسو بت ۾ اسا ڪپڙا چنبڙي لڳيون. ڳوڻ پٺن تي سٿيندي ساڻس ڏانهن نهاريائين، جنهن ساڻس جي بت تان ڪپڙا لهي ويا ڳوڻ، تان ورايل هٿ جي ڏسٽي آگر ڳوڻ ۾ گهچي ويئي، جڏهن کي هارڻ لاءِ. در ٻان سائين حاڪم شاه اندر ڍريو. هو ٿورو پاسيرو ٿي ويو، گهٽيئي ميس مارياڻين، پر.... 'هن ڳوڏ ته سور ڏيئي ڇڏيا آهن، هاٺوڪو ستڻ وٺندس' حويليءَ سان ٻاهر نڪري ٿڌو ساه ڪنيائين 'چڱو ٿيو سائينءَ جي اک ڪاڻه پيئي....'

ٻاقي هڪڙي ڳوڻ ڪٽڻ لاءِ هئي، ڳوڻ تي هٿ آزمائيندي اڏڙيءَ اک سان ساڻس ڏانهن نهاريائين، هوءَ به ڏانهنس گهوري رهي هئي. سندس اندر ۾ ٻيٺل گيراڙيون ڪرڙاٽ ڪري هلڻ لڳيون- ڪررر.... بت ڏڪڻ لڳس، پير ستت ڇڏي ويس، ڳوٻي جان ءِ ٿن سان ڳوڻ کي سيرڻ جي ڪوشش ڪيائين، وري نگاه اچلايائين. هڪڙي، ٻي، ٿئي نگاه. سندس اکيون ساڻس جي اکين سان مليون، هڪڙي اک پورجي ويس، جنهن ٿري ناٽ ٿري جي منهن سان گولي ڪرڙاٽ ڪري نڪتي، پويان رکو بارود جو دونهون ۽ فضا ۾ وچڙندڙ گوليءَ جو آواز هو، هو ڪٽڪ جي ڪچي سلي وانگر لڏيو

"اهو چا آهي؟" ساڻس جو آواز رونگٽ ڪندو سندس دل ۾ لهي ويو، ڪرندي ڪرندي بچيو، هنيون ٻڏي ويس، "ماڻهين کي وچي اکيون پيچ، ٻيهر حويليءَ ۾ آيو آهين ته پاڻيهي تو سڃائين اها دل لاهي ڊ کيءَ ٻي رک. مڙس آهين ته ايتري گهٽي اٿئي. وڏيڏ آءِ قدم ڪونه ٿي کڻان نڪر تو کي ٿي چوان نڪر ٻاهر ڳوڻ کٽي.

هو جڏهن جا نوٽ ترڻءَ تي هاري ٻاهر نڪتو، قدم ٻا رکندي دل جو بار ڪيرائي ڇڏيائين، بت لوڏيائين 'اهو به چڱو.. ٻيبي هئي، قياس اچي ويس، نه ته لاهه نڪري وڃن ها.

آهستي آهستي حويليءَ جي اندرئين ماحول کي ڪاري رات پلا ۾ ويڙهي ٻري ڪٽي ويئي، تمام ٻري جيستائين جوان نگاهون نٿيون پهچن، ٽڪجيو ٻاهرجيو وري پونٽي موتيو اچن.

ڪوڏر جو ٻچاڙيءَ وارو لپو هٽي، ويساهين ڪاڻڻ لاءِ و

تي ويٺي رهيو. گوڏ حي ڀلاند (سٽڻ ڀائڻ وارو سڀڻو مري ويو هوس) سلقي ۾ تماڪ ڪيدي ٻُڌڪائين. هلڪن هلڪن سوٽن سان اکيون پورجيو ٿي ويس، جڻ آڏنديُن ٻادن کي اکين جي ڇپرن هيٺ لڪائڻ ٿي چاهيائين. واٽر جو ڀاڻي ڪنارن سان گسندو هلندو ٻئي ويو، منجهس ٻيل ڪڪ جيئن پوءِ نيٺن پري ٽيندا ويا، جڻ سندس خواب هئا، آهي خواب جنکي اکيون ڀاڻ ڏانهن ڇڪيندون آهن. سامهون ڪمند جون لڏندڙ ڇڄڙيون، لهندڙ سج جي ڪرڻن سان رنگن ۾ وهنجي ويون هيون. هوا چاتيءَ تي گاه جي خوشبوءِ کڻيو ترڪندي ويئي، جڻ خوشبوءِ نه هُئي، ڪنهن ڪنواريءَ جي عصمت هُئي، جنهن سڀان هوا گوري ٿي ويئي هُجي ۽ سندس انگ انگ ٽنندو هُجي. سامهون ڳوٺ جي گهٽيءَ ميٽي، دونهن وانگر ڀڪڙجي ويئي هُئي، ڳوٺ جي گهٽين ماڙساران نڪتي، جا جيئن پوءِ نيٺن واٽر کي ويجهي ٿي آئي، هوءَ ٻنهين ويجهي اچي ويئي، آهوئي وچايل وچايل چهرو، هار جون ريڪائون — سندس ڪنڌ هيٺ ٿي ويو.

شيرو ۽ ساران اکين ڏٺي هڪ ٻئي کي ڪونه وٺندا هُئا. ڪو اٺهيٺي وير هڪ ٻئي سان رکي آيا هُئا، هوئن نه ڪٿو ڪتي جو ويري، آها نه مٿان ڀاڪن جي دب هئي جو هڪڙي ڇٽ سان ٻئي لڪين. لفظن جيءَ چاٻيءَ تي پيا هلندا هئا، 'جيءُ ڏاڏا'، 'حاضر سائين' هٿ جوڙ، نياز بس ڏکي کي گهاٽي جي چوڏاري، هڪڙيئي وات ڦرڏو پوندو آهي، نه نه تيل ڪٿان نڪرندو؟ جيڪو چلتن پرزن کي صاف رکي. نندپڻ ۾ نه سندن اکين تي ڪوپا چڙهيل هئا، پر سائين جوانيءَ جو شل خير هجي، هن ٻيو پيرو نهاريو، پٽ تان نندڙو ڪڙهو کڻي، ساران ڏانهن اُڇلايائين. ساران ڪان ڇرڪ نڪري ويو، گهوري شيروءَ ڏانهن نهاريائين، جڻ اوندو ڏارو سنئون ٿي ويو. ٻنهين جي چپن تان مرڪون ترڪيون ۽ ڀاڻ ۾ وچڙي پيون.

رشيده حجاب

خوابن جي خوشبو

”بس هاڻي ختم،“ خيام، هنجي تيزيءَ سان هلندڙ هٿ کي جهلي چيو، ”بند ڪر هاڻي اِها ڪٿا.“

”اِها ڪٿا نه هاڻي هلندي، جناب خيام صاحب، جيستائين....“

”نه.... هاڻي ختم ڪر، ڏس ڪيئن نه تنهنجين گلابي اکين جي ڍنڍ ۾ ننڊ جي پري تري رهي آهي.“ خيام قلم هٿ مان کسي چيو.

”سنجيدگي. جناب والا، سنجيدگي. ڪاپي سياڻي هر صورت ۾ پريس موڪلڻي آهي، مونکي اڄا ايڊيٽوريل لکڻو آهي، توهان وڃي سمهو.“

ٻئي ڪمري مان ٻابر جي روئڻ جو آواز آيو، ته خيام هليو ويو. هڪ لمحي لاءِ آئي هوءَ دروازي وٽ آئي، خيام ٻابر کي پرچائي رهيو هو.

”نه رو بابا، نه منهنجو پٽ. اڄ تو کي راند ڪو ڏيان....نه پر هن وقت ته رات آهي. چا ڪجي بابا، ماءُ تنهنجي ته هن دفعي ’خدمتِ خلق‘ جو تمغو حاصل ڪري ٿي رهندي، ها نه؟“ خيام تيڏيءَ اک سان دروازي ڏانهن ڏسندي چيو، هنکي بي اختيار کِل اچي وئي. ۽ جڏهن رات جو ٻين لڳي ڪم ختم ڪري هوءَ آئي، ته خيام ۽ ٻابر گهري ننڊ جي جهانن ۾ گم ٿي ويا هئا.

ٻاهر سرد هوائون ڊسمبر جو روپ وٺي آيون هيون. ستارا ۽ چنڊ تائين بہ سيءَ ۾ ڏڪي رهيا هئا، انجي مقابلي ۾ هنجو ڪمرو ماءُ جي شفيق آغوش وانگر گرم ۽ پرسڪون هو، هلڪي هلڪي نيري نرم روشني هئي ۽ پلنگ تي خيام ۽ ٻابر ستا پيا هئا. ٻابر جو هڪ هٿ خيام جي سيني تي رکيو هو ۽ خيام جو مضبوط، محنت ڪش هٿ، ٻابر جي مٺي وٽان ڦريو هو، سلامتي- تحفظ ۽ عافيت جو ڇٽ. اهي ٻئي انسان جيڪي هڪ ٻئي جي ويڇوڙائي جي احساس کان مطمئن، بي خبر ۽ مسرور هئا، هنکي ڪيڏا عزيز هئا، ڪيترا نه پيارا. ان لمحي سڄي دنيا جي خوشي، فخر ۽ غرور چڻ هنجي سيني ۾ پرجي ويا، تڏهن هنکي احساس ٿيو ته هنجون

اکيون پاڻيءَ ساز پر جي وهون هيون. شايد.... هر جذبي جي اِنتها ڳوڙها ئي هوندا آهن. شايد دل جي هر شدت اکين ۾ پاڻي بڻجي تحليل ٿي ويندي آهي.

آن لمحي ئي هنکي احساس ٿيو، تہ ٿوري دير اڳ هوءَ پنهنجن ٻنهي عزيز ۽ پيارن دوستن کي ناراض ڪري چڪي آهي. هن ٿورو وڏي ٻنهي جي چهرن کي غور سان ڏٺو. بابر تہ پار هو، ننڊ ۾ هن شايد رنگين پرن وارو پوپٽ ڏٺو هو، ۽ هاڻي مرڪي رهيو هو. پر.... خيام جي چهري تي بہ آها ئي مخصوص ۽ مانوس مرڪ هئي. 'چالاڪ'، هو آهستي ڪيلي. ذرو بہ تہ ناراض ڪونہ هو. هنکي خبر هئي، صبح سان جڏهن هو تيار ڪاپي ڪندو، تہ جلدي جلدي هنجا ٻئي هٿ مريدن وانگر جهلي چوندو:

'يا پيرءِ مرشد، توهانجا هزار احسان ۽ مهربانيون. جو توهان ناچيز جي هيءَ بہ مشڪل، نا تمام حل ڪري ڇڏي....' ۽ وري جهٽ لهجو بدلائي چوندو. 'سچ مينا.... جيڪڏهن تون نہ هجين ها، تہ پلا دنيا ڪيئن هلي ها؟ هل ڪٿي دنيا بہ هلي ها، مان ڪيئن هلان ها؟ ڪيئن زنده رهان ها. وڏي ڳالهہ تہ "ساغر" ڪيئن پرجي ها؟'

تصور ۾ ئي هنجو مخصوص جملو ٻڌي، هوءَ خوش ٿي وڏي. ماڻهو جنت جي تمنا ڪندا هئا، ۽ هوءَ چوندي هئي: جيتي خيام هجي، جتي بابر هجي، 'ساغر' هجي ۽ ڍير سارا پسنديده ڪتاب هجن. بس، منهنجو بهشت تہ اهو ئي ٿيو. ۽ اِهو بهشت اِها جنت الفردوس هنکي ڪيئن ملي هئي؟ ڪڏهن تہ هنکي رشڪ ايندو هو پنهنجو پاڻ تي.

اِهو سڀ اوچتو ئي ٿيو هو.

آنهن ڏينهن هن نئون نئون لکڻ شروع ڪيو هو، ننڍڙا، ننڍڙا، خوبصورت نازڪ سڀڪ قسم جا هنجا افسانا، گهڻو ڪري رسالن ۾ اچڻ لڳا هئا. آنهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن هوءَ پنهنجي افسانوي نالي 'مينا مخفي' جي نالي تي فخر ڪرڻ لڳي هئي، تہ آنهن ئي ڏينهن هنکي هڪ خط مليو.

ميناعزيز- جهن دنيا جو ذڪر تون پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪندي آهين، خدا ڪري ته اُها سڪون بخش جنت دنيا جي ڪنهن حصي ۾ موجود هُجي، پر منهنجي ننڍڙي افسانا نگار، جتي تون ۽ مان رهون ٿا، اِها دُنيا آهي تلخ ۽ پٿر جهڙن سخت حقيقتن جي دنيا. هن دُنيا ۾ ماڻهون تنهنجي افساني جي ڪردارن وانگر ستارن جڙيل پينگهن ۾ ڪونه لُڏندا آهن، جنجون گلن واريون ڏوريون سنگ مرمر جي هٿن وارين پرين جي هٿن ۾ آهن. مينا، تنهنجي ۽ منهنجي دنيا جا اِنسان حياتيءَ جي مُٺِ ڪٺڪ کي غم ۽ مصيبتن جي جنڊ ۾ پيهي رهيا آهن. هُنجا هٿ زخمي آهن- روح ٿائين ۾ ڦوڪٽا ۽ ڦٽيل آهن. ڪوشش ڪر، ڪوڙو سهين، ڪمزور ۽ غير يقيني سهين، آسرو ۽ سهارو ڏئي سگهين.

خيام

خط پڙهي هنکي ائين لڳو، ڄڻ ڪنهن نڙيءَ ٿائين زهر پري چڙهيو هُجي. ته هيءَ هئي زندگي؟ ۽ هوءَ ڇا ڇا سوچيندي هئي، وڏن وڏن ايوانن ۾ ڦرندڙ شهزاديون، جن جو ذڪر هوءَ ڏاڍي ارمان سان پنهجن افسانن ۾ ڪندي هئي، بهادر خوبصورت مضبوط شهزادا. جيڪي لوهي قلعن جا دروازا ڀڃي، شهزادين کي ارمانن ۽ تمنائن جي گهوڙي تي ويهاري، هوا تي وهندا هئا. اُن ڏينهن....

اُن ڏينهن، سڀ ڪيڏا حقير، ڪيڏا بي معنيٰ لڳا. شهزاديون بي جان ڪپهه جي گڏين وانگر ڪنڊ ۾ ڪريون پيون هيون. شهزادن جا هٿ ڪٽجي ويا هئا ۽ ارمانن جي گهوڙي جي پيرن ۾، هزارين ڪنڊا چڀجي ويا هئا، 'مينا مخفي تون ايڏا ڏينهن ڪٿي هئين'؟ هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو— 'تون ته پنهنجين ڪهاڻين کي شاهڪار سمجهندي هئين؟ تو کي ته اِهو احساس ڏياريو ويو هو، ته تنهنجيون ڪهاڻيون زندگيءَ سان ڀرپور آهن، پوءِ، اڄ.... خود تو کي پنهنجي هر ڪهاڻي بي گور و ڪفن لاش ڇو ٿي نظر اچي؟'

خيام جي خط جو هن ڪو جواب نه ڏنو. پر ڏسندي ئي ڏسندي هنجي قلم ۾ ڄڻ بجلي ڀرجي وئي. هنجي هر ڪهاڻي بي وس عورت جي فرياد هئي، مجبور مرد جي پڪار- معصوم ٻار جو

سڏڪو ۽ زخميءَ جي بيتابي هئي. ڪنهن ۾ رات جي تاريڪي بعد نڪرڻ واري پرنور ـسج جي خوشخبري هئي، ۽ ڪنهن ۾ سڏڪندڙ پار ڪي سيني سان لڳايو ويو هو. سڀ حيران هئا، چند ستارن جي دنيا ۾ آهستہ خراسيءَ سان هلندڙ نازنين کي سنگلاخ رستن تي ڪنهن ڇڏيو هو؟ گلن سان ڳالهيون ڪندڙ جا هٿ اوچتو ڪنڊن تي ڪيئن وچي پيا هئا؟ ڪنهنکي ڪـي خبر نہ هئي، خود هنکي اِهو احساس ڪونہ هو تہ هنجي دنيا ۾ ۽ عظيم ڦيرو ڪيئن آيو؟ احساس ٿيو تہ اُن وقت، جڏهن هن پنهنجو پاڻکي ڍير رسالن، ڪتابن ۽ اخبارن جي انبار ۾ دپيل ڏٺو، اُنهن سڀني جو هڪ مخصوص ڍير هو.

”تہ اِهو تون آهين خيام.“ هن ڏکهو ساهہ کڻي پنهنجو پاڻکي آهستي چيو.

ڪنڊ ڪڙڇ کان هنکي تعريفي- تنقيدي خط ملي رهيا هئا، پر جنهنجو هنکي انتظار هو.... اُهو....، آيو.... تہ چند لفظن جو مجموعو، هن اکيو هو:

ميناء، پنهنجي اصلي مينا تہ هاڻي آئي آهي. ميدان ۾ . منهنجي آواز ۾ آواز ملايو اٿئي، مهرباني. خيام

اهو خيال تہ هنکي ڪڏهن آيوئي نہ هو، تہ لاشعوري طور تي هوءَ خيام جو پڙاڏو بڻجي چڪي آهي. خيام نظم جي باهہ کڻي آيو هو، تہ هوءَ کهاڻين جا تاندا ـوجهي ـوجهي اُنکي پڙڪائي رهي هئي. هڪ راهہ هئي، هڪ تمنا، هڪ جوش، فقط ويسلي ۾ ٿورو گهڻو فرق هو.

هنجي شهر ۾ مشاعرو هو. هوُاهڙن ميڙن ۾ ڪڏهن شرڪت نہ ڪندي هئي. پر اُن ڏينهن.... اُن ڏينهن ڪا غيبي طاقت، ڪو نامعلوم جوش، هنکي ڇڪي پنڊال تائين وٺي آيو هو، اندران ماڻهن جو دپيل دپيل شور ۽ پڙهڻ واري جو نرم پر پرجوش آواز، مائيڪ جي لهرن تي سوار، ٿڌي هوا جي هلڪي شور ۾ تري رهيو هو. هوءَ پاهر ئي بهيي رهي. ماڻهن جو شور هاڻي گهٽجي ويو هو- فقط هڪ آواز هو. هڪ پڪار هئي، ۽ هنکي پنهنجو ـجو وجود اُن آواز جي لهرن ۾ تحليل ٿيندو محسوس ٿي رهيو هو. مشڪل سان هن

پنهنجن اندر جي آواز دٻايو، ’نون ڇو آئين مينا، تون ڇو آئين. تو کي خبر هئي ته اڄ هو هتي ايندو، پوءِ به تون هلي آئين ته ۾ـ هنکي ڏسڻ جي همت آهي؟ هن سڏڪي فرياد ڪئي ’نه.... نه.... خيام.... خيام....‘

”مينا، تون مينا ئي آهين نه؟“ ڪو بلڪل هنجي ويجهو بيٺو هو. هنکي خيال ئي نه رهيو هو ته هوءَ هت ڪيتري دير کان سرد هوا ۾ بيٺي هئي.

”تون هتي ڇو بيٺي آهين مينا؟“ خيام جي سانوري گرم هٿ ۾ هنجو ننڍڙو سرد هٿ آهستي آهستي ڏڪي رهيو هو. خيام هنجي هٿ کي هڪ لمحي لاءِ نه پر سڄي عمر جي لاءِ جهليو هو.

جڏهن هوءَ هنجي گهر ۾ آئي ته خيام نهايت شرمندگيءَ سان ڇيو هو.

”مينا، منهنجي زندگي ڏاڍي بي ترتيب آهي، تنهنجي آرام ۽ آسائش جي ڪابه شي ته هتي موجود ڪانهي. نه خوبصورت گهر، نه آرام ده فرنيچر، بس هڪ ڪارو بدصورت خيام ۽ انجا هي بيجان ساٿي.“

”خيام، ڇا مان ايتري ئي بيوقوف آهيان؟“

”ڇا مطلب؟“

”تون جو پلا مونکي آرام ۽ آسائش جي محروميءَ جو احساس ٿو ڏيارين، ته انجو مطلب اهو نه آهي ڇا، ته مان انهن بيوقوفن مان آهيان، جن جون اکيون فقط سون جي چمڪ تي کلن ٿيون ۽ جيڪي فقط ظاهري حسن ڏسڻ تائين محدود آهن.“

جلد ئي هن خيام جي بي ترتيب زندگيءَ ۾ خوشگوار ترتيب آڻي ڇڏي، خيام کي تڏهن احساس ٿيو، ته مينا جي قلم ۾ ئي نه، هٿ جي هر جنبش ۾ سليقو ۽ نفاست آهي.

خيام چوندو هو. ”مينا تون جلد ئي تنگ اچي ويندين. ٿوري ئي وقت ۾ تو کي احساس ٿي ويندو، ته زندگيءَ جي هن طويل سفر ۾ تو منهنجو ساٿ ڏئي غلطي ڪئي آهي، ڏس مان سڄو ڏينهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته راتيون به ٻاهر رهانٿو، تون اڪيلائيءَ ۾ تنگ ٿي

ويندي هوندين؟"

هوءَ ڪاوڙجي ويندي هئي، تون ۽ مان ته هڪ ئي رستي جا مسافر آهيون، تون ڪنهن طرح ـ ڪنهن صورت پنهنجي اردگرد جي بي زبان مظلوم انسانن جو آواز بڻجين، ۽ مان.... مان.... فقط تنهنجي همت ئي وڌايان."

هنجي معمولي سوٽي ڪپڙن کي ڏسي هنجو پيار جاڳي پوندو هو. "مينا، هن دفعي پگهار ملڻ سان ٻه ٽي ريشمي وڳا تنهنجي لاءِ ضرور اچڻ گهرجن، منهنجي هيءَ ٻهاري مومل ته پٽ حرير پائي ها، پر ويچاري نصيب ۾ آئي هڪ جرنلسٽ جي جهڪ...."

"بس، نهيو هاڻي. گهڻي ٿي خوشامد. پئسا سدا مون وٽ ايندا، مونکي ڪيترئيون ضروري شيون وٺيون آهن. تنهنڪانسواءِ هن دفعي پليز مونکي جامي جي ڪتابن جو سيٽ ضرور آڻي ڏي. مونکي هنجي افسانن تي نوٽ پڙهڻو آهي نه؟ هونءَ ته خير لائبريريءَ تان يا خود جاميءَ ڪان گهرائي به ڪم هلي ويندو، پر ڏس نه خيام، پنهنجي شيءِ پنهنجي آهي، هون؟ ڇا خيال آهي؟" هنجي لهجي ۾ پيار پرجي ويندو هو. خيام دل ئي دل ۾ ٽڙي پوندو هو، جاميءَ جي ڪتابن جو سيٽ هو ڪيتري عرصي کان خريد ڪرڻ جو خيال ڪري رهيو هو، پر هميشه ڪو نه ڪو وڏو خرچ نڪري ايندو هو، پنهنجي دل جي ڳالهه مينا کان بڌي ٽڙي پيو. "پر- تنهنجا ڪپڙا؟"

"آهن ته سهين"، هن پنهنجي معمولي پرنٽيڊ ڪاٽن جي سلوار ۽ چاريءَ جي رئي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"پر.... مينا.... اِها حسرت ئي رهي، ته ڪڏهن تون به مونکي نائلان جي ساڙهي آڻڻ لاءِ چوين يا ڪنهن بي آرائش جي شيءِ جي فرمائش ڪريز." هن واقعي حسرت سان چيو، هنجي اداسي محسوس ڪري هوءَ خوش‌مزاجيءَ سان کلڻ لڳي.

"واهـ واهـ، جناب خيام صاحب. بس ايترو ئي هو سڄو جوش ۽ خروش؟ غربت کي، بک کي پنهنجي دنيا مان پڇاڙڻ وارا انسان، ڇا توهان جهڙائي هوندا آهن؟ ڇڏيو ڪجهه. ٿورو خيال نه ڪر، جناب ويٺي آهي مينا راڻي. چهرو پينٽ ڪري، چپ ڳاڙها ڪبوتر

ڪري، اڪين ۾ ڪنهنجي نصيب جي ڪارڻ جا ليڪا ڪڍي ڏادي ٿهندس نه؟ خيام تو ڪي ميناڪپي جا ميڊورا آف لنڊن يا ميڪس فيڪٽر جو دڪان- هون؟"

"مينا، فقط منهنجي ساغرو مينا."هوشرمندو ٿيي، بيوقوفي مان ڪلڻ لڳندو هو.

وقت ثابت ڪري ڇڏيو هو ته مينا هنجي صحيح راهبر هئي. هنجو اِهو خيال ته مينا آخرڪار هڪ جذباتي ڇوڪري ثابت ٿيندي، آهستي آهستي بدلجي رهيو هو ۽ جنهن ڏينهن، هو پنهنجي پرچي جي رائلٽي وٺي آيو، ان ڏينهن، مينا جي ڇهري تي خوشين جا رنگ ڏسي ته بلڪل ئي حيران ٿي ويو. ايتري خوش ته هوء بابر جي چمڻ تي به نه ٿي هئي.

پرچي جي نالي رکڻ وقت هنن ۾ خاصو تڪرار ٿيو هو. مينا چيو هو، "هنجو نالو 'رُباعي' هئڻ گهرجي، خيام جي رباعي."

"معاف ڪجو، اسان حضرت خيام جي زماني ۾ نه آهيون، جڏهن شينهن پڪري گڏ پرنر ڪائيندا هئا، غلطي سان نالو ماڻتن خيام رکيو، پر هي وقت 'رباعي' ڇوڙ جو نه آهي مينا رائي. هي ته 'ساغر' آهي جنهن ۾ اسانجو رَتمتُ پريل آهي. 'مينا و ساغر.'" هو ٿورو شرارت سان کليو، هوء چِڙي پئي.

"بلڪل نتو ٿهي. صاف عياشي ٿي بڪي لفظ 'ساغر' مان."

آخرڪار فيصلو اهو ٿيو، ته سيني دوستن کان مشورو ورتو وڃي. مينا کي اُن ڏينهن ڏادي ڪاوڙ لڳي هئي، جڏهن زياده تر 'ساغر' جي موافقت ۾ خط آيا هئا، هُن ته چئي ڏنو، "بلڪل بي ايماني ڪئي آهي خيام تو، ضرور اِنهن کي پهرين ئي پاڻ سان ملائي آيو هوندين."

آنجي باوجود جڏهن 'ساغر' جو پهريون پرچو هنجي هٿن ۾ آيو، ته ڇڻ هوء خوشيء ۾ ڇري ٿيڻ لڳي هئي.

"اج، منهنجا خواب سچا ٿيا آهن خيام، اسانجي خاموش جذبن کي حقيقي زبان اج ملي آهي. جيڪو خواب تو مونکي ايترا سال اڳ ڏيکاريو هو، آنجي تعبير اج منهنجي هٿن ۾ آهي. مان ڪيتري خوشقسمت آهيان خيام- مون جيڪي چاهيو، مونکي آنکان

وڏيڪ ملبو.‘ ڪاريون راتيون ڪيڏانهن گمُ ٿي ويون آهن. خيام مونکي نه سڄي دنيا روشنيءَ ۾ نظر اچي رهي آهي.“

”ٿهمينا، ٿهمينا.“ ڪِرو، سخت مردانا آواز آهستي آهستي ويجهو اچي رهيو هو.

”تون اڃان اُٿين ٿي سُتي پئي آهين. توبهه، مان هڪ عورت مان اچي ڦاٿو آهيان، رُڪو پئي جهونا کائي. جيڪي ڪم هنکي ڪرڻو آهي، اهو به مان ڪريان.“

جلدي جلدي وارن کي ٻڌي هوءَ اُٿي کڙي ٿي. هوائن جي ٿڌاڻ ۽ خوشبو يڪلخت گمُ ٿي وئي هئي. تيز بدبودار لوساڻيندڙ جهونڪو ڄڻ هنجي ناسن ۾ گهڙي ويو.

”سڄو ڏوهه اِنهن ڪتابن جو آهي، جيڪي سڄو ڏينهن پڙهي پڙهي تون پنڪيون پئي کائين.“ هنجي مڙس سيٺ عبدالقدوس ڪاغذ والا، پيار پري دڙڪي مان چيو، ”اُٿ جلدي تيار ٿي.“

سامهون پلنگ تي هنجي ڏيڍ هزار رپئي واري ساڙهي ۽ ڏهن هزارن جو اصلي موتين جو سيٽ پيو هو ۽ سيٺ صاحب کي دروازي وٽ هنجو پٽ چئي رهيو.

”بابا، امان مونکي زوريءَ ٿي اجاهو پڙهائي، مان ڪتاب ڪونه پڙهندس، مان نه ڪتاب وڪڻندس. پوءِ پاڻ ڪروڙپتي بڻجي ويندا سين.“

’نه ڪو ساغر هو. نه ڪو خيام ـــ نه بابر.‘

اکين ۾ ايندڙ بي اختيار گرم گرم ڳوڙهن تي ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا وجهندي. ٿهمينا، سيٺ ڪاغذ والا ۽ ماسٽر ڪاغذ والا جا ٿهڪ ٻڌا.

ڪراس

بيضوي گول ۾ پنهنجي پاسي ڪلنڊڙ دروازو کولي، ڪنول اندر ۾ ڏاڪا لٿي، ٿئي ڏاڪي تي بيهي ٿو رهي. چئني طرف چاندوڪي آهي، فقط چاندوڪي. سڀ شيون، سڀ ماڻهو، سڀ، سڀ ڪير ۾ سنان پيا ڪن. هال جي فلور تي چاندوڪي وڇائي پيئي آهي ۽ ڇت مان چنڊ نما بلب چاندوڪيءَ جي بارش وسائي رهيا آهن.

هو هڪ منٽ لاءِ سامهون ورانڊي طرف نهاري ٿو، جو رنگ به رنگي پوشاڪن سان ڀڀو پيو آهي. هنڪي اٽڪل سڀ چهرا ڏٺل وائٺل ٿا لڳن ۽ هو ٿورو دماغ کي زور ڏئي ياد ڪري هنن کي سڃاڻڻ ٿو چاهي.

”هاءِ، ڪنول.“

هو ڇرڪ پري پنهنجي ساڄي پاسي نيهاري ٿو ۽ پاڻکي ڪيڪارڻ واريءَ ڏانهن نهاريندوئي ٿو رهي. سندس اندر ۾ هڪ ننڍڙي ’هاءِ‘ اڀري ۽ اتيئي دٻجي ٿي وڃي.

”ڊونٽ يو ريڪگنائيزمين. آءِ ايم روزي، روزي هان.“

روزيءَ جون پاڻهون اکيان ڦهلجي، ترپون کلي، ڪنڌ اکيان ۾ ڪمر ٿورو ہوئتي ويئي هلي آهي، ڇو پنهنجي پنهنجائپ جي پوري پوري واقفيت ڏئي رهي آهي.

ڪنول جون خالي نگاهون روزيءَ جي چهري تي ڄمي ٽيون وڃن ۽ سندس ساڄو هٿ پش بٽڪ ڪرسيءَ جيان اکتي وڌي ٿو اچي ۽ ان سان گڏ روزيءَ جو هٿ ڏاڍي اتاوليءَ سان اچي ٿو ڪنول جي هٿ سان ملي.

”ٿئنڪ، گاڊ يو هيو ريڪليڪٽيڊ.“ ۽ روزيءَ جا لپسٽڪ لتل چپ گلاب جي گل جيان اٽڙي ٿا پون.

”مان سمجهان ٿي، ستن اٺن سالن کانپوءِ مليا آهيون.“

”هون.“

سامهون فلور تان ٻه اسڪرٽ ۽ بلائوز ترندا ٿا وڃن.

”چڱو هلو.“ ۽ روزي ڪنول جو هٿ جهلي چڻ ڪيس گهليندي گئلريءَ هيٺان وٺي ٿي اچي. ڪيئن جوان ۽ حسين چهرا مسڪرائي رهيا آهن.

”ڪابه سٺي ٽيبل خالي ناهي،“ روزي پڇڪي ٿي. هنجو پڇڪو آرڪيسٽرا جي سنگيت ۾ دٻجي ٿو وڃي. ”هلو هن ٽيبل تي ٿي هلون.“ ۽ روزي پت لڳ ڪولر جي پرسان واريءَ ٽيبل طرف ٿي وڃي. ڪرسيءَ تي وهندي وهندي ڪنول کي چوي ٿي، ”ويهه نه.“

ڪنول روزيءَ طرف هڪ ڀيرو نهاري ۽ آهستگيءَ سان ويهي ٿي رهي.

۽ روزي هڪ ڀيرو ڪنول کي ڀرپور نگاهن سان ڏسي ٿي، ۽ ڪلي ٿي ڏئي، ۽ سندس ٽهڪ آرڪيسٽرا جي لئه ۾ لئه ٿي ويو.

هڪ ڇوڪري اچي ٿي روزيءَ جي سامهون بيهي. ماٺ ئي ماٺ ۾ ڄڻ ڪجهه نياپو ٿي ڏئي يا هنجي اچڻ سان ئي روزي سمجهي ٿي وڃي.

”ايڪسيوز مين ڪنول،“ ۽ روزي اٿي ٿي بيهي. هلندي هلندي چوي ٿي. ”جسٽ ڪمنگ.“ ۽ ڪنول روزيءَ کي ويندي ويندي ڏسندو ئو رهي. روزي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، تڏهن به اُن طرف ۾ نهاريندو ئو رهي.

پنيان روزي اچي ڪنول جي ڪلهي تي هٿ ٿي رکي ۽ ڪنول ٿورو مڙي پنيان ٿو ڏسي. سندس وات مان فقط هڪ هلڪي ’اوه‘ ٿي نڪري.

روزي ڦري ڪرسيءَ طرف ٿي اچي ۽ وهندي وهندي ڪنول طرف هڪ گهڙيءَ نظر سان نهاري ٿي.

”ڏاڍو اپسيٽ آهين؟“

ڪنول جون آڱريون ڄڻ سگريٽ ڪيس ۾ ڄمي ٿيون وڃن ۽ انهن ۾ پگهر اچي ويو آهي. آهستي آهستي آڱريون ڄڻ کسڪڻ ٿيون.

هو چوي ٿو، "نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي."
"پوءِ ڳالهائين ڇو نه ٿو."
سمنڊ ۾ ڇڙ هڪ ولولو پيدا ٿيو. ڪنول جي اندر مان ڪجهه آيريو ۽ ڪولر جي نارمل ڳڙ ڳڙ وڏي ڳڙڳڙاهٽ ۾ بدلجي ٿي وڃي.
روزي هڪ دفعو ڪُولر طرف نهاري ٿي ۽ پاڻ ڏي ٿي چوي، "شايد خراب ٿي پيو آهي." ۽ ڪُولر جو آواز وري نارمل ٿي ٿو وڃي.
"ڇا پيئنديئن؟"
'ڪجهه به نه' ڪنول جي دل ۾ جواب اڀري ٿو، پر زبان مان ٻاهر ڪونه ٿو نڪري.
"برانڊي، وسڪي، رم، جن، بيئر، ڇا؟" ۽ ڪنول ڏي نهاري کلي ٿي ڏي.
ڪنول ڇڙ ڪجهه ٻڌو ڪونه ۽ روزيءَ جي آرٽيفيشل گهريون ٽيل، پرن ڏي نهاري، هنجي ٿهڪ مان پنهنجو خالي ٿهڪ ملائي ٿو ڇڏي.
"منهنجي خيال ۾ رم ٺي هلندو،" ۽ پرسان آيل بيئرر کي پاڻ طرف اشارو ڪندي چوي ٿي، "ٻه پيگ رم." ۽ بيئرر هليو ٿو وڃي.
"ڪجهه ته ڳالهاءِ نه،" ۽ وري کلي ٿي ڏئي. "ڪيئن ستن اٺن سالن بعد گڏيا آهيون نه؟" وري ساڳيو سوال دهرائي ٿي.
ڪنول روزيءَ جي چهري ۾ نهاريندي رکو هلڪو مسڪرائي ٿو ڏئي.
بيئرر پيگ رکي هليو ٿو وڃي. ڪنول گلاسن جي گهري ناسي رنگ کي ڏسندو ٿو رهي. لائوڊ اسپيڪر تي آواز ٿو اچي، "مس روزي، مس روزي ازر ڪوائرڊ." سڀني جون نگاهون هڪ ٻئي جي ٽيبلن ڏانهن کڄي ٿيون وڃن. ۽ روزي مسڪرائيندي اٿندي اٿندي چوي ٿي، "ڊونٽ مائينڊ ڪنول." ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو آرڪيسٽرا گئلريءَ طرف هلي ٿي وڃي. ڪن بعد روزيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

هوءَ پروگرام ٻڌائي رهي آهي.

ڪنول جون نگاهون اڃان تائين ان گهري رنگ ۾ ڇميل آهن، روزي موٽي ٿي اچي، وهندي چوي ٿي، ” هاٿي نه هڏيندا.“ ۽ گلاسن ۾ سوڊا ٿي اوتي. گلاسن ۾ هڪ آيام اڇي ٿي ۽ گلاس جا ذرا ذرا هيٺان ڪان مٿي کڄن ٿا ۽ ان بعد گلاسن جو رنگ هلڪو سانورو ڳاڙهو ٿي ويو آهي. ڪنول جون نگاهون اڃا به گلاسن ۾ ڇميل آهن.

روزي گلاس کڻي ٿي، ڪنول اڃا به فقط گلاس ۾ گهوري رهيو آهي، روزي ڪنول جي هٿ ۾ گلاس ڏيندي پڇي ٿي، ”آهين ڪهڙيءَ دنيا ۾!“ کلي ٿي ڏئي. ڪنول به گلاس هٿ ۾ جهليندي کلي ٿو. ائين ٿو لڳي ڪنهن ’هالو، جڳهه‘ تان ڪو پڙاڏو اٿيو آهي. ”چگو چيئرس.“ روزي ڪنول جي گلاس سان گلاس ڇهائي ٿي.

گلاس چپن تائين اچن ٿا ۽ ڪنول هڪ ئي ڪيٽ ۾ سڄو گلاس خالي ڪري ٿو ڇڏي. روزيءَ جون حيرت آميز اکيون ڪنول جي چهري ۾ ڄمي ٿيون وڃن.

ڪنول جي دل ۾ ڪجهه اڀري ٿو ۽ ڪولر جو آواز اڀري ٿو اچي: گڙگڙ.... ڪنول زور سان ماچيس تي تيلي ٿو گهڻي.

روزي ٽهڪي ٿي، ”امتل سيمر ائبنارمل.“

ڪنول رکو هنجي لڏندڙ چپن کي ڏمي ٿو.... بيئرر هڪ پيگ پيو رکي وڃي ٿو.

روزي ڪنول طرف نهاري رهي آهي. ڪنول جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ سگريٽ دکي رهيو آهي.

”ڪنول تو شادي ڪئي آهي؟“

هڪ ٽهڪ اڀريو. جيئن نتل ريگستان ۾ ڏکل ۽ چڙيل. لائوڊ اسپيڪر جي پڙدي مان ڪامينٽري ڏيندڙ جو مٺو ۽ مڌر آواز ڇٽي ڇٽي نڪري رهيو آهي. ڪرسيون خالي ٿينديون ٿيون وڃن ۽ فلور پرجهندو پيو وڃي.

”ڪمان.“ روزي اٿي ٿي بيهي. ڪنول هڪ نظر هنن ڏي

ٿو نهاري، جڻ چوندو هجي: ”چڏي ڏي، اڳيان هڪ خوبصورت جوان ساڻ گڏ هڪ ٽلان جي جوانڙي لنگهي ٿي وڃي.“ ”ڪمان“ روزي ڪنول جي هٿ کان پڪڙيندي چوي ٿي، هنجي آواز ۾ آدا آهي ۽، ڪي هلڪو زور ڏيئي ’ساڻ‘ ڪي ڏاڍو ڏکيو ڪري ويئي آهي.

فلورتي ڪئين حسين جسم آرڪيسٽرا جي لهرن ساڻ گڏ ترن پيا. خوشبودار ساه هڪ ٻئي جي جسمن ۾ سمائجا پيا وڃن ۽ ڇڪا ڪنن تائين پهچندي پهچندي ختم ٿيندا وڃن. انهن جا جواب آهن نه رڳو اکين ۾ يا چپن جي مسڪراٽ هن ۾.

”ڪنول.“

”هون.“

”تو کي ياد آهي؟“

....

”پنهنجو آهو فائينل ايئر هو.“

ڪنول فقط روزيءَ جي اکين ۾ اُبري آيل چمڪ کي ڏسي ٿو.

”۽ منهنجو آهو ڪاليج ۾ آخري ڊانس هو. تو پنهنجي هٿ ڏرمي قائم رکي، نه آئين ۾ مان.... ساڻ اسٽيج تان لهڻ شرط بنا ميڪ آپ لاهڻ جي، اُن راجستاني ڊريس ۾ تنهنجي گهر آيس ۽ تو ڪيڏو نه ڪولبريسانز ڏنو.“ ۽ روزي خاموش ٿي ٿي وڃي. هنکي لڳي ٿو. آرڪيسٽرا بند ٿي ويئي آهي، ساه، رڪجي ويا آهن، پٽڪڻ بند ٿي ويو آهي.

ڪنول کي لڳي ٿو هنجو هٿ پڪوڙجي رهيو آهي.

فلور خالي ٿي ويو آهي.

ٽيبلس به خالي ٿينديون پيون وڃن. ڪنول پيگ مٿان پيگ پنهنجي اندر ۾ اوتيو آهي. روزي ڪيس پنهنجي نرم گداز ٻانهن جو سهارو ڏئي ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهي، سندس گهر ۾ پلنگ تي سمهاري ويئي آهي.

”سي ڪنول.“ ڪنول جي ڪنن کي پنهنجي نالي جو ڇُهاءُ محسوس ٿو ٿئي ۽ اُن ساڻ گڏ خرد به خودا سڪوٽر جي ڪلچ

ڊيڄي، گيئر بدلجي ۽ بريڪ لڳي ٿي وڃي ۽ اسڪوٽر بيهي ٿو رهي.
”هاءِ، ڪنول.“ روزي سهڪي رهي آهي.
”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ روزي اڄان به سهڪي رهي آهي.
”ڪيڏانهن به؟“
”ڪاليج نه ويندين؟“ ڪنول جي ڀريل لکنوي ڪڙتي پائجامي کي ڏسندي ٿي چوي.
”شايد.“
”ته هلو ته ڪنهن ٿي هلون.“
ڪنول جي دل ۾ ’نه‘ اکر پنهنجو آڪار ٺاهي ٿو، گلو ان کي آواز نٿو ڏئي سگهي ۽ روزيءَ جي مسڪرائيندڙ منهن ۾ ڏسندو ٿو رهي.
بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي روزي پٺيان ويهي ٿي رهي.
اسڪوٽر بنان ڪنهن منزل جي، ڪنيءَ جي پرن جيان هلڪي ڦڙ ڦڙاهٽ ڪندو ڊوڙي رهيو آهي. سوائي مانسنگهه هاءِ وي، مرزا اسماعيل روڊ، پنج بتي، ڀڳوانداس روڊ، چڪرو، سيڪريٽريٽ، محل هوٽيل، يونيورسٽي.... سيسوديا گارڊن ۽....
ڪيڏانهن وڃنو آهي، ڪجهه به پڪ نه آهي آسمان ۾ ڪيڏي سهڻي گهاٽيون گهٽائون اينديون ٿيون رهن ته ڪيڏي مهل تيز آس.
ڪنول؟.... ڪيڏانهن هلُ نه.“
”ڪيڏانهن؟“
”پري پري.“
’اِهو ته مان به چاهيان ٿو، پر تون ڇو اچي گڏي آهين.‘ ڪنول ڪچي ڪونه ٿو. اسڪوٽر پنهنجو پاڻيهي هڪ طرف ٿي وڃي.
شهري ايراضي پٺ تي رهجي ويئي آهي، اسڪوٽر جي اسپيڊ .... ڦڙ ڦڙ هڪ ليڪ جيان پڌري ۾ پئي اچي.
”ڪنهن ڪان پڇي رهيو آهين؟“
اسڪوٽر جي نسن ۾ پيٽرول جو سرڪيوليشن، ڦيٿن ۾ ڦڙني.
”آخر ڪير پٺيان پيو ائيٽي؟“ آواز کي ڪلبل هوا پاڻ سان گڏ پٺتي ڪٽي ٿي وڃي.

موڙ وٽ گيئر بدلجڻ جو ڪٽڪو ٿئي ٿو ۽ اسڪوٽر اڌ پاسيرو مڙي ٿي وڃي ۽ ان سان گڏ گيئر بدلجڻ جو وري ڪٽڪو ٿئي ٿو.

روزيءَ جو اسڪارف مٿي تان کسڪي، ڪنڌ جي گرد ڦڙ ڦڙائڻ لڳو آهي، جڏهن انسان لٽي پوندو آهي، تڏهن ائين پڄڻ شروع ڪندو آهي. ڪنول ڪجهه به ڪونه ٿو ٻڌي ۽ روزيءَ جو هٿ ڪنول جي ڪلهي ۾ اچا به مظبوطيءَ سان چمي ٿو وڃي ۽ اسڪوٽر جي ڦڙ ڦڙ جي ليڪ اچا به ڊگهي ٿي ٿي وڃي.

هامي دروازو پار ڪري قلعي جي اندرئين دروازي وٽ اسڪوٽر هڪ زبردست جهٽڪي سان بيهي ٿو رهي.

روزي وري پنهنجو سوال دهرائي ٿي، ”ڪنهن ڪان پڇي رهيو آهين؟“

اندر جي گهراين سان هڪ جواب اچي ٿو. ’ڪنهن ڪان به نه، پنهنجي پاڻ ڪان.، ڪنول اکيون کڻي کليل آڪاش ڏانهن نهاري ٿو. جنهن ۾ ڪاريون گهٽائون هڪ جهنگل، گاٽي جهنگل جو روپ ڌارڻ ڪري بيٺيون آهن. جنهن جهنگ ۾ آپس آهي، گهٽ آهي ۽ ڪنول ايترو ٿو چوي، ”ڪنهن ڪان به نه.“ ۽ دروازي طرف وڌي ٿو وڃي.

اندر ڪيترائي ديشي ۽ وديشي جوڙا ڦري رهيا آهن، ڪندن گرد گائيڊس پرڪرمائون پيا ڏين.

ڪنول ٽڪڙو ٽڪڙو چاڙهيون چڙهي ديوان عام ۾ پهچي ٿو وڃي. روزي پٺيان رهجي ويئي آهي، هوءَ به هنجي پٺيان پٺيان هلي ٿي. سندس سئنڊل جي ڪڙين جي ڪِٽ ڪِٽ جو آواز پڙاڏو بنجي ائيو آهي ۽ روزي ڪنول جي اکيان پهچي هڪ ڊگهو ساه ٿي کڻي.

سيني جو ڏيان ڪنول ۽ روزيءَ طرف ڇڪجي آيو آهي. به يورپين جوانڙيون هنن طرف نيهاري کلي ٿيون ڏين ۽ هنن ڏي ڪجهه اشارو ڪري پاڻ ۾ ڳالهائين ٿيون. روزي ڪٽ ٿي فيل ڪري، پر تنهن هوندي به الائي ڇو کيس آهي وڻن ٿيون.

هو ٻئي ڪلنديون هنن جي پرسان لنگهي ٿيون وڃن. روزي چئني طرف نهاري ٿي ۽ وري مڙي هنن طرف نهاري ٿي.

ٽنهين طرفن ڪان هوا گهوگهٽ ڪندي اندر گهڙي ٿي اچي ۽ ان ۾ چوڪي اڪر گونججي ٿا اٿن. ”تو ڪي ڪٿي ڪا خوبصورتي نظر ڪانه ٿي اچي؟“

”ڪٿي به نه.“ هو چوي ٿو.

پنهنجي آواز جي ڌهڪاءَ ڪان خود به گهٻرائجي ٿو وڃي. روزيءَ جا پورا پرون چڪجي ٿا وڃن. هو يورپين ڇوڪريون مڙي هنن طرف عجيب عجيب نظرن سان ڏسن ٿيون ۽ هو خود ڪنڌ مٿي ڪٽي دڳهيءَ ڇت طرف نهاري ٿو.

روزي مسڪرائي پڇي ٿي، ”ڇو، ڇا آهي؟ تنهنجي دل ۾ ڪجهه آهي!“

ڪنول ڪجهه به ڪچي نٿو. فقط سگريٽ ڪيڏي چپن جي وچ ۾ جهلي، ڪنڌ هيٺ ڪري دکائي ٿو.

روزي هڪ ٿهڪ ڏئي کلي ٿي. ”آن رئيل.“

ڪنول روزيءَ جي اکين ۾ نهاري ٿو، ۽ هوءَ اڃان به ڏاڍي کلي رهي آهي— ”ڪنول، تنهنجي هن رَجيءَ جو ڇا ٿيو؟“ اوچتو اوچتو ئي روزي پنهنجي کل روڪي پڇي ٿي.

ڪنول سگريٽ پٽ تي ڦٽو ڪري مٿس موجڙيءَ (جتيءَ) وارو پير ڏئي اُن سان ڇچري ٿو ڇڏي.

روزي اُن سگريٽ ڏي نهاري ٿي. جنهنجو پنو هڪ ڇيڙي کان ڦاٽي ٻئي ڇيڙي طرف وڌي ويو آهي ۽ اُن جو تماڪ، اُن بند ڇيڙي کان وٺي سوڙهي مان ويڪرو ٿيندو فرش سان چڙ چنبڙي ويو آهي. روزيءَ کان هڪ گهرو ساهه کڄي ويو آهي.

ڪنول جهروڪي مان ٻاهر نهاريندو ٿو رهي. روزي اُٿي وڌي هنجي ڪلهي تي هٿ رکي چوي ٿي، ”ڪنول رَجيءَ تو کي چاهيو ٿي. پر پهرين تنهنجي حرڪتن مان تنگ ٿي ۽ پوءِ تنهنجي پنبيان سيني ڇوڪرين جي نظرن مان. هن سوچيو ٿي نه تون اهڙو سستو نه آهين جو هر ڪا ڇوڪري تو سان ڳالهائي سگهي ۽ تون

هنن جي سامهون پيار جي اظهار جو ناٽڪ ڪرين. پر تون ضدي. حقيقتن کي نه مڃيندڙ....“

ڪنول بنا ڪجهه جواب ڏيڻ جي اندريءَ وراندي طرف وڌي ويو.

روزي هن ڏي نهاريندي ٻيهي رهي ۽ ٻڌڪي ٿي. ”يو لاسٽ يوئر پيرادائيز.“

شيش محل ۾ پنهنجو ۽ ڪنول جو عڪس پسي. ڪنول جو هٿ ڏورو دٻائيندي چوي ٿي، ”بيوٽيفل.“

ڪنول سگريٽ لاءِ جيب ۾ پيل هٿ واپس ڪڍڻ ٿو چاهي. پر نٿو نڪري، هو جواب ڏئي ٿو. پر پنهنجو آواز ڪيس ڏي ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. شايد چوي ٿو. ”ها.“ ۽ شيش محل جو دروازو کولي ٻاهر نڪري ٿو اچي.

روزي هڪ هلڪو ٽپ ڏئي وچ واري پارڪ ۾ لهي ٿي پوي ۽ ان منجهان ڪجهه ڊيزيءَ جا گل پٽي واپس اچي ٿي ڪنول کي پهچي.

”شاديءَ لاءِ ٻي ڪا ڇوڪري تلاش ڪئي اٿيئي؟“ روزي ڊيزيءَ جا گل ڪنول طرف وڌائيندي پڇي ٿي.

آسمان جي گهاٽي جهنگل ۾ سخت باه لڳي ويئي آهي، سڀ وڻ جلي رهيا آهن ۽ اُن باه جا شعاع؛ زمين تائين پهچي رهيا آهن.

ڪنول جي قدمن ۾ تيزي اچي ويئي آهي. هڪ ڊگهي اونداهيءَ گهٽيءَ ۾ گهڙي ٿو وڃي. جنهن مان ڪنهن زماني ۾ فقط راجائون لنگهندا هوندا.

روزي هيٺ رهجي ٿي وڃي ۽ ڪنول مٿي هڪ چبوتري تي پهچي سگريٽ ٿو دکائي ۽ ان مان هڪ تمام ڊگهو ڪش ڪڍي اتي ئي ويهي ٿو رهي. ٿوريءَ دير بعد روزي به اچي ٿي اُتي ويهي. روزي ٽڪڙا ٽڪڙا ساه کڻي رهي آهي. ڳالهائي ڪير به ڪونه ٿو، فقط هوا جا گهوگهاٽ آهن. ڪنول ٻيو سگريٽ دکائي ٿو. روزي ڪنول جي چهري ۾ تڪيندي ٿي رهي.

مٿي آسمان ۾ زوردار ٺڪاءُ ٿو ٿئي. چئني طرفن ڪارا ڪارا

ڪڪر مڙي آيا آهن ۽ ڪجهه وقت لاءِ هڪ هلڪي گڙگڙ هلندي ٿي رهي ۽ پوءِ هڪ زوردار چمڪاٽ ٿئي ٿو ۽ هڪ تيز تکي ڪنار بادلن جي سيني ۾ پيهي ٿي وڃي.

اوچتو ڪنول اٿي ٿو کڙو ٿئي ۽ نه چاهيندي روزي به اٿي کيترا ورانڊا، چاڙهيون ۽ ڪمرا لتاڙيندا وڌندا ٿا رهن. ٻنهي مطلب ٻئي گڏوگڏ آهن، پر چپ چپ. سامهون محل جي آخري چوٽي وارو اونچي ۾ اونچو چبوترو ڏسڻ ۾ پيو اچي.

مٿي چڙهندي چڙهندي ڪنول جو پير کسڪي ٿو وڃي. ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان روزي پنهنجي ٻنهين ٻانهن جو سهارو ڏيئي ڪنول کي بچائي ٿي وٺي.

ڪنول جا ٻئي چپ روزيءَ جي ڪلهي ۽ ڳچيءَ جي وچين خالي نرم پولار ۾ ڄمي ٿا وڃن. ڪنول پاڻ سنڀاليندي رکو روزيءَ ڏي نهاري ٿو ۽ مٿي چبوتري تي چڙهي ٿو وڃي.

روزي سندس اڳيان اچي ٿي بيهي ۽ شرارتي مسڪراهٽ سان ٿي چوي، ”ڇو گناه ڪرڻ جي نيت اٿيئي ڇا؟“

”گناه!“ ڇڻ ڪنول جي ذهن ۾ هڪ ڌماڪو ٿو ٿئي. سندس نگاهون سامهون پهاڙ جي چوٽيءَ سان ٽڪرائجي. پٿر ۽ چٽي جي کڙ کپڙ اُس ۾ گرم پٿين ۽ فرش تان ٿيندي، روزيءَ جي نرم ۽ ملائم جسم ۾ اچي ٿيون اٽڪن. پٿر پٿر سخت پٿر ۽ هيءُ گل جهڙو جسم! سندس دماغ جون نسون ڇڻ ڇڪجي ٿيون وڃن. ڪپور جو ٿهڪ، ڪاليج جي لئبرريءَ جا ڪاٺ جا سخت ٽيبل ۽.... ۽ هڪ نفيس جسم هڪ نفيساتي گناه! نفسياتي گناه! گناه....!

روزيءَ جي چپن تي اڃان تائين مسڪراهٽ آهي، پر ان ۾ ڪوبه ڏيکاءُ، ڪابه شرارت ناهي هڪ گنڀير ۽ سچي. ”ها ڪنول. انسان فقط ٻن حالتن ۾ گناه ڪندو آهي. هڪ تڏهن، جڏهن تمام خوش هوندو آهي ۽ ٻيو تڏهن جڏهن تمام گهڻو نراش ۽ ڏکي هوندو آهي.“

ڪنول ڪجهه چوڻ چاهي ٿو، ڪيس جواب لاءِ کي لفظ ٿا سجهن ۽ اکيون ٻي مطلب خالي خالي.

”روزي هل.“ چئي سٽين آسمان مان آواز نڪتو ۽ ڪنول تمام تڪڙو هيٺ لهي ٿو وڃي.

اسڪوٽر جي رفتار ۾ ڪا به ڪمي ڪانهي ۽ بنا ڪجهه ڪڇڻ جي البرٽ جي مين گيٽ وٽ اچي ٿو بيهي. روزي لهندي لهندي چوي ٿي، ”ڪنول، مان هر وقت تنهنجي لاءِ حاضر آهيان. چڱو سڀاڻي شام جو....“

اسڪوٽر جي ڦڙڦڙاهٽ وڌي ٿي وڃي ۽ روزي هٿ لوڏيندي دور ويندڙ اسڪوٽر کي ڏسندي ٿي رهي.

اسٽاف روم ۾ ڏاڍو گوڙ آهي. ڪنول اتي ٻاهر ٿو اچي. دروازو ڪراس ڪندي، ڪپور سامهون گڏجي ٿو وڃيس. ڪنول پاڻ بچائي ڪپور کان نڪري وڃڻ ٿو چاهي.

”هاءِ ڪنول.“

هو ٻه قدم اڳتي وڌي وڃي ٿو، ”هاءِ“ هيلو چوڻ بعد هو ڪپور ۽ سندس ساٿيءَ کي ڏسندوئي ٿو رهي. جڏهن اڳتي چوڻ لاءِ ڪجهه نه ٿو سمجهيس ته مسڪرائي ٿو ڏئي.

”ميٽ ماءِ فرينڊ مسٽر ڪنا، جنهن لاءِ تنهن ڏينهن ٻڌايو ماڻ، ته هيءُ تنهنجي مس سونيءَ واري ساڳئي ڪاليج ۾ هو. هر ڳالهه سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي.“

ڪنول، ”هلو“ چوڻ سان گڏ نه ڪو هٿ ٿو وڌائي سگهي، ۽ نه ئي ڪنڌ ٿو جهڪائي سگهي. هنجي، ڪاٻي هٿ ۾ جهليل ڪتاب ۾ گرفت اجان به مضبوط ٿي ٿي وڃي.

”ڪالهه نون آئين ڪون؟“ ڪپور پڇيو.

”ها!“ ڪنول وڌيڪ ڪجهه چئي نه ٿو سگهي. سندس ڪتاب وارو هٿ چڻ سڄو پگهر ۾ آلو ٿي ويو آهي ۽ ڪتاب مان ڪا خاص گرمائش نڪرندي محسوس ٿو ڪري. هٿ مٽائڻ چاهيندي به مٽائي نه ٿو سگهي. واچ ۾ ٽائيم ٿو ڏسي. ”اوه آءِ ايم سوري، منهنجو هينئر پيرئڊ آهي.“ ۽ ڪنول بنا ڪجهه ٻڌڻ جي اتان تڪڙو هليو ٿو وڃي.

ڪپور کلي ٿو ڏئي. ”اِهو ئي اٿيئي توهانجي سونيءَ جو عاشق.

هاڻي معاملو ڪلائيميڪس تي پهچي ويو آهي."

"هاء ڪنول."

نه چاهيندي به ڪنول مڙيَ ٿو. "هاء."

پٿرايل خالي اکيون ڏسي. سوني گهٻرائجي ٿي وڃي. "ڪالهه تون آئين ڪونه؟"

ڪنول ڪجهه ڪونه ٿو، فقط هنکي ڏسندو ٿو رهي. هنجي جسم جي هرهڪ انگ ۾ چڻ هن جون نگاهون ڇيد ڪري ٽيون وڃن ۽ ان ۾ ڪجهه تلاش ڪري رهيون آهن.

"مان ٽيو ڏينهن تنهنجي گهر آيس، وري ڪالهه به پيرا آيس. ڪٿي هئين تون؟"

"ڪٿي به نه." ۽ سامهون پٽ ۾ ٽنگيل تصوير ۾ اکيون وڃي ٽيون ڪپنس. سوني به مڙي اُن طرف ڏسي ٿي. شيڪسپيئر جي تصوير. هڪ پيرو اُنان اکيون هٽائي ڪنول طرف نيهاري ٿي. ڪنول پنهنجي ڪاپي هٿ ۾ جهليل ڪتاب مضبوطيءَ سان پڪڙي هن طرف وڌائي ٿو.

سوني بنا ڪجهه مطلب سمجهڻ جي ڪتاب وٺي ٿي ۽ کولي ٿي. انجي اندرئين پهرين پيج تي لکيل آهي ٿلهن اکرن ۾ 'گولڊن ٽريزري' ڪنول کي پوئٽريءَ سان بي حد چاهه سبب، پاڻئي نه ڪنول کي ڏنو هٿائين. سندس ئي هٿ اکر لکيل آهي. 'ٽ' ڪنول وٿ آل لوز، باء سوني.'

سونيءَ کان ڇرڪ نڪري ٿو وڃي، جو سندس سوني نالو ڳاڙهيءَ مس سان ڪراس ٿيل آهي.

سهڻي پبليڪيشن جي ڪتابن لاءِ، جن خريدارن ٻارنهن ڪتابن لاءِ چندو ڏنو آهي، تن کي گذارش آهي ته هيءُ سهڻي پبليڪيشن جو پنجون ڪتاب آهي، انهيءَ کان پهريان ڪتاب جن خريدارن کي نه مليا هجن سي مهرباني ڪري هڪڙو پوسٽ ڪارڊ لکي اسانکي اطلاع ڏين.

—مرتب

ممتاز مهر

مٽيءَ جو طوفان

مان پنهنجي هاسٽل واري ڪمري جي بالڪنيءَ کان ٻاهر جو نظارو پسي رهيو آهيان، قائد اعظم جو مزار نظر اچي رهيو آهي پر ڏاڍ ۾، فاصلو به نه چڱو آهي، اٺ ميل واهه ٿا ٿيندا، جيڪڏهن تيز هوا جي ڪري مٽي نه اڏامندي هجي ته شهر جون ڀون اوچيون عمارتون به جيڪر نظر اچن، پر اِها ڪمبخت مٽي ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، الائجي ڇو، جيئن سج اڀرندو اهو مٽيءَ جو طوفان به شروع ٿيندو، تان جو منجهند تائين زور وٺندو ۽ جيئن سج لهندو اهو طوفان به هلڪو ٿي ختم ٿي ويندو. هاسٽل جي ديوار ٻاهران گند جو ڍير پيل آهي ۽ هن وقت ڦاٽل ڪپڙن ۾ ڪي عورتون ۽ ٻار گند مان شيون ڦولهي رهيا آهن، پر تيز هوا ۽ مٽيءَ جي ڪري نظر نه ٿو اچي ته ڇا ڦولهي رهيا آهن. گند مان کين ملندو به ڇا! سواءِ ٽين جي مڙيل دٻن، ڀڳل ٻوتلن ۽ ردي ڪاغذن جي— مٽيءَ جي طوفان ڏاڍو تنگ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن در دريون بند ٿيون ڪجن ته عجيب غريب گهوگهاٽ پيا ٻڌڻ ۾ ايندا ۽ جيڪڏهن ڪمرو کليل ڇڏبو ته سڄي مٽي اندر، انهيءَ کان ته شام سٺي آهي، جو مٽي به ختم ته گهوگهاٽ به، هلڪي هلڪي مست ڪندڙ هير پئي لڳندي، هر ڪا شيءَ صاف پئي نظر ايندي. سج جڏهن سامهون واري ٻهاڙيءَ کان هيٺ لهندو آهي، تڏهن ڪهڙو نه سهانو منظر هوندو آهي ۽ شهر جون بتيون جڏهن هڪ هڪ ڪري ٻرنديون آهن، تڏهن ته پري کان سڄو شهر شيش محل وانگر پيو نظر ايندو ۽ شام جو هاسٽل جي سامهون واري وڪٽ ڪائينڊز سڙڪ تي جڏهن اسان ٻه ٽي دوست سير لاءِ نڪرندا آهيون، تڏهن اها مست هوا هر ڪنهن کي مست بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ اها سڙڪ جڏهن ڪئمپس جي چورنگي تي اچي ختم ٿيندي، تڏهن ڪانه ڪا يونورسٽيءَ جي بس شهر ڏانهن ويندي نظر ايندي آهي ۽ ڪونه ڪو پنهنجو دوست

اسانکي ڏسي ڪري پنهنجو هٿ بس ڪان ٻاهر ڪڍي لوڏيندو آهي ۽ اسان به موٽ ۾ پنهنجا هٿ لوڏيندا آهيون ۽ دل ۾ چوندا آهيون: مزا ڪر يار، ايلفيءَ ۾ وڃي مزا ڪر.

شام ٿيڻ ۾ اجا گهڻي دير آهي، اجا نه ته پهري به نه ٿي آهي، ٻه ٻار ٻاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن، هڪڙو ٻئي جي هٿ مان ڪا گند مان لڌل شيءِ کسي رهيو آهي، عورتون ٻارن کي ڇڏائين ٿيون.

مان اجا بالڪنيءَ ۾ ويٺو آهيان، اندر وڃي ڪري گهر گهات ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان ته: 'مس شهر يار مونکي وڻي ٿي، اڄ ته نيري ساڙهيءَ ۾ ڪيتري نه خوبصورت لڳي رهي هئي، اڇي چمڙيءَ تي تکارنگ ائين ٿو ڏهندا آهن ۽ خاص ڪري سڊول بدن تي. مس شهر يار ته وينس آهي، جا پهار جي ديوي هئي، اڪثر سليوليس بلائوز ڪمر ڪان ٻه ٽي انچ مٿي رکندي آهي، ائين ٿي جهڙي وينس ديويءَ جي ڪمر، جنهنجي نراشيل بت لاءِ چيو ويندو آهي، ته انهيءَ ۾ ڪشش خاص انهيءَ ڪري آهي، جو ائين گمان ٿيندو جڻ ته ڪمر کان هيٺ وارو ڪپڙو چاڻ ڪري ديو. چاڻ ڪريو. پر ڪپڙو ڪرندو ته نه آهي، پر وينس جي سونهن کي دوبالا ڪري ڇڏيندو آهي..... مس شهر ياد ڪهڙي نه پروقار نموني ۾ هلندي آهي ۽ چپن تي هلڪي مشڪ ته هميشه هوندي اٿس. مان هن سان پنهنجي واقفيت ڪيئن ڪرايان.... هوءَ ته ٻي ڊپارٽمنٽ جي آهي!' مان سوچيندو رهيس. عورتون ۽ ٻار گند مان شيون چونڊي هليا ويا هئا، فقط ڪي رولو ڪتا گند جي وچهو ڪجهه نوسي رهيا هئا، نورڙو پري ڪجهن جو هڪ ٽولو ويٺو هو، پر انهن ۾ ڪا چرپر ڪانه هئي، شايد ڪنهن اونهي سوچ ۾ غرق هئا. اوچتو مس جي دريءَ مان ڪنهن نوڪر ڪڪڙن جا کنڀ ۽ آنڊا هيٺ ڦٽا ڪيا، ڪجهن چرپر ڪئي، ڪجهن کي وچهو ايندو ڏسي ڪتا پاسيرو ٿي ويا، 'ڪهڙا نه مڪروه جانور آهن. مون ڪجهن جي ڪچين ڏانهن نهريندي سوچيو.

'منهنجو خيال آهي. مس شهريار سان واقفيت ريحانه جي ذريعي ٿي سگهي ٿي. ريحانه منهنجي ڪلاس ميٽ آهي ۽ ڪيس مس شهريار سان گڏ گهمندي ڏٺو اٿم، پر نه.... عورتون هڪ ٻئي سان حسد به

تہ ڪنديون آهن ۽ ريحانہ منهنجي ڳالهہ جو شايد غلط مطلب وٺي ۽ ٿي سگهي ٿو مس شهريار سان ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏي،

يونيورسٽيءَ جا ڇوڪرا ڪوڪا ڪولا پاڻيءَ وانگر پيئندا آهن ۽ هميشہ ڪوڪ جي بوتل هٿ ۾ ڪنيون ڪينٽين جي ٻاهر بيٺا هوندا ۽ پيا اينڊڙ ويندڙ ڇوڪريءَ کي ڪوڪ آڇيندا، ”مس نگهت، ڪوڪ حاضر آهي.“ ”مس رخسانہ ڪوڪ تہ پي وڃو.“ پنهنجو يار اصغر تہ ڇوڪرين کي ڪوڪ پياري پياري ڏاڍو مقبول ٿي ويو آهي ۽ اليڪشن جي ڏينهن ۾ وري ڇوڪرا اصغر کي ڪوڪ پيارڻ شروع ڪندا آهن، جيئن هو ڇوڪرين جا ووٽ کين ڏياري ۽ اصغر سڀني سان واعدا ڪندو آهي پر جهڙي خدمت تهڙو اجورو.

”اصغر ڪڏهن تو مس شهريار کي ڪوڪ پياري آهي؟“ مان هڪڙي ڏينهن ڪاٺيس پڇي ويٺس.

”نہ يار اها هڪ واحد ڇوڪري آهي، جنهن کي مان ڪوڪ پياري نہ سگهيو آهيان، ڪوشش گهڻي تہ ڪئي اٿم.“ اصغر چيو هو. نہ ڄاڻ ڇو مونکي خوشي ٿي تہ مس شهريار کي اصغر ڪوڪ نہ پياري سگهيو هو.

صبح جو ڪلاس ۾ پروفيسر ليڪچر ڏيندي اوچتو مونکان پڇيو، ”ڪانٽ جي اصول Categorical-Imperative کي بيان ڪر.“ منهنجو خيال ٻئي طرف هو ۽ انهيءَ سوال ڄڻ ننڊ مان بيدار ڪيو، سو مونکان ڇرڪ نڪري ويو ۽ جواب ڏيندي هڪڪي لڳس، ريحانہ منهنجي پرسان ويٺي هئي ۽ طنزيہ مسڪرائي رهي هئي. پروفيسر چيو، ”هاها.... ڌيان ٻئي طرف هوندو تہ سوال سمجهہ ۾ ڪيئن ايندو.“ ائين چئي هو ڪلاس ختم ڪري ٻاهر هليو ويو

طوفان زور ٿي ويو هو ۽ ڪابہ شيءِ ڏسجڻ ۾ نہ پئي آئي مزار، ڪچهون، رولو ڪتا، گند جو ڍير، سڀ طوفان جي لپيٽ اچي ويا هئا.... پنهنجي اندر جو طوفان بہ وڏي ڇڪو هو مون بالڪنيءَ کان ڪمري ۾ اچي ڪري سڀ در دريون ڪري ڇڏيون ۽ ٽيبل تي پيل ڪتاب کولي ڪانٽ جي اصو کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.... پروفيسر چيو هو امتح

۽ انهيءَ تي سوال ضرور ايندو، امتحان ۽ باقي ٻه ٽي هفتا وڃي بچيا هئا ۽ منهنجو هي آخري سال هو.... ٽيبل ڪلاڪ جو وڏو ڪانٽو تيزيءَ سان ڦري رهيو هو.... وقت اڳتي پئي وڌيو.

ڊپارٽمينٽ وارا اسانکي الوداعي پارٽي ڏيندا ۽ هميشه لاءِ رخصت ڪري ڇڏيندا.“ ريحانه هڪڙي ڏينهن اُداس ٿي چيو هو.... ڪانٽ کي سمجهڻ سولو نه هو ۽ مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.

’ٺڪ ٺڪ ٺڪ.‘ ڪو در کي کڙڪائي رهيو هو، مون ڪتاب بند ڪري در کوليو، اصغر هو، چيائين، ”صدر گهمڻ هلندين، اڄ پنهنجا ڪيسا پريل آهن.“

”موڊ ٺيڪ نه آهي. ڪنهن ٻئي دفعي.“ مون چيو.

”صدر هلي موڊ ٺيڪ ٿي ويندي.“

”نه....، نون وڃين مزا ڪر.“

”هڪ خوشخبري، اڄ مون مس شهربار کي ڪوڪ پياري ڇڏي.“ هو داد طلب نگاهن سان ڏسندو رهيو، پر مون کيس داد نه ڏنو، ۽ خاموش رهيس، هو هليو ويو.

هوا شيشن سان ٽڪرائي عجيب آواز ڪري رهي هئي.... پڙهڻ به نه ٿي ٿيو.... مون ٽرانزسٽر کولي ڇڏيو.... ’زوربادي گريڪ‘ فلم جي ڌن هلي رهي هئي، جنهنجي موسيقار لاءِ چيو ويندو آهي ته سندس موسيقي ۾ بغاوت جي بوءِ هوندي آهي.... ڌن پهريائين آهستي پوءِ تيز ٿيندي وئي ۽ آخر هڪ نڪتي تي اچي ختم ٿي وئي.

شبنم شبنم ڪنول ڪنول

نسيم احمد کرل
جي ذهن شاهڪار
ڪهاڻين جو مجموعو

اداره ادب نو، حيدرآباد سنڌ
قيمت ٥٠-٢

اياز بلوچ

هاءِ حياتي - ڏنڀ ڏکن جا

هو ڇهون پاس ڪري مئٽرڪ ۾ آيو ته هُن ماءُ موڪلائي وئي. ماءُ جي اڻڄاڻ اوچتي ۽ بيوقتي موت هنجي جڻ ساري وجود کي ڏوڏي وڌو. ڪيس پاڻ پيءُ ته ڏيوئي ڪون هو، جنهن سان هو قرب ونڊي سگهي. هوس ئي هڪڙي ماءُ، جا ڪيس بيحد چاهيندي هئي. ايترو پيار ڪندي هئي، جو ٻنهي ڪُهڻو - تمام گهڻو. اسڪول جي موڪلن ۾ جڏهن هو ڳوٺڙي ڏي موٽندو هو، ته ماڻس جڻ ٻهڪڻ لڳندي هئي. ڪيس پاڪر پائي چمڻ لڳندي هئي، جڻ هو جوان ڳڀرو نه، ڪو ننڍڙو ٻالڪ هجي. ۽ ڪڏهن ته هو اڻڄاڻ ٻِن ماءِن جي روبرو، ماڻس جي انهيءَ اڻ مٽ پيار تي شرمائجي ويندو هو، چوندو هو، "هاڻ ڪو آءٌ ننڍڙو ٻورو ئي آهيان امڙ، جو اڻڄاڻ ٻارن جيان مينهون تي ڏين." ته ماڻس جي سينديءَ رتڙي منهن تي مايوسي ڇانئجي ويندي هئي. جڻ ٽتل ٽاندن تي پاڻيءَ ڦڙا پئجي ويندا هجن. اهو هِن ڪئين دفعا جانچيو ۽ سوچيو هو، ته اوڏيءَ مهل هانءُ جي پور پور ۾ پريل پيڙا جون اڻ لکيون، پر اکيچار ريکائون اچ وڃ لائي ڏينديون هيون ۽ هوءَ جڻ مستقبل جي ڊنل ڦيتل ڪڍرن ۾ هٿوراڻيون ڏيڻ لڳندي هئي.

هڪ لڳا اڻڄاڻ جڏهن هُن ماءُ جي اِن اڻ مٽ ممتا جي چاهت کي ڇهنڊڙيون پاتيون هيون، ته ماڻس اڻڄاڻ مرجهائل مُنڪ سان ڏانهنس ڏسندي چيو هو، "مونلاءِ ته مويي پٽ به تون آهين ته ٻارڙو به تون. ڪو پيو ٿورو ئي ڇهيندس هاڻي." تڏهن هِن پنهنجي جواڻ ڇماڻ مٺڙي ماءُ جي مکڙي ۾ چتائي نهاريو هو، ته ڪيس لڳو هو، جڻ سندس ماءُ، ٽيهن سالن جي جوان عورت نه، ڪا سائيڪو ورهين جي ڪراڙي آهي. سندس ڏيادار منهن تي هنگي ڪيترن ئي گهنجن جا اڻڄاڻ ڏنگ ۾ آيا هئا ۽ تڏهن ئي ويچاريو هئائين ته ماڻهو سندس پيءُ بابت جيڪي ڳالهيون چوندا هئا، تن ۾ ڪوئي ڦير فرق نه هو. چوڏهون ورهيه اورانگهي پندرهين ۾ پير پاتو هئائين،

اڃا ننڍڙو ڪونه هو، جو امڙ جي اجهاڻل ڏياتين جهڙين اکڙين ۾ ڪومل ڇهري جي ڪوماڻل هجڻ جو سبب سمجهي نه سگهي ها. هُن سڀ ڪجهه ڄاتو پئي، ته ڪانئس پوءِ، ٻيو ڪوئي پاءُ پڻ ڇو نه ٿيو آهي. قدرت - جنهن ماڻهن کي ڇهه ڇهه پاڻر ۾ سٽ سٽ ٻهنر پيدا ڪري پئي ڏنيون، ڇا اُن جي اڪٽ پنڊار ۾، هن گرڙي ڪارڻ هڪ ٻارڙي جيتري به گنجائش ڪانه هئي، جيڪو آتي جي کهري ۽ خشڪ ماحول کي، مٺڙي مٺڙي آواز ۾ ٻاتيون ٻوليون ٻولي، ڪو رس ۽ ڪو ميٺاج بخشي سگهي.

سچ پچ ته فطرت کي ساڻن ڪوئي ڪينو ۽ وير نه هو، پر سبب ڇا هو، سو هن ڄاتو ٿي.

پڻس جو گهر جي ماحول ۾ ڄڻ ڪوحصو ئي ڪين هو، سارو وقت به ميل پري، پنهن واري اوطاق تي گذاريندو هو. گهر ۾ رکو نوڪرياڻيون هيون ۽ سندس ماءُ هئي، جا هنجڙي نه هوندي، تصور ۾ کيس مينيون ڏيندي هئي ۽ سندس هجڻ جي حالتن، هنجي ڪاڏي پيتي ڪپڙن لٽن ۽ سامان سڙي جو آونو ڪندي هئي يا ساڻس بي انت پيار ڪندي هئي. ۽ پوءِ جڏهن آها مري ويئي، ته کيس لڳو، ڄڻ سمورو پيار مري ويو آهي، مامتا جي ساري محبت مري ويئي آهي ۽ ساري ڪائنات مري ويئي آهي. جيتوڻيڪ هنکي اِها به خبر هئي ته ماڻس جو موت ته اڳيئي ٿي چڪو هو، رکو ساهه جي تند هئي، جا ٽڪي پئي هئي. هُن ڄاتو ٿي ته جڏهن هو پيٽ پيو هو، تنهنکانپوءِ سُتت ئي سندس پيءُ ماڻس وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو هو، ۽ ماڻس جو سَترُ به تڏهن ئي سڏڪي سڏڪي ساڻو ٿي پيو هو ۽ سندس اجهل امنگون چکيا ٿي چڙهي، راک بنجي ويئون هيون ۽ سندس روح به تڏهن ئي ريهون ڪري راک ٿي ويو هو، باقي ساهه جي تند، جا اڃا اٽڪيل هئي، سا هاڻ ٽٽي پئي.

۽ پوءِ آها تند جڏهن ٽڪجي ٽٽي پئي ته گهر هين لاءِ گهاٽو جهنگ بڻجي پيو، پوءِ هُن ڳوٺ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو. مهني پئي، ويندو هو، سو به ناڻي جي ڪري، جنهن پيءُ جيان پاليو هوس. پڻس ته ڄڻ ننڍي لاڪر لڏون ئي نه لاتي هوس. نانو هو جو

ڪيس ٻارنهن ۾ جڏهن پنيءَ تي چاڙهي، ٽڪو ٽڪو هلندو هو، تڏهن هو سندس ڪلهي تي پٽڪڙا هٿ هڻندي چوندو هو، ”هلي منهنجو گهوڙو.... هلي منهنجو سامونڊي....“ نه پير مرد، جنهنجا پٺي ڪوٻڙ پٽ ۽ سندس ماءُ ڪانسواءِ به جوان ڏيئر، سهاڳ ماڻهو واري چمار ۾ منهڙو مٿي ويا هئا، سو پنهنجي چڪنڊڙ چاڪن تي ٽڏڙا ٽڏڙا پها رکيا محسوس ڪندو هو، ۽ ڪيس پنهنجي سموري اولاد جو ساءُ هن نينگر مان اچڻ لڳندو هو. سندس نانو زميندار هو، پٽس ڪي ته مائٽنائيون هيونئي ڪي پنج - ست چوڪڙيون. باقي نانس ڪي پنهنجو نيجو واٽرڪورس هو، جيڪو به هن سموري مال متاع وانگر، پنهنجي اڪيلي ڌيءَ سان گڏ، هنجي پيءُ کي سونپي ڇڏيو هو ۽ پاڻ پنهنجي اوطاق ۾ چلم وجهي وسائي هئائين. تڏهن اِن سموري ملڪيت جو مالڪ هاڻي پٽس هو، جنهن هن سان يا ماڻس سان ڪڏهن به مٺڙا ٻول به ٻوليا هجن، سو هنکي ياد نه هو.

سندس ماءُ جڏهن جوانيءَ ۾ موت کي منهن لاتو، ته سندس ناڻي جي ڏڪڻ جا ڏنب، جن تي هنجي جمڻ کري پها رکيل هئا، وري رسجي پيا. اُئين پٺي لڳو، ڄڻ ڪنهن ازلي آدمخور، ٻرئي مڙس جي هانو جي ڦٽن کي رهنڊن سان رهڙيو، ڪچيون ڪڙيون ڪرڙي ڇڏيون هجن. ۽ سندس سارو وجود رتورت ٿي ويو هجي. جيئن ڌيءَ جي لاڏائي جو ٻڌائين، تيئن وجهي ٻنا کوڙيائين ۽ جيئن پنيءَ پيو، ته وري نه اٿيو. ڏيٺس جو چاليهو پٺي ڪيائون جو پير مرد به اسهيو.

۽ پوءِ جڏهن هن ناني جي موت جو ٻڌو ته منهن مٿو پٽڻ لڳو. ماڳهين زالن وارا پار ڪڍي اوڇنگارون ڏيڻ لڳو، تڏهن الائي ڪيئن پٽس مٿي تان هٿ اچي ڦيرايس، هنجو ڄڻ هانءُ ڦسي پيو، پوءِ ڄڻ ڪنهن ڪنال جو ڪپ لڙهي پيو، نارا ۽ نيسارا وهي هليا. ۽ پوءِ جڏهن ڪجهه ڪجهه ڏنب ٺار ٿي ته هنکي لڳو هاڻ ڪيس ڪو پيار نه ڪندو، ڪو سندس اچڻ جو آڪو نه ڪندو. ڪو ڪيس مٺيون نه ڏيندو. ڪو ڪيس کهنجن ڀريا سدورا هٿڙا پنيءَ تي هڻي، وڏڙي حياتي ماڻڻ جي دعا نه ڪندو.

نانيءَ جو ٽيجهو ڳذاري هو موٽي اسڪول آيو. پوءِ هي ڳوٺ اصل نه ويو. جيئن تيئن ڪري آٺ يا ٺٺ هفتا پر دوستن سان دل لڳائڻ لڳو. اڪيلائي ته بنهه تير ھڻجي هانوءَ ۾ تنهنجي وڃڻ جي هوس. اصل هڪ پل به اڪيلو گذاري نه سگهندو هو. سدائين سنگتين وچ ۾ هوندو هو. هو پاڻ ۾ هڪ قسم جي ڪمي محسوس ڪرڻ لڳو، هڪ عجيب قسم جي اشتها. پيار جي بُک. هو سچ پچ پيار جو بکايل هو. جيڪو دوست رکو ڪلي ڳالهائيس، ته ان کان اصل ٽٽي ٿي نه.

جيئن تيئن ڪري هن زندگيءَ جو جانداهه پٺي ڇڪيو، جو پوءِ هڪ ڏينهن پيار آيو ۽ هو چڻ نئون جنم وٺي آيو. هنکي پڪاڪ بڪ جي مينهن وچڻ جو احساس ٿيو. ڪيس لڳو، چڻ سندس زندگيءَ جا زخم ڪوئي چيني ڇڏيندو سندس هانوءَ جا ڦٽ ڪو ڏوئي ڇڏيندو.

آها زيبو هئي. وستيءَ جي ويران واٽن تي وسندڙ مينگهه ملهار جهڙي هبڪاريل، موتئي جي مکڙي جهڙي مهڪندڙ ۽ پني پوءِ جو پندار هئي. زيبوءَ، جنهنجي ڇاتي هيٺ ڳونڊي جي مڙني مڙسالن جون دليون ڌڙڪنديون هيون. زيبوءَ جنهنجو قد، مانجهاندڙيءَ وانگر ڊگهو ۽ ڪڙاڪون، ڳچي آڙيءَ جيان، چهرو چانڊاڻ، نيڻ ڪجل ڪٽورا، ڳل ٻير جي تتل ڏاڍن جهڙا رتول ۽ رنگ ڪڻڪ جي پڪل سلن جيان سونهري هو. سندس اپريل ڇاتيون ائين ٿي ڏٺيون، جهڙيون ٽر جون ٻه جاڙيون پٺون. هوءَ ائين هئي جيئن ڪينجهر جي ڪناري، ڪو نازو ٽڙيل ڪنول. سندس آواز، پيچڙي ويل، نار ۾ ٻڌل وهٽ جي ٽلين جهڙو سريلو، ڪمند جي رس جيان مٺو ۽ ويراڳڻ وانگر وڏيندڙ هو. چڻ چيٽ جي چانڊاڻ ۾ چڪور جون چيهون. هوءَ ساونڻ - رُت ۾ وسڪاري جهڙي وٺندڙ هئي ۽ اموءَ ۾ آسرُ ويل وسندڙ ماڪ ڦڙن جهڙي پاڪ. هڪ احساس جيان زيبوءَ هنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي. ائين جيئن آٺي جون هوائون، جسم جهاڳي، هانءُ کي هيرون بخشينديون آهن. زيبوءَ ائين ري موڪلائي، ري پڇي، هنجي هانوءَ جون حدون اورانگهي آئي.

هو مئٽرڪ جو Terminal امتحان ڏيئي، جيئن ڳوٺ آيو ته گهر ۾ گهڙڻ سان ماءُ ۽ ناني جي ياد ڪناري ٻنجي سندس هانوءَ

۽ وڏي وجھڻ لڳي ۽ هيڪلائيءَ جو هيبتناڪ آدمخور، سندس دردن
ماري دلڙيءَ کي چيڙڻ لڳو. ۽ تڏهن پوءِ هن يادن جي ڪتاري
۽ اڪيلائي جي آدمخور کان پاڻ بچائڻ لاءِ واٽون نهاريون. پوءِ
هو ڪيت ڏي هليو ويندو هو. ساون ساون ڇهچائيندڙ ڪيتن جا روح
کي راحت ڏيندڙ ڏيک، هنجي بک کي ڪي قدر گهٽائيندا هئا.
۽ هو جڏهن نازڪ نازڪ ملن پوٽن تي هٿڙا ڦيري، منيون ڏيئي،
پنهنجي ڳلڙن سان لائي، اکڙيون پوٺي. آنهن جي لساڻ ۽ ٿڏاڻ
مان مزو وٺندو هو، ته ڪجھه وقت لاءِ ڪيس يادن جي ڪتاريءَ
جي چيڻ جو احساس گھٽجي ويندو هو، ۽ سندس ڏکڙن جا ڏنب
نري پوندا هئا. ۽ پوءِ هن اِهو معمول بنائي ڇڏيو هو. ۽ انين هڪ
ڏينهن هو شاه سائين جي سر سارنگ جو ڪوئي شعر جهونگاريندو
باغ جي چيڙي وٽ موتئي جي گلن جي پر وٽ وڃي بيٺو ۽ ڳچ
دير تائين موتئي جي هڪ نازي نڙيل مکڙيءَ جي خوشبو سنگهي،
گل جي وڻندڙ ڇهاءَ جو لطف وٺندو رهيو، ته ڪيس ڪنهن اڻ
لکي هڳڪار جو احساس ٿيو - هڪ روح کي سڪون بخشيندڙ
مرهاڻ - هنکي ڪنهنجي موجودگيءَ محسوس ٿيي. ۽ آهو جانچڻ
لاءِ هن جيئن ئي نظرون ڦيرايون ته هن ڏٺو ته ڪجھه ئي وکن جي
وٿيءَ تي زيبوءَ گاهه ڪپي رهي هئي. هنجا هٿ ڏاٽي سان گاهه
ڪپڻ ۾ رڌل هئا ۽ اکڙيون هنجو جو اوسيئڙو ڪري رهيون هيون.
هنکي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي زيبوءَ اهڙو جهٽڪو ڏيئي ڪنڌ
ڦيرايو، جڻ وڄ وراڪو ڏيئي وسامي ويئي. هنکي وردس ورٿ جي
جيئري جاڳندي Solitary Reaper سا‌ڀهون نظر آئي. پوءِ هو
لاٺون وانگيان تڪ ٻڌي بيٺو رهيو. نه ڪيڏانهن چري سگهيو ۽ نه
اکيون ئي ڇنيي سگهيو، جڻ پنڊپهڻ ٿي ويو هجي. تڏهن زيبوءَ
مشڪندي، نيڻ نيچا ڪري چيو. ”ماڻهن کي ڦڪائي ڪانهِ ٿي
اچي، زالن جي پر وٺيو اچيو بيهن." سندس آواز اهڙو هو، جهڙي
ستار جي ڪا مڌر ڌن. تڏهن هنکان به الائجي ڪيئن آواز نڪتو
هو، ”پوءِ ماڻهو اهڙا سهڻا ڇا لاءِ ٿا ٿين، جو وات ويندي دلين تي
ڌاڙا هڻندا وتن." سندس جواب ٻڌي زيبوءَ جا ڳل وڏيڪ ڳاڙها

ٿي ويا ۽ شرم ٻوليءَ جيان حيا ۾ ويڙهجي ڪينهوڙو ٿي ويٺي. ۽ پوءِ تڏهن هنکي پيار ٻلش پئجي ويو. پوءِ هنجي اشتها اُلهڻ لڳي هئي، پوءِ هنجي روح ريهون ڪرڻ بند ڪيون هيون، پوءِ هنجي هانو جا ڦٽ ڏوبجڻ لڳا هئا ۽ پوءِ هنجي زندگيءَ جا زخم چينجڻ لڳا هئا، جو اسڪول ڪلج جا ڏينهن اچي ويا ۽ هو هانءَ جي لڇندڙ ڪرڙي کي سيني جي رڃ ۾ بند ڪري، روح جي پکيڙڙي کي اندر جي پڃري ۾ پوري، شهر هليو ويو، پر پوءِ سندس هانو جي ناسور مان وري رس وهڻ ڪونه لڳو هو، ۽ سندس زندگيءَ جا زخم وري چيڪڻ ڪونه لڳا هئا. زيبوءَ جي نينهن جي رڪيل پاڻي جيءَ پختگيءَ ڪري، هو ڏاڍي سڪون سان وڇوڙي جي واٽن تي هلي رهيو هو. ڪجهه ڏينهن جي ته ڳالهه هئي - وڌ ۾ وڌ ڇهه مهنا، تنهن ڪانپوءِ هو وري انتظار نه ڪندو، وري جدائي جو الڪو ڪيس نه ستائيندو. هن پڪو فيصلو ڪيو هو ته هو زيبو کي سدائين لاءِ پنهنجو ڪري ونندو. ويچاريو هئائين، مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي، هو پيءَ کي چئي زيبوءَ جو سنگ ونندو ۽ کيس پڪ هئي، ته پٽس سندس اهڙو عار ڪڏهن نه پيچندو. ماٽن ۾ ته کيس ڪوبه اهڙو رشتو ڪونه ٿي سجهيو، جيڪو سندس دل جي رشتي جي وچ ۾ رت جي رشتي جو درياءُ وهائي سگهي. هي انهيءَ آسري تي انتظار جي ويران واٽن تي به ڏاڍي پاڻوهه سان هلي رهيو هو. پيار سندس پل پل جو پور ٻڌجي چڪو هو ۽ زيبوءَ جي چاهت جو رس، سندس دلڙي جي پور پور ۾ پرجي ويو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن جيئن ٿي هو اسڪول کان موٽيو، ته ڳوٺان آيل قاضي، اڪيئي سندس اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. کيس ڏسي هنجو من اچلون ڏيڻ لڳو، جڏهن کيس قاضي تي به پيار اچي ويو. هاڻ هنکي هر شئي تي پيار ايندو هو. پر قاضي ته وري به ڳوٺان آيو هو ۽ ڳوٺ جي هرڪا شئي - ٻنيون ٻارا، مال وهٽ، ماڻهو ڇيٽو، سڀ ڇڻ سندس ڪومائجندڙ ڦٽن کي هڪ عجيب قسم جي ٺڏاڻ بخشيندا هئا. هن اينديئي قاضي کان خبرون پڇيون. گهرن گهاٽن جون خبرون، لوڙهن لڪڙن جون خبرون، ڏراڙن پنوهارن جون

خبرون - هر قسم جون خبرون ۽ اڻ سڌيءَ طرح ٻرنءَ جي ٻار جون خبرون.

۽ پوءِ جڏهن هن وٽس اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو ته قاضي ڪانپ ڪڍي، ٿهي ٽڪي وهندي، پيڙيءَ کي ڏسٽي ۽ وچين جي وچ ۾ پڇائيندي چيو، ”موٽي خبر- رئيس وڏي ڪيو آهي شادي جو سعيو، سو آيس تو کي....“

”بابا!“ هن اهڙي اڀرائي وچان دانهن ڪئي، چڻ ڪا بنهه اڻ ٿيٽي ڳالهه ٻڌي ورتي هجيس ۽ ڪنن تي اعتبار ئي نه پيو ايندو هجيس.

”هائو بابل. رئيس ڪو اهڙو ويل آ چا؟“ قاضي پنهنجو لوڻ سجايو ڪندي وراڻيو. پر هن پوءِ ڪو به جواب ڪونه ڏنو. نه ڪو اعتراض ڪيائين، نڪا تائيد، فقط ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ جڏهن ڪيس قاضي اهو ٻڌايو ته، ”حاجي رحيمڏني جي گهران پڪي ڏي آ- چنڊ تي ونواهه، پنجين شادي....“ ته هنجيون اکيون ڦٽرائجي ويئون. هو لڳاتار قاضي جي منهن ۾ نهاريندو رهيو، سندس ميٽچالو ڪوپري ۾ اٿين ڦيرائيون ڪائي رهيو هو، جيئن ڪنهن گهري ڪٽن ۾ پاٽي. هو سڀ سمجهي ويو هو، ته ٻيو حاجي رحيمڏني جي اڪيلي ڌي هئي. ۽ پوءِ هنجي هانوَ جا ڦٽ وري اٿلي پيا، دل جي ناسور مان وري رس وهڻ لڳو، سندس زندگيءَ جا زخم وري رتائجي ويا. ۽ سندس روح رتوڇاڻ ٿي ويو.

ديول

ملڪ جي حالات جو صحيح اندازو لڳائڻو هجي ته ’ديول‘ ۾ هليو وڃجي. جيڪڏهن آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو نظر اچن، ته سمجهو ملڪ ۾ خير آهي. جيڪڏهن ديول ماڻهو سان ڀريل هجي، ته سمجهو ملڪ کي جنگ، ٻوڏ يا ڏڪار جو خطرو آهي، يا وبا ڦهليل آهي. عام طور تي جيڪو ڀرين ديول ۾ پهچي ٿو، آهو ويهڻ لاءِ پوين سيٽ منتخب ڪري ٿو. ته جيئن وعظ وقت پنڪيون کائڻ ۾ سولائي ٿئي. دير سان اچڻ وارن کي اڪيان ويهي سڀ ڪجهه ٻڌڻو پوي ٿو.

— شفيق الرحمان

(’ڊينيوب‘ ڪهاڻي، اردو ڊائجسٽ تان ورتل)

طارق اشرف

چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک

(نئين ڪهاڻي)

سڄي شهر ۾ يونٽ نمبر ٦٣٠ ئي اهڙو يونٽ هو، جنهن مان ڪوبه شريف ماڻهو بي-ڊي ميمبرن جي چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ تيار نه هو. نه ڄاڻ ڇو هن يونٽ جا ماڻهو پنهنجي شڪلين ڪان بيزار ويٺا هئا. جڏهن اسڪولن جا ويچارا ماستر گهر گهر اليڪشن لاءِ نالا لکڻ آيا، ته هن يونٽ ۾ وڌيڪ نالا نه ڏنهو، پر گهر ۾ رهندڙن جو پورو انگ ٻڌائڻ لاءِ به ڪو تيار نه هو. سڄي يونٽ مان فقط مولوي عبدالله ئي اهڙو ماڻهو هو، جنهن پنهنجي گهر جا پورا پاتي لکرايا. پهرين ته سوچيائين ته ڪجهه وڌيڪ نالا لکرايان، پر جڏهن جوتس ڪان پڇيائين، جنهن هن وقت قرآن جو دؤر پي ڪيو، تنهن اشاري سان جهليس ۽ اشاري ۾ ئي سمجهائين ته اهو گناهه جو ڪم آهي. مولوي جڏهن گهڻا ماڻهو لکائڻ جي فائدي ۾ ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، ته جوتس 'اون-هون' ڪري ڪانئس منهن موڙي قرآن شريف جي دؤر ۾ مشغول ٿي وئي، ڇو ته سندس خيال ۾ قرآن شريف ڪليل رهيو ۽ سندس ڏيان ٻئي پاسي رهيو ته شيطان قرآن شريف پڙهڻ لڳندو، جيڪو هن نٿي چاهيو.

مولوي عبدالله ڪياڙي ڪنهندو اچي در تي بيٺو، وري ڪجهه سوچي جلديءَ سان گهر جي اندر ويو، ۽ ذري گهٽ پڪل هڪ ڪرسي کڻي آيو ۽ اصرار ڪري ماستر صاحب کي ان تي ويهارئين، جيڪو بدقسمتيءَ سان نالا لکڻ آيو هو. ٻيو ڪو وقت هجي ها، يا ٻيو ڪو يونٽ هجي ها ته ايڏي ڳالهه ماستر صاحب ڪڏهن به پسند نه ڪري ها، ۽ جيڪڏهن هيءُ مولوي صاحب سندس شاگرد هجي ها، ته چڱيون ٻئي واريون مڪون وهائي ها. پر افسوس ائين نه هو. هن يونٽ ۾ فقط اهو ئي گهر اهڙو هو، جيڪو ڪيس نالا لکرائڻ لاءِ تيار ٿيو هو، ۽ هن اهو موقعو نٿي وڃائڻ چاهيو.

مولوي صاحب کي يارنهن ٻار هئا، جن مان سڀني جا نالا
کيس ياد نه پئي آيا. نالا ياد آڻس ٿي ته عمرون وسري ٿي ويس، ۽
عمرون به سال، مهينا، ڏينهن ۽ ڪلاڪن جي حساب سان ٻڌائين
ٿي، وسري وڃڻ جي صورت ۾ وري ٿي حساب لڳايئن. ماستر صاحب
گهڻو ئي سمجهايو ته فقط ايڪيهن سالن کان وٺ يا ايڪيهن سالن
واري جا نالا ٻڌايو، پر مولوي صاحب ناراض ٿيندي چيو، "ميان،
ڇوٽو نابالغن جي حق تلفي ڪرين، مان انهن جي پورائي ڪٿان
ڪندس." ماستر سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر مولوي صاحب
سندس ڳالهين ڏانهن ڪوبه توجه نه ڏنو ۽ ٻارن جي نالن ۽ عمرن
جي حساب ڪتاب ۾ مشغول رهيو، ۽ جڏهن ٽن ڪلاڪن
ڪانپوءِ سڀني نالا لکرائي، ماستر کان سڀئي نالا ۽ عمرون وري ٻڌي
مطمئن ٿيو، تڏهن سندس جند ڇڏيائين. ماستر جو ٻند خلاصو ٿيو
ته ائين وٺي ڀڳو، جيئن ٻار موڪل جو گهنڊ ٻڌي ڀڄن.
مولوي صاحب ڏاڍو خوش هو، ته هن ڏاڍي هوشياريءَ سان
سڀ نالا لکرايا آهن، پر اهو به افسوس هوس ته جوڻس اجازت ڏي
ها ته ٻه ٽي ڪوڙا نالا به لکرائي ڇڏي ها. پر زال جو چيو نه مڃي،
ايڏي مجال نه هوس، پر وري به خوش هو ته پورا نالا ته لکرايا اٿس.
پر جڏهن ٻنپهرن جو مسجد ۾ خبر پيس ته اهي نالا راشن ڪارڊ لاءِ
نه، بي-ڊي اليڪشن لاءِ لکيا ويا آهن، تڏهن ڏاڍي مايوسي ٿيس. کيس
پنهنجي انهن ٻارنهن پٽسن جو رکي رکي افسوس پي ٿيو، جيڪي
محمد ڀائي جي هوٽل تان چانهه گهرائي، ماستر کي ٻياري هن ڀريا هئا.
ماستر ويچارو ڏاڍو پريشان هو، سڄي يونٽ مان فقط مولوي
عبدالله ئي نالا لکرايا هئا. ٻين يونٽن ۾ جيڪي ماستر ويا هئا، سي
ته تمام گهڻا نالا لکي آيا هئا. پهرين ته هن سوچيو ته ڪوڙا سچا نالا
لکي لسٽون ناهي وٺي. پر مڙس هو ويچارو ڊڄڻو، دل نه جهلي سگهيو،
۽ انهيءَ خيال کي عملي جامو نه پارائي سگهيو.
ٻئي ڏينهن وري ساڳي يونٽ ۾ ويو، ۽ پاڙي جي چڱن مڙسن
کي منٿ ميڙ ڪيائين ته: ڏاڍو غريب آهيان، انهيءَ مان اندازو لڳائي
سگهو ٿا، پرائمري ماستر آهيان، ڇو ٿا منهنجي نوڪري وڃايو. اها

نوڪري ويم ته پوءِ پٽيوالي به نه سلندم. مون ٿي نه ته، منهنجي تيرهن ٻارنهن تي رحم ڪريو. ڏوهه منهنجو ڪونهي، منهنجي نوڪريءَ جو آهي، جيڪڏهن ڪا عزت واري نوڪري هجيم ها، ته اِها خطا نه ڪريان ها، ۽ نه ئي ائين فقيرن وانگر در در تي صدا هڻي بيعزتو ٿيان ها.

سمجهو ماڻهن سوچيو، چڱن مڙسن اجازت ڏني ۽ پوءِ ازراهِ همدردي پرائمري ماستر کي سيني نالا لکرايا. وڏيڪ ته ڪنهن به نه لکرايا، گهٽ ۾ گهٽ ته ماڪهين گهٽ لکرايا. نالا لکي، لسٽون ڪاروون ڪري، ماستر سيني جو شڪريو ادا ڪيو، ۽ سلام ڪري پنهنجي متئين آفيسر کي ڏيکارڻ لاءِ کڻي ويو.

جڏهن ڪڇيون لسٽون اليڪشن آفيس پهتيون، ته حڪومت جي طرفان ڪجهه وقت ڏنو ويو، ته جن ماڻهن اڃا تائين نالا نه لکرايا هجن، اهي اليڪشن آفيس ۾ لکرائي وڃن. پر پوري يونٽ مان ڪوبه اهڙو ماڻهو نه ويو. پوءِ وري اعلان ٿيو ته جنڪي غلط نالن تي اعتراض هجي، سي اچي دعوائون داخل ڪن، ته به هن يونٽ مان ڪو بني بشر نه ويو. پر جڏهن پڪي لسٽون تيار ٿيون، تڏهن به ڪنهن اِها ڏسڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ته ڪنهنجو نالو شامل آهي، ڪنهنجو نه.

نيٺ بي-ڊي اليڪشن جا ڏينهن ويجها آيا. ٻين يونٽن جي مقابلي ۾ هن يونٽ ۾ ڪابه چهل پهل، هل هنگامو نه هو. نه اميدوارن اليڪشن وڙهڻ لاءِ وڏا وڏا بينر لڳرايا، نه ئي پٽين جو ڪارو منهن ڪيو ويو، ۽ نه ئي ٻارن گهٽين ۾ نعرا بلند ڪيا. هر طرف سڪون ۽ آرام هو. دراصل هن يونٽ مان ڪوبه اميدوار بيهڻ لاءِ تيار نه هو. ائين به هن يونٽ ۾ گهٽو تعداد سرڪاري نوڪري ڪندڙن جو هو، جيڪي اليڪشن ۾ بيهي نٿي سگهيا. ٻيو وڏو تعداد پڙهيل-لکيل ماڻهن جو هو، جن انهيءَ ڪٽراڳ ۾ پوڻ نٿي چاهيو. باقي جيڪي ڪجهه اڻ پڙهيل هئا، سي سيٺي ڏنڌي ڏاڙهيءَ سان لڳل هئا، ٽانگي وارا ۽ حجام هن ٻاڙي ۾ هئا ئي ڪونه.

بي . ڊي اليڪشن جي ناميشن پيپر ڀرڻ جو آخري ڏينهن

ويجهو پوندي ٿي آيو، پرهن يونٽ جا ماڻهو بيپرواهه وينا هئا. يونٽ جي ڪجهه چڱن ماڻهن ميٽنگ ڪئي، ۽ فيصلو ڪيائون ته ڪنهن نه ڪنهن اميدوار کي بيهارڻ ضروري آهي، جو ته هن يونٽ جي حقن لاءِ ڪو نه ڪُڇر ڪري سگهي. پيو ته نهيو، پنگين تي ڪير رعب داب رکي ڪچرو ڪٽائيندو، ۽ ڪهڙي اختياري هيٺ انهن تي رعب ويهاريندو. ڏاڍي سوچ ويچار ڪيون، هر ڪنهن ٻئي کي بيهڻ جي صلاح ٿي ڏني، پر ڪوبہ بيهڻ لاءِ تيار نہ هو.

وري نئين سر سوچ ويچار ڪيائون، ته ڪهڙو شخص اهڙو ٿي سگهي ٿو، جيڪو اسانجي ڳالهه بنا پنهنجي سوچ ويچار جي مڃي وڃي. سوچي سوچي، نيٺ مولوي عبدالله جو نالو ذهن ۾ آين، سڀئي انهيءَ ڳالهه تي متفق هئا، ته واقعي مولوي عبدالله ئي اهڙو درويش شخص آهي، جو بنا پنهنجي سوچ ويچار جي ڳالهه قبول ڪيو وٺي، ۽ جيستائين هوش اچي، تيستائين ڪم ٿي ٿيو وڃي.

ٻئي ڏينهن وري ميٽنگ ٿي، ۽ هن دفعي يونٽ جي گهڻن شريف ماڻهن شرڪت ڪئي. مولوي عبدالله کي شان مان سان وچ ۾ ويهاريو ويو. مولوي عبدالله ڏاڍو خوش هو جو پاڙي جي ماڻهن پهريون دفعو کيس عزت ڏني هئي. نہ تہ ماڻس ڪو سڏي منهن ڳالهائيندو ئي ڪونہ هو. کيس اهو بہ ارمان هو تہ پاڙي جي مسجد ۾ ٻئي شهر جو مولوي نماز پڙهائي ٿو. نڪاح بہ اهو پڙهائي ۽ مرڻ تي غسل بہ اهو ڏي. ختمن درودن جي ماني بہ هنکي ملي، جيتوڻيڪ هيءَ پاڻ مولوي آهي ۽ هن پاڙي جي قديمي خاندان جو واحد 'چشم چراغ'، پر کيس انهيءَ مرتبي جي قابل نہ سمجهيو ويو. هوڏانهن پاڙيوارن، مولوي عبدالله جي مولوي هجڻ تي ايمان نٿي آندو. هنن جو چوڻ هو تہ هنجا وڏا تہ بيشڪ مولوي هئا، عالم هئا، پر هاڻ فقط هنجي نالي سان مولوي گنديل آهي. پڙهيل بہ پوروسورو آهي، کيس قرآن شريف بہ شاديءَ ڪانپوءِ جوئس پاڙهيو هو. ڪائنس تہ سندس زال قابل آهي.

بهرحال، اڄ مولوي عبدالله ڏاڍو خوش هو، جو پاڙي وارن کيس اهميت ڏني هئي. هن اهو ئي سمجهيو هو تہ اڄ ڪائنس نڪاح

پڙهايو ويندو. ڪيس اهو به ڏيپ هو ته انهيءَ ڪان پهرين ڪڏهن نڪاح نه پاڙهيو انس، ائين نه ٿئي ته غلط پڙهي وڃي. جيتوڻيڪ گهر ۽ ٻارن کي ويهاري نڪاح جون رهرسلون جام ڪيون هيون، پر ڪيس انهيءَ وقت ڏاڍي مايوسي ٿي، جڏهن خبر پيس ته ڳالهه نڪاح جي جي نه، بي-ڊي اليڪشن جي آهي. هر ڳالهه تي بنا سوچ سمجهه جي ’ها‘ چوڻ وارو مولوي عبدالله منجهي پيو. پاڙي جا سيئي پڙهيل ۽ سمجهو ماڻهو حيران هئا، ته اج زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مولوي عبدالله سوچ ۾ ڪيئن پئجي ويو. ڏاڍي سوچ ويچار ڪانپوءِ مولوي عبدالله چيو، ”ادا، منهنجي سمجهه ۾ نه ڳالهه نٿي ويهي. ايترن پڙهيل-لکيل ماڻهن جي هوندي، مون ڪهڙي پڙهيل تي مهرباني ٿيو پئي ٿئي. متان ڪجهه....“

سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي، پاڙي جي هڪ شريف ماڻهوءَ چيو،”نه نه مولوي صاحب،ڪو به شڪ شبهو نه آڻيو. دراصل اسانکي هاڻ خيال آيو آهي ته اوهانجي حق تلفي ٿي آهي. مولوي هوندي به اوهانجيون خدمات حاصل نه ڪيون ويون، ۽ هڪ ڏاڙين مولوي کي مسجد لاءِ گهرايو ويو.“

پئي شريف ماڻهوءَ چيو، ”تنهنڪري اسان سڀني فيصلو ڪيو ته اوهانکي به، اوهانجي لائق عزت ڏني وڃي. انهيءَ ڪري فيصلو ٿيو ته هن دفعي بي-ڊي ميمبر اوهانکي چونڊيو وڃي. اوهين ايماندار ۽ محنتي آهيو، اوهانکان وڌيڪ پاڙي جو اونو ٻيو ڪنهنکي ٿيندو. انهيءَ ڪري اوهانکي اسين پنهنجو بي-ڊي ميمبر چونڊيون ٿا، پوري يونٽ مان اوهان جو ڪو به مقابلو نه ڪندو.“

”سڀاڻي ناميني‌شن پيپر، اميدوار بيهڻ جي ڪاغذ ڀرڻ جي آخري تاريخ آهي، اوهانجو ڪاغذ داخل ڪبو.“ ٽين شريف ماڻهو ڳالهه جاري رکي.

”ادا،“ مولوي عبدالله گهريءَ سوچ مان، ڪجهه هوشيار ٿي چيو، ”بيهو، اچا دل-من هٽڻ ڏيو، ائين نه ٿئي ته نڪڙ ۾ ڪو فيصلو ڪري ويهان، پوءِ پڇتايان. اسانجي وڏن چيو آهي. هر ڪم کان پهرين سوچي وٺو ۽ ٻين سان صلاح ڪري وٺو.“ ڪجهه دير

خاموش رهي وري چيائين، ”ڀيهو پلا، مان پنهنجي زال سان صلاح ڪري، پوءِ تو جواب ڏيان.“

سيٺي شريف ماڻهن سوچيو ته جيڪڏهن مولوي عبدالله زال کان پڇي ويو، ته هوءِ ڪڏهن به ٻيهڻ جي اجازت نه ڏيندس، ڇو ته هوءِ ڪائنس هوشيار آهي. تنهنڪري سيٺي اچي ورتس.

”سائين مولوي صاحب، اوهين به گهٽايو ڪونه ٿا. مڙس جي فيصلي تي زالن کان ٿا صلاح وٺو، ڇا اسين اوهانجا مٽ ٿا گهرا آهيون.“

مولوي صاحب ويچارو وري سوچ ۾ غرق ٿي ويو. رات جو نائين لڳا ميٽنگ شروع ٿي هئي، ۽ هاڻ ٻارنهن لڳي، ساڍا ٽي منٽ ٿيا هئا، پر ميٽنگ اقوام متحده وانگر ڪنهن به فيصلي تي نه پي پهچي سگهي. نيٺ ٻارنهن لڳي پڙ ٽا سورنهن منٽن تي مولوي عبدالله ٿپ ڏئي اٿيو. سيٺي شريف ماڻهو به ساڻس گڏ اٿي بيٺا ۽ ڪيس وڪوڙي ويا. ڪين ڊپ هو ته متان پڇي نه وڃي. مولوي صاحب سيٺي کي اٿين اٿي بيٺل ڏسي گهٻرائجي ويو، ۽ ٻاڻ ڇڏائيندي چوڻ لڳو:

”نه ادا نه، مان جيستائين پنهنجي زال سان صلاح نه ڪري وٺان، ڪوبه فيصلو نٿو ڪري سگهان. منهنجو نڪاح به ته تڏهين ٿيو، جڏهن منهنجي زال ’ها‘ ڪئي، هاڻ هنجي پڇڻ بنا ڪيئن بي - ڊي ميمبر ٿي وڃان. مونکي گهر ڪونه ڦٿائڻو آهي.“

مولوي عبدالله در وٽ رکيل جتي ڪنئي، جتي پائي ٻاهر نڪتو. شريف ماڻهو ڏاڍا پريشان هئا، شڪار هٿن مان، اکين جي سامهون نڪتو پي ويو، جلدي جلدي ڪنن ۾ سُس پُس ڪيائون ۽ ٻه ٽي وڪيل ڪيس سمجهائڻ لاءِ پٺيان پٺيان هلڻ لڳا. ويجهو پهچي هڪ وڪيل چيو، ”سائين مولوي صاحب، الله - رسول جو چوڻ آهي ته ٻاڙي جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪريو.“

”ٻين جي مشڪل حل ڪرڻ ثواب آهي.“ ٻئي وڪيل ٽيڪو ڏنو.

”۽ اوهين مولوي آهيو، بزرگ آهيو. ايماندار ۽ هڏ ڏوڪي.“ ٽين وڪيل چيو.

مولوي صاحب جو گهر ويجهو پوندو ٿي ويو. هُن چاهيو ٿي ته ڏوهيءَ کان جلد ڏوهه قبول ڪرائي وٺجي، متان جج پنهنجو فيصلو چيمبر ۾ ئي ڏئي ڇڏي.

”سائين، هيءَ ته پاڙي جي سڪ سڀنهنج جو ڪم آهي.“

”اسانجي حقن جي اوهان حفاظت ڪري سگهندا.“

هاڻ مولوي صاحب جو گهر سامهون هو، ۽ ٻه ٽي قدم کڻڻ سان مولوي صاحب گهر ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي. وڪيل نااميد ٿي موٽڻ لڳا. ويندي ويندي هڪڙي وڪيل، جيڪو پوري رستي خاموش هو، چيو، ”پيو نه ته پاڙي جي صفائيءَ جو خيال ڪريو ها، ناليون ڏاڍيون گنديون ٿيون رهن. سڄي پاڙي ۾ گند جا ڍير لڳا پيا آهن. سڀني کان وڏو گند جو ڍير ته اوهانجي در اڳيان هوندو آهي.“

مولوي عبدالله، جنهنجو پير گهر جي چائنٺ تي پهچي چڪو هو، اوچتو بيهي رهيو ۽ زور سان چيائين، ”پهرين ٽتي گند جي ڳالهه ڪيو. مونکي ته هن گند ساڙي رکيو آهي. مڇرن ۽ مکين ڪري رات ڏينهن جي ننڊ ۽ سڪ حرام آهي. ڏپ تنهنڪانسواءِ.“

”سائين، اسان ته پهرين ئي سڀ تڪليفون اوهانکي عرض ڪيونسين.“ سڀني وڪيلن ڪورس جي انداز ۾ چيو.

”گند جي ڳالهه ڪٿي ڪيو.“ مولوي عبدالله ڪجهه ڪاوڙجي چيو.

”شايد اسانکان وسري وئي هوندي.“ سڀني وڪيلن وري ڪورس جي انداز ۾ چيو.

مولوي عبدالله بنا ڪنهن وڌيڪ سوچ ويچار جي، بي-ڊي ميمبر ٿيڻ قبوليو. وڪيلن کي اهو فڪر ٿيو، ته جي مولوي گهر ويو ته متان زال جي چوڻ تي وري ڦري وڃي، تنهنڪري چيائون، ”مولوي صاحب، گهر پوءِ وڃجو. پهرين هلو ته انهن چڱن مڙسن کي خوشخبري ٻڌائي اچون، جيڪي محمد شريف جي اوطاق ۾ ويٺا آهن.“ پهرين ته مولوي عبدالله ڪجهه سوچيو، پر پوءِ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

محمد شريف جي اوطاق ۾ ويٺلن شريف ماڻهن پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪيو ته جيستائين نامينيشن فارم داخل ٿي وڃي، ڪنهن اٽڪل سان مولوي صاحب کي اِتي روڪجي، جيڪڏهن گهر ويو ته پوءِ خطرو پيش اچي سگهي ٿو. انهن مولوي عبدالله کي انهيءَ بهاني سان روڪي ورتو ته نامينشن فارم هينڊر ٿي پري ونجي، سياڻي دير ٿيندي، ۽ ڏيڻ وقت رش به ٿيندي، سڀ ڪم هينڊر ٿي تيار ڪري ونجي. انهيءَ ڪانسواءِ اڳتي جي ڪمن ڪارين جي باري ۾ به ڪجهه سوچ ويچار ڪجي. پهرين ته مولوي تيار نه ٿيو، چئي: مان رات جو گهر کان ٻاهر ڪڏهن نه رهيو آهيان- پر پوءِ سڀني جي مجبور ڪرڻ تي لاچار تيار ٿيو. پاڙي وارن مولوي صاحب جي گهر چوراڻي موڪليو ته پرسان واري ڳوٺ ۾ شادي آهي، نڪاح لاءِ ٻيو مولوي نه ملڻ ڪري، مولوي عبدالله کي نڪاح پڙهڻ لاءِ وٺي ويا آهن، تنهنڪري رات اُتي رهي، سڀاڻي ايندو. مولوي صاحب جي زال کي مڙس جي ايتري دير تائين گهر نه اچڻ جو اونو هو، پر نڪاح پڙهائڻ جو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي، چاڪاڻ ته اِهو پهريون موقعو هو، جو مڙس کي نڪاح پڙهائڻ لاءِ وٺي ويا هئا. پر اِهو فڪر به هئس ته نه ڄاڻ نڪاح ڪيئن پڙهائيندو.

ٻئي ڏينهن نامينشن فارم پرڻو هو، جنهن لاءِ پنجاهه رپيا في هئي. مولوي صاحب في ڀرڻ کان نابري واري، پاڙي وارن رپيو رپيو چندو ڪري نامينيشن فارم ڀريو. جڏهن مولوي صاحب خوش خوش گهر آيو، ۽ گهر واريءَ کي سچي حقيقت ٻڌائين ته جونس منهن مٿو پٽي ورتو.

”اڙي ڪجهه ته عقل سان ڪم وٺين ها. تو ۾ عقل ڪونهي، ته مونکان صلاح ڪرين ها. خبر به اٿئي ته رات جو ٻارنهين ڪانپوءِ تو ۾ رهيل کهيل عقل به موڪلائي ويندو آهي، ته پوءِ تو اهڙو ڪڏو ڪم ڇو ڪيو.“

”اڙي نيڪ بخت، اِهو ڪم خراب ڪونه ڪيو اٿم. فائدو ٿيندو. گهڻيون صاف سٺريون ٿينديون. وڏي ڳالهه ته پنهنجي گهر جي اڳيان به ڪچرو هٽندو.“

”بس نہ، ڳالھہ بہ ايتري. مان چوائين ٿي تہ پھرين ئي پاڙي ۾ عزت ڪانہ اٿئي، ھاڻي بي-ڊي ميمبر ٿي سڄي شھر مان عزت وڃائيندي.“

جوڻس گھڻو ئي سمجھايس، پر زندگيءَ ۾ اِھو پھريون موقعو ھو، جو ھن زال جي ڳالھہ کي اھميت نہ ڏني ۽ سندس زور پرڻ تي بہ نالو واپس نہ ورتائين. مڙس کي گند جي ڊپ، مکين ۽ مڇرن ڏاڍو ھلاک ڪيو ھو. ’ڪيتري بہ بچڙائي ٿئي. گند جي ڍير کان تہ جند ڇٽندي.‘ ھن دل ۾ چيو.

نيٺ نالي وٺڻ وارو ڏينھن بہ خير سان گذري ويو ۽ مولوي عبدالله بنا مقابلي بي-ڊي ميمبر بڻجي ويو. يونٽ جي ميڻي ماڻھن سُک جو ساھہ کنيو.

مولوي عبدالله ڏاڍو خوش ھو. سندس گھر جي سامھون گند جو ڍير ھٽي ويو ھو ۽ ناليون آجريون ٿي ويون ھيون. پر کيس ھڪ ڳالھہ نہ پئي وڻي، تہ پاڙي وارا ھنکي ڏسي سلام ڪرڻ کانپوءِ پرسان واري سان سُس پُس ڪرڻ لڳندا ھئا، ۽ کيس ڏسي مرڪي ڏيندا ھئا. پر پوءِ ھن انھيءَ ڳالھہ کي اھميت ڏيڻ ڇڏي ڏني.

بي-ڊي اليڪشن ٿيڻ جي ڪجھہ وقت کانپوءِ بي-ڊيز چيئرمينن جي چونڊن جا ڏينھن ويجھا ٿيڻ لڳا. نہ چاڻ ڇا ٿيو، جو يونٽ نمبر ٦٣٠ وانگر ٻين يونٽن جا ماڻھو بہ ھڪ ٿيا، بلڪ پنھنجي شڪلين کان بہ بيزار ٿي پيا. ھر يونٽ جو بي-ڊي ميمبر ٿوري ٿوري ڳالھہ تي استعفا ڏيڻ جي ڌمڪي ڏيڻ لڳو، ٻن ٽن تہ استعفا لکي بہ ڏني، پر پوءِ چار چڱن جي چوڻ تي واپس ورتائون. پر ھر ڳالھہ مان ھٿ ڪيائي ويا، ايستائين جو ڪوبہ چيئرمين بيھڻ لاءِ تيار نہ ھو. نيٺ انھي بہ يونٽ نمبر ٦٣٠ جا شريف ماڻھو وچ ۾ پيا ۽ پاڻ قرباني ڏيندي، پنھنجي بي-ڊي ميمبر مولوي عبدالله جو نالو پنھنجي حلقي مان چيئرمين لاءِ پيش ڪيائون. مولوي عبدالله کين انھيءَ جي اجازت ڏئي ڇڏي ھئي، ڇاڪاڻ تہ ھاڻ ھن پنھنجي زال کان صلاح وٺڻ ڇڏي ڏني ھئي ۽ پنھنجي مرضيءَ سان ھر ڪم ڪندو ھو.

۽ نيٺ مولوي عبدالله بي-ڊي اليڪشن وانگر ھتي بہ بنا

مقابلي ڪامياب ٿيو ۽ چيئرمين بڻيو.

يا ته مولوي عبدالله بي - ڊي ميمبر ٿيڻ نه پي چاهيو، يا هاڻ جڏهن چيئرمئين ٿيو ته خوشيءَ منجهه ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. پاڙي جا پڙهيل لکيل ته نه اڳ ڪيس ڪا اهميت ڏيندا هئا، نه ئي چيئرمئين ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اهميت لائق سمجهيون، ڇنکي بي- ڊي ميمبر يا پوءِ چيئرمئين رکو انهيءَ ڪري بڻاياڻون ته جيڪي پئسا يونين ڪائونسل لاءِ ملندا آهن، هرو ڀرو اُمي ڇو وڃن، اهي چڱن ڪمن ۾ خرچ ٿيڻ گهرجن. باقي هين يونٽن جا ماڻهون جن ۾ اڪثريت غريبن ۽ مزدورن جي هئي، سي سندس اڳيان پٺيان پيا هلندا هئا. پاڙي وارن سڄي ڄمار سائس سڌي منهن نه ڳالهايو، سو ويچاري ڪي جو اوچتو ايڏي عزت ملي ته پير پٽ تي نٿي پيس. ۽ وري جو يونين ڪائونسل جي آفيس ۾ ڪيس الڳ هڪ ٺاهوڪو ڪمرو مليو، ته مسجد ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنائين، سڄو ڏينهن آتي ويٺو هوندو هو. ڪڏهين جوٽس ڪانسواءِ هڪ پل به پري هٿ نه وٺندو هوس، پر هاڻ ته هنجو وجود ئي وساري ويٺو هو.

چيئرمئين ٿي مولوي صاحب ڪي گهڻا ڏينهن نه ٿيا هئا. مولوي عبدالله وٽ غريب غربو پنهنجيون شڪايتون ۽ ننڍا ڪم ڪٺي ايندا هئا. مولوي صاحب ڪن جون شڪايتون ٻڌي جهيڙا نبيريا. پر ڪي فيصلا نه اهڙا ڪيائين جو ماڻهيز ڏريون سائس ئي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺيون. ڪن جي ڪمن لاءِ واسطيدارن وٽ سفارش ڪيائين ته ماڻهين ذري گهٽ ٿيل ڪم به ڦٽائي وڌئين. پر پوءِ به مولوي صاحب خوش هو. هڪ ڏينهن مولوي صاحب وٽ هڪ چوريءَ جي فرياد آئي. فرياد جي نوعيت ٻڌي مولوي صاحب گهٻرائجي ويو، ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيس ته ڇا ڪري. فرياديءَ کي ڏاڍو سمجهايئين ته ٿاڻي ۾ رپورٽ لکرائي، پر هو مڙس بنهه تيار نه ٿيو، چيائين، "سائين، ائين راڇوٽيءَ ۾ فيصلو ئي وڃي نه ڇڱو. پوليس ۾ هرو ڀرو گهيل ٿيندي. چوريءَ جي سامان جي قيمت ايتري ڪونه هوندي، جيتري پوليس مونکان خرچ ڪرائي ڇڏيندي."

فرياد اها هئي ته: ڪلهه جو نئون بوٽ مسجد مان چورائجي

ويو هو. ڪلن کي هڪ ته اِهو ڏک هو، ته سندس نئون بوٽ هو، ٻي اِها ڳالهه به ته اڃا هن بوٽ پاتو ئي نه هو.

مولوي عبدالله هنجي ڳالهه ڏاڍي غور سان ٻڌي ۽ پوءِ آڏي پڇا ڪرڻ لڳو، ”تون چئين ٿو ته اڃا بوٽ پاتوئي ڪونه هو. ته پوءِ تون مسجد ۾ ڇا پائي وين.“

”سائين، پيرين اُگهاڙي، بوٽ دٻي ۾ هو، سڌو بازار مان آيو هوس.“

”هون،“ مولوي عبدالله ڪنڌ لوڏيو. ”تو بوٽ ڪٿي رکيو؟“

”سائين، در ڪان ڪجهه پري، پٽَ جي پرسان.“

”پوءِ تون ڪيڏانهن وين؟“

”سائين نل ڏانهن....“

مولويءَ سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چوڻ لڳو، ”تون نل ڏانهن وين، اُتي وضو ڪيئي، جڏهن نماز پڙهي موٽين ته بوٽ چوري ٿي چڪو هو.“ مولويءَ داد طلب نگاهن سان ڪان کي ڏسڻ لڳو.

”نه سائين. مان مسيت ۾ نماز پڙهڻ نه، فقط پير ڌوئڻ ويو هوس“

مولويءَ جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا. ڪجهه دير خاموش رهي ورئي پڇيائين، ”تو هٿ منهن به ڌوتو يا فقط پير؟“

”سائين فقط پير.“

”گهڻو وقت لڳيئي پير ڌوئڻ ۾؟“

”سائين، پورو وقت ته ياد نه اٿم، پر اڌ ڪن ڪلاڪ ته ضرور لڳو هوندو.“

”ايترو وقت فقط پير ڌوئڻ ۾!“ مولوي صاحب چرڪ پريو.

”سائين، سال کن کان نه ڌوتا هئم.“

”اِها ڳالهه آهي.... ڀلا اوڏيءَ مهل مسجد ۾ گهڻا ماڻهو هئا؟“

”سائين، ٽي.“

”ڪير هئا؟“

”سائين، ٻاڙي جا ئي آهن. انهن مان ئي ڪنهن کنيو هوندو، يا ٽنهين صلاح ڪئي هوندي. ائين به مون سان نه پوندي اٿن.“

”آهي ڪٿي آهن؟“

”سائين آهي به آيا آهن. جڏهن مون رڙيون ڪري پاڙي وارن کي سڏ ڪيو، ته اٺئو مونکي ڌمڪائڻ لڳا، ۽ هو پاڻ منهنجي شڪايت اوهان وٽ کٽي آيا آهن.“

مولوي صاحب انهن ٽنهين کي به گهرايو، ٽنهين کي ڏاڙهيون هيون ۽ شڪليون به ذري گهٽ ساڳيون. مولوي صاحب کين غور سان ڏٺو، ۽ پوء اکيون انهن جي چهرن ۾ کپائي گهور ڪري نهارڻ لڳو. مطلب کيز هيسائڻ هو. پر جلدي ئي پاڻ هيسجي پيو. کيس پورو يقين ٿي پيو ته چور انهن ۾ کو هڪ آهي، پر چوري ثابت ڪيئن ڪري. ڏاڍو سوچيائين، پر ڪجهه سمجهه ۾ نه آيس. انهن کان ابتا سبتا سوال جواب به ڪيائين، پر انهن اهڙا جواب ڏنا، جو ماڳهين پاڻکي چور سمجهڻ لڳو. نيٺ انهن کي چيائين ته: اوهين سڀائي اچجو، اوهانجو فيصلو ڪري ڇڏبو.

گهر آيو ته سوچ ۾ ٻڏل هو، جوٺس پڇيس ته کيس به ڪجهه نه ٻڌايئن. کيس اهوئي فڪر هو ته سڀائي هو ايندا، جيڪڏهن کو فيصلو نه ڪيم ته بيعزتي ٿيندي، چوندا: ايڏو وڏو آفيسر ٿي ڪري فيصلو نه ڪري سگهيو. ڪجهه سوچي جوٺس کي چيائين ته: گهر ۾ جيترا ڪتاب پيا آهن، سيئي کٽي اچ. جوٺس به ٿي سچا، پر ٿي قائل ڪتاب کٽي اچي سامهون رکيس. انهن ڪتابن مان کي حديثن جا هئا، باقي نورنامو ۽ اهڙي ئي قسم جا ڪتاب هئا. هن سيئي ڪتاب اٿلايا پٿلايا، پر سندس مطلب جي ڳالهه نه نڪتي. جوٺس کان پڇيائين، ”پيا ڪتاب گهر ۾ ڪونهن ڇا؟“ جوٺس ٻڌائيس ته رکيو ٻارن جا آهن. چيائين، ”جلديء سان آهي کٽي اچ، ڪم جون ڳالهيون ته گهڻو ڪري انهن ۾ هونديون آهن.“ ۽ سندس چوڻ صحيح به نڪتو. ٻارن جي ڪتابن ۾ بغداد جي ايماندار قاضين جون ڪئين ڪهاڻيون هيون. کيس ڏاڍو تعجب ٿيو ته ايماندار قاضي رکيو بغداد ۾ هئا، ڇو ته ڪنهن به ٻئي ملڪ جي قاضيء جو ذڪر ڪتابن ۾ نه هو. هن ڪيئن ڪهاڻيون پڙهيون، جن ۾ قاضين وڏن وڏن ڏوهن جا پتا پنهنجي هوشياريء سان لڳائي ورتا هئا. ٻه ٽي ڪهاڻيون هن ذهن ۾ محفوظ ڪيون ۽ ٻئي ڏينهن جو انتظار بيقراريء

سان ڪرڻ لڳو. حفاظتي طور هن اهي ڪتاب ساڻ کڻي وڃڻ جو فيصلو ڪيو، متان ڪِهاڻيون وسري وڃن.

ٻئي ڏينهن صبح سان مولوي يونين ڪونسل، پنهنجي آفيس ۾ پهچي ويو، ۽ ڪلن ۾ انهن ٽن ڄڻن جو انتظار ڪرڻ لڳو. وقت گذارڻ لاءِ هن وري ٽئين سئين ٻارن جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. طويل انتظار ڪانپوءِ نيٺ ٻارنهين لڳي اهي چارئي آيا. هن سيني کي ڪمري ۾ سڏيو. ڪلن کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين، باقي ٽي بيٺا رهيا، چاڪاڻ ته سندس خيال ۾ اهي چور هئا.

مولوي صاحب وري به آڏي پڇا ڪئي. پر وريو ڪجهه به نه. مولوي پڙهيل ڪهاڻين کي ياد ڪيو، ۽ پوءِ چپن تي زوري مُرڪ آڻيندي چيائين، "مون چور جهلي ورتو."

"ڪير آهي سائين؟" ڪلن رڙ ڪري ڪرسيءَ تان ٽپ ڏئي اٿيو.

"ماٺ ڪري ويهه،" مولوي عبدالله، ڪيس دڙ ڪو ڏنو. "هينئر تو پتو پوي. چور پاڻهي سچي ڪندو. مولوي عبدالله، بغداد جي هڪ قاضيءَ جي ڪيل اٽڪل کي ورجائيندي، ٽنهين بيٺلن جي ڏاڙهين ڏانهن ادا سان ڏسندي چيو، "چور اِتي ئي موجود آهي، ۽ مان اهو به ٻڌاءِ تو ڇڏيان، ته چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪکُ پيو لڙڪي."

مولوي عبدالله غور سان انهن ٽنهين کي ڏسڻ لڳو. پر انهن ۾ ڪابه چرپر نه ٿي. ۽ نه ئي سندن چهرن تي ڪو تاثر ئي نظر آيو.

مولوي صاحب گهٻرائجي ويو، پر پاڻ تي قابو پائي، ڌمڪائيندي چيائين، ٻڌو ڪون. چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک پيو لڙڪي."

آهي لئي، ڪجهه دير ته ماٺ ڪيو بيٺا رهيا، پوءِ انهن مان هڪڙو وڌي مولوي عبدالله جي ويجهو آيو. مولوي ڏکي ويو، سمجهئين ته اجهو ٿو گهنتو ڏئي، ڇو ته هن مولويءَ جي ڪنڌ ڏانهن هٿ وڌايو.

مولوي عبدالله رڙ ڪندي چيو، "چاتو ڪرين.... اڙي چاتو ڪرين!"

هن بنا ڪجهه جواب ڏيڻ جي، مولوي عبدالله جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌو، ۽ هڪ ڪکُ ڪڍي مولويءَ جي سامهون ميز تي رکي ڇڏيو.

HOTEL

ORIENT

HYDERABAD

حيدرآباد ۾ *** فقط هڪڙي
مڪمل ترين ايئرڪنڊيشنڊ
هوٽل

- Free Movies for residents
- Roof Gardening
- Telephone in every room
- International A la Carte
- Micro Buses available

ريڊي ميڊ ڪپڙن جو اعليٰ ترين مرڪز

تنهنڪانسواءِ

پروفيوسري ۽ سينگار

جي شين لاءِ سڄي شهر ۾ مشهور

ڪريمي اسٽورس

شاهي بازار، حيدرآباد

فون نمبر ٥١٥٦

KARIMI STORES

Shahi Bazar Hyderabad

House of readymade garments, Cosmetics
&
Provisions

Phone No- 5156

نياز همايوني

مانجهيئڙو!

(لوڪ گيت)

سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو گونڊرڙو ڏوريان ويٺي ڏونگرڙو
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو متياري، پيار نه سودو مُڪياري،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو ڪوٽ ڏجي، سورن ساڙي ڪيم سڄي،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو سونهري، اجها ٿي نيري ٽيپهري،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو ساموئي، مام اسانجي ساموئي،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته تنهنجو پريان لوء، ولهيءَ واڪا ووء ڙي ووء،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!
ڪٿ ته منهنجو همايون، هتڙي منهنجو حال زبون،
سو هنڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو مانجهيئڙو!

امداد حسيني

هڪڙي ويران گهر کي ڏسي

آءٌ اهڙي جاءِ آهيان
جنهنجا در دريون ڪڏهوڪا
جهاڙ ۽ فانوس
پردا ۽ ڪپٽ
آرسيون ۽ آرسين جا اولڙا
وچ چوڪ تي وڪجي چڪا!

آءٌ اهڙي جاءِ آهيان
جنهنجي رهواسين جي ردي خواهش
ڪنهن خزاني جي هوس ۾
فرش جي هر سِر اکوڙي
درز درز آهي اکهاڙي

هاڻ ڇاهي؟
ڇتِ تي ڇمڙا ٽنگيل
هاڻ هر ديوار تي ڇيٽا ٽڪيل!

نظم

آڱريون زرد ٿين مرد ٿين ڪجهه نه لکن،
آءٌ سگريٽ مان سگريٽ دکايان به ته ڇا؟
پوءِ توڏانهن ڪوئي ڌيان ڏيان يا نه ڏيان،
ونڙيل دونهن ڏمي پورَ پڇايان به ته ڇا؟

زندگي رڄَ رکي ڇڄَ رکي اڄَ آهي،
زهر وڪيءَ جو پيان جيءُ جلايان به ته ڇا؟
پنهنجي جيون تي اڏيڪار ٿي ڪونهي مونکي،
ڪجهه پرايان به ته ڇا ڪجهه نه پرايان به ته ڇا؟

هن ڪتاب جا ليکڪ

عبدالقادر جوڻيجو- هنجو شمار سنڌيءَ جي بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيون لکندي گهڻو وقت نه ٿيو آهي. سترهن کن ڪهاڻيون شايع ٿيون اٿس. بي-اي ڪيل اٿس، ايم-ايڊ ڪري رهيو. هن وقت، ضلعي ٿرپارڪر جي هڪ ڳوٺ جنهان ۾ ٽيچر آهي. سندس اصلي ڳوٺ به اهو ئي آهي.

رشيده حجاب- اٽڪل پنجاهه کن ڪهاڻيون، سنڌيءَ جي مينين مخزنن ۽ ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿيون اٿس. سندس شمار سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ سندس شادي هڪ فاريسٽ آفيسر سان ٿي آهي. هن وقت گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار آهي.

ڀڳوان ٿلواڻي- ڀارت جي مشهور سنڌي ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي. چاليهه کن ڪهاڻيون، سنڌ ۽ ڀارت جي مخزنن ۾ شايع ٿيون اٿس. اجمير (ڀارت) ۾ ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ آهي.

ممتاز مهر- نئون ڪهاڻيڪار آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي سندس چوٿين ڪهاڻي آهي، ڪجهه مضمون ۽ شعر پڻ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا اٿس. موجوده وقت ۾ سنڌيءَ جو واحد ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي فلسفي ۾ ايم-اي ڪيل آهي. هن وقت سکر ۾ پنهنجو ذاتي ڪاروبار اٿس.

اياز ٻلوچ- اڄ جا ڪهاڻيڪار ۾ سندس ڳاڻو ورتو وڃي ٿو. سندس پهرين ڪهاڻي 'روح رهاڻ' مخزن ۾ شايع ٿي هئي. ڇهه-ست کن ڪهاڻيون شايع ٿيل اٿس. تعلقي ٽنڊي الهيار جي ڳوٺ ڀيارو لنڊ ۾، هڪ ڪوآپريٽو بئنڪ جو مئنيجر آهي، انٽر (آرٽس) تائين پڙهيل آهي.

نياز همايوني- موجوده وقت جي، وڏن شاعرن ۾ شمار ٿيس ٿو. انجمن ترقي اردو، حيدرآباد جي لائبريريءَ جو لائبريرين آهي.

امداد حسيني- سنڌيءَ جي مشهور شاعرن مان 'امداد' به هڪ آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان، سنڌيءَ ۾ ايم-اي ڪري رهيو آهي.

عبدالجبار جوڻيجو- سنڌي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار آهي. مضمونن کان علاوه ڪهاڻيون به لکيون اٿس ۽ سٺو شاعر پڻ آهي.

رسول بخش پليجو- حيدرآباد ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. سنڌيءَ جي مشهور اديبن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. نقاد جي حيثيت سان، ڪن سنڌ ۾ 'عظيم' جو لقب به مليل آهي. ان بهترين ڪهاڻين جو خالق به آهي.

طارق اشرف- پنجويهه کن ڪهاڻيون ڇپيون اٿس. سنڌيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم-اي ڪري رهيو آهي.

ڪٿي ٿا تڪليف محسوس ڪريو؟



چا اوهانکي هيٺيون تڪليفون آهن

وائي بادي سور
سنڌن جو سُور
نڙيءَ ۾ سُر سُر
مٿي جو سُور
چيلهہ جو سُور
عرق النسان جو سُور
ٿڌ ۽ زڪام
مشڪن ۽ پٺن جو سُور

هر دوافروش کان گهري ڇڏيو

جتي به اوهين سور محسوس ڪريو. 'ونٽو جينو' سا
سان، آهستگيءَ سان مالش ڪريو. ونٽو جينو تمام جلد ا
ڪري ٿو، ۽ اوهين جلد سُکون محسوس ڪندا

ونٽوجينو

MARKER ALKALOIDS, QUETTA

سول ايجنٽ:
آءِ - عزيز آڪائي ايند ڪو، لجپت روڊ، حيدرآباد
حيدرآباد، سکر ۽ ڪراچي.

سنڌ ۾ هندي شاعري
ڪنڌر (ڪهاڻين جو مجموعو)   مطالعو
سنڌي تنقيد جو معيار

مضمون

عبدالجبار جوڻيجو
رسول بخش پليجو
طارق اشرف

عبدالجبار جوڻيجو

سنڌ ۾ هندي شاعري

[منهنجو هي مقالو سنڌي شاعرن جي چيل هندي ڪلام جو هڪ مختصر اڀياس آهي. جنهنجو دائرو ۱۰۷۹ع کان ۱۹۱۰ع تائين آهي. سال ۱۰۷۹ع ۾ پير نورالدين سنڌ ۾ آيو ۽ ۱۹۱۰ع ۾ قطب شاه وفات ڪئي. جنهن جو تذڪرو هن مقالي جي آخر ۾ ڪيو ويو آهي. عبدالجبار جوڻيجو]

مقدمو

سنڌ جي باڪمال شاعرن، سنڌيءَ کانسواءِ ٻين جن زبانن ۾ ڪلام چيو آهي، هندي به انهن زبانن مان هڪ آهي. هنن هنديءَ ۾ پنهنجي شاعرانئي ذات جا اهي جوهر ڏيکاريا آهن، جيڪي ڪين اهلِ زبان جيتري اهميت ڏيارين ٿا. شعر ۾ پنهنجا خيالات ظاهر ڪندي، هنن هندي شاعريءَ جي مزاج کي خاص طور ذهن ۾ رکيو آهي. هندي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر به رهيو آهي (۱).

هن هيٺ جن شاعرن جو تذڪرو ڪجي ٿو، سي پنهنجي سنڌيءَ ۽ سرائڪي ڪلام جي ڪري اڳ ۾ ئي مشهور آهن. منجهون سنڌيءَ جا قادر الڪلام شاعر- روحل فقير، بيدل، مصري شاه ۽ بيڪس وغيره شامل آهن. پنهنجي مادري زبان سان گڏ، اسانجن شاعرن، ٻين زبانن ۾ به طبع آزمائي ڪري قدردانن کان داد حاصل ڪيو آهي. هنن جو فڪر غير سنڌي حلقن تائين به پهچي رهيو آهي. سنڌي ۽ سرائڪي کانسواءِ هنن هندي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چيو.

هن مقالي ۾ هندي شاعريءَ جي تاريخ يا هندي زبان جي خصوصيتن تي بحث ڪرڻو ڪونهي، پر چند ڳالهيون هتي بيان ڪرڻ مناسب ٿينديون. محقق ڊاڪٽر جعفر حسن چوي ٿو: 'جيئن يورپ جي زبانن ۾ فرانسيسيءَ ۽ وچ اوڀر ۾ فارسيءَ کي شيرين زبان ڪري ڄاتو

(۱) تفصيلي مطالعي لاءِ ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مفصل مقالو 'سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو' سماهي مهراڻ، نمبر ۱-۲-۳ ۱۹۵۵ع

وڃي ٿو، تيئن هندستان جي مرڪزي ٻولين ۾ هندي هڪ مٺي ٻولي آهي.' (١) پنهنجي پر ۾ هي راءِ احترام جوڳو بيشڪ آهي، پر 'آخري' نه آهي. جذبن وهيڙو ٿي ماڻهو ڪنهن ٻوليءَ جي واکاڻ ڪن ٿا اهو قدرتي آهي. اڳتي ڊاڪٽر جعفر حسن جي راءِ ۾ فقط ٿورو واڌارو ڪرڻ ٿو گهران، اهو هيءُ ته - 'لفظن جي نرميءَ، نازڪ خياليءَ جي ڪري سنڌي زبان ۽ هنديءَ واريون خوبيون رکي ٿي. اهي خوبيون شاعريءَ ۾ پنهنجو جوڀن ۽ جنسار ڏيکارين ٿيون' ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هي رايو انهيءَ سلسلي ۾ غور ڪرڻ جهڙو آهي. (٢) 'ٻيون نه سنڌي توڙي هندي زبان جو، ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ شهري تمدن جي ٻوٽ ۾، ملڪ جي ماڻهن ۽ ملڪ جي فطري ماحول سان ايترو نه گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي، جو انهن ٻولين جي لفظي ۽ اصطلاحي سٽا توڙي نفسياتي ڪيفيت، بلڪل ساده ۽ نازڪ جذبات ۽ احساسات جي اظهار ۾ وڏي واهر ڪن ٿيون. عربي، فارسي ۽ اردو جي شاعرن اڪثر پر تڪلف تشبيهن ۽ استعارن ذريعي پنهنجي ڪلام کي مؤثر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر سنڌيءَ ۽ هنديءَ جي شاعرن پنهنجي روز-ره جي سادي زبان ۾ ئي ڄڻ خالص انساني احساسات جو روح پيش ڪيو آهي.'

اڳتي پنهنجي راءِ ۽ ڪهڙي حد تائين اها رکان ٿو. ڊاڪٽر جعفر حسن پنهنجي ڪتاب 'منتخبات هندي ڪلام' ۾ انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا (٣) جو حوالو ۽ ڏنو آهي. هو چوي ٿو ته: هندي زبان کي يورپ ۾ مقبوليت ملڻ کپي ها. پر ڪن سببن ڪري ائين نه ٿيو. اڳتي سمجهان ٿو هنديءَ ۾ جذبات جو جيڪو اظهار آهي، سو يورپ وارن جي مزاج موجب نه آهي. ان جو اهو مطلب نه آهي ته زبان ۾ وسعت نه هئي، جو يورپ وارن جو ڌيان نه ڇڪايائين. حقيقت ۾ سرخي پائوڊر ڪانسواءِ پنهنجي اصلي روپ ۾ هئي، ان ڪري سڪ اپ جي دلدارن جي منجهس اک ئي نه ٻڌي.

---

(١) ڊاڪٽر جعفر حسن، منتخبات هندي ڪلام، ناشر—حيدرآباد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد دکن. ص ٩.

(٢) ڏسو 'ماهي مهراڻ' ١/١٩٥٥ع سنڌي ادبي بورڊ. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مضمون 'سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو.'

(٣) Encyclopaedia Britannica, Xiv Vol.XI, 1929 p.573 بحواله منتخبات هندي ڪلام.

هندي شاعريءَ ۾ ڇا آهي؟ هندي شاعريءَ ۾ شهريتي آهي، ان شهريتيءَ سنڌي سگهڙن کي ڇپ ڇڻڻ لئي مجبور ڪيو، منجهس مٿان جي سرسي ڏسي 'سهنگار شاعري' کي ڪٿي اختيار ڪيائون (١) هندي لفظن ۾ ترنم ۽ سنگيت آهي، جنهنجو شاعرن خاص لحاظ رکيو. عاشق عورت آهي. جذبات نظري آهن. لچ سنڌي شاعريءَ ۾ به اهي ڳالهيون آهن. سنڌ ۾ (هندي) جوڳ واري شاعريءَ جي اثرات بابت ڊاڪٽر بلوچ تفصيلي بحث ڪيو آهي. موصوف جي راءِ موجب 'جوڳ واري شاعريءَ جو تخيل ۽ هٺ يوڳي فقيرن جا اظريا ان طبقي جي سيلاني جوڳين فقيرن جي ذريعي پهتا.' انهن اثرن جو سلسلو جاري رهندو آيو آهي، جو هندي شعرن جو پڙاڏو سنڌي شعرن ۾ ملن ۾ اچي ٿو. مثال طور— ع

لينا انتر آنيو، پلڪ ڍانپ توهي لون،
لاسين ديکوُن اورکر، لاتو هي ديکن دون (٢)

يعني اکين ۾ اچي ويهه، ته آءٌ ڇپر ڍڪي ڇڏيان، نه آءٌ ڪنهن ٻئي کي ڏسان ۽ نه توکي ڏسڻ ڏيان. شاه عبداللطيف جو هي بيت مٿين دوهي تي ٻڌل آهي— ع

اکين ۾ تي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه پسان ڪي ٻيو. (٣)

هندي دوهن جو ترجمو به رسالي جي ڪن بيتن ۾ نظر اچي ٿو

---

(١) هو لڪن امالجو سنڌي بيت هيئت (Form) جي لحاظ کان هندي دوهي ۽ سورٺي جي بيهڪ تي آڌريل آهي. وزن به هنديءَ جي ڇندوديا موجب اٿس. تفصيل لاءِ پڙهو. پروفيسر ڄهمت مل خوبچند ياوناڻي جو ڪتاب 'سنڌي شعر ڇند ودّيا'— اجمير ١٩٥٧ع.

(٢) ائين پڙهجي: آها پياري نين ۾، پلڪ ڍانپ توهي لوُن
لاسين ديکون اور ڪو، لا توهڪو ديکن دون.

(٣) سنڌي بيت ۾ شاعر لورو واضح لفظن ۾ محبوب کي چوڻ جو ڏيو آهي، ته 'توکي ڏيهه نه ڏسي. (ٻين ٻلي ٻيو ڏسي) هندي واري جو 'لاتو هي ديکن دون' چوڻ مان مراد شايد اهڙو آهي. ڊاڪٽر جعفر حسن به 'نه تهجي ديکهني دون' معنيٰ لکي آهي. منتخبات هندي ڪلام، ص ١٦٦.

اُن لاءِ هيٺيان ٻه ٽي مثال ڪافي آهن.

هندي

جيسو چندا اُڳهي، سورج چڙهن هزار،
ايتني چاندڻ هوندي، گُرو بن گهور اندهار

(گرنٿ)

سنڌي

سهسين سجن اُڀري، چوراسي چنڊن،
بالله ري پرين، سڀ اونداهي ڏٺيام.

(سر ڪنڀات)

هندي

ڪاڳ ڪليجو ميٺ ڍرون، ڪروا تون ليجا
ساجن مهرا ديس بست هئي، وه ديکت تون ڪا.

(سوران)

سنڌي

ڪيڏي ڪانگل تو ڏيهان، هنيون ساڻ هڻن،
وڃي ڪاڻ ولات ۾، سهندان محبوبن،
(پرين ساڻ اچن، هيءُ ترالي ڪنهن ڪئي.)

(سر پورب)

هندي

سر ۾ ٻکي هڪلا، ڦاسوال وڃاس،

(گرنٿ)

سنڌي

سر ۾ ٻکي هيڪڙو، پارهوڙي پنجاهه،

(سر ڪارايل)

ڪبير (١٤٠٠-١٥١٨ع) (١) هندي ڪوتا جي گلشن جو هڪ اهڙو خوشبودار گل آهي، جيڪو نه زمان ۽ مڪان جو پابند آهي، ۽ نه ٻوليءَ ۽ ذاتيءَ جي ڪري سنڌ وارن لاءِ ڌاريون آهي. سندس ڪلام ۾ دنيا جي دستور بابت گهڻو ڪجهه موجود آهي. سندس هيٺيون دوهو سنڌ ۾ اهڙو هوسے

(١) ڪن محققن سندس ولادت جو سال ١٣٩٨ع لکيو آهي.

هڏهن ڄائي، هرڪوءِ، پڇڻ نه ڄائي، ڪوءِ
ايهو ڪي ميدان ۾، ڪـڙا ڪيترا روءِ.

سچل سرمست (١٧٣٩-١٨٢٩ع) هين دوهي جي مضمون کي ۾ ڪتاب پيا ۽ وڏاياــع

هڏهن وڃي هرڪو، پڇڻ وڃي پهر،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

دادو ۽ ٻين شاعر اهڙا مشهور ٿيا جو سندن دوها، شاهه صاحب جي رسالي ۾ بيراڳ هندي واري سُر ۾ اچي ويا. جهڙوڪــع

دادو دعوائي ڇوڙ ڏي، ٻن دعوي دن ڪاٽ،
ڪتني سودي ڪرگئي، اس پاساري ڪي هاٽ (١)

سنڌ ۾ اهڙا هندي دوها عام ٿيا، جن ۾ سنڌ وارن جي 'دل جي ڳالهه' بيان ٿيل هئي. جهڙوڪ تلسيداس جو هي دوهوــع

مايا ڪو مايا ملي، ڪر ڪر لمبي هات،
تلسيداس گريب ڪو، ڪوئي نه پوڇي بات.

مطلب ته جيڪي حال موافق هئا، انهن دوهن کي خوب مقبوليت حاصل ٿي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ادبي حلقن ۾ هندي دوهن کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويو. سنڌي شاعرن وقت بوقت هنديءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. هندي، امانجي شاعرن لاءِ ڏاري هئي، ان ڪري نه هنن جا پڇڻ 'ميران بائي' جي پڇڻن جي پائي جا آهن ۽ نه سندن دوها ڪبير، تلسيءَ (٢)، ڪيشو داس، جائسي، امير خسرو ۽ ٻين اهل پايه ڪويسرن سان ڪلهي جوڙي ٿي سگهن ٿا. مون جيڏهن حضرت امير خسرو (٣) جو هي دوهو پڙهو، ته اُئين محسوس ڪيم، ته شاعري پيو ڪجهه ڪرلهي فقط درد جو داستان آهيــع

گوري سووي سيج پر، مک پر ڌاري ڪيس،
چل خسرو گهر آپني، رئن ڀئي اهه ديس.

پنهنجو محبوب سوين مٽ ستيءَ هيٺ دفن آهي. ديدار جو طالب ۽

(١) دادو ديال (١٥٤٤-١٦٠٣ع). احمدآباد ۾ ڄائو.
(٢) تلسيداس (١٥٣٢-١٦٢٣ا) جنهن راماين هندي شعر ۾ لکيو.
(٣) امير خسرو (١٢٢٥-١٣٢٥ا) پٽيالا ضلعي ۾ ڄائو. هي دوهو پنهنجي مرشد جي قبر تي اچي چيائين. ڏسو پروفيسر ڇهمڻ مل 'سنڌي شعر ۽ عروض' ١٩٥١ع ص اچهر ٨-٩ ۽ ١٥

هڪ وارو قبر وٽ ايهو پنهنجي 'هادي مرشد' بابت چوي، ته 'گوري پنهنجي رخ روشن تي زلفن جي چادر ڍڪي ستي پئي آهي، خسرو هن ديس ۾ اونده ٿي وئي، هل ته پنهنجي گهر هلون.' لفظ لفظ سندس دل جي اڪل درد کي ظاهر ڪري ٿو. هنديءَ شاعريءَ ۾ هڪ ٻيو سهڻو هوائي ۽ مڙيوني مرس آهي. عاشق پنهنجي محبوب کي مرڻ کان پوءِ ڏسڻ ٿو گهري، سو ه کهڙي طريقي سان ـــ ع

ڪاگا سڀ تن کائيو، چن چن کائيو ماس،
دو نينان مت کائيو، پيا ملن کي آس.

درد جي شدت هڪ طرف، هڪ جو سهڻي پئي طرف. شاعريءَ ۾ درد ۽ سوز ۽ رقت واري ڪيفيت اهل دل لاءِ هڪ تازيانو آهي. مشڪل سان دنيا ۾ اهڙا چند ماڻهو هوندا، جيڪي 'اعليٰ شاعري' کي جادو ۽ طلسم نه سمجهندا هوندا.

سنڌ ۾ هندي شاعريءَ جي ابتدا

سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ٿي ابتدا خال پيا آهن، جو طالب علم مطمئن نٿو ٿي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪي تحقيقون ٿيون آهن، جن جي ڪري چند نالا ۽ چند روايتون اسان جي علم ۾ آيون آهن (۱). سنڌي شاعريءَ جي تاريخ هڪ قسم جا ابتدا آهن، جن ۾ هندي شاعريءَ جا نقش پيرا آهن.

اهي اوائلي سنڌي شاعر، جن هنديءَ ۾ ڪلام چيو، سي اسماعيلي

---

(۱) الف- ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' (۱۹۶۲ع) جنهن ۾ هن صاحب سومرن ۽ سمن جي دؤر جي ادبي تاريخ تي بحث ڪيو آهي. (باب چوٿون)

ب- ڏسو غلام علي الانا جو مضمون 'سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري' جنهن ۾ هن صاحب پير صدرالدين ۽ ٻين اسماعيلي داعين جي ڪلام تي ٿوريون پيرو قلم کنيو آهي. سماهي مهراڻ ۱-۲/۱۹۶۰ع

ت- ڏسو مسٽر محرم خان جا مضمون سماهي مهراڻ ۾ جن ۾ هن 'سمنگ چارڻ' ۽ ٻين ٻن بابت ڪي اهڃاڻي روايتون ڏنيون آهن، جن بابت کوجنا جي ضرورت آهي.

فرقي جا داعي (مبلغ) آهن، جن ۾ پير نورالدين، پير شمس ۽ پيرصدر الدين قابل ذڪر آهن. هي بزرگ اصل سنڌ جا رهاڪو نہ هئا. دين جي تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيا. پير نورالدين سال ۱۰۷۹ع ۾ سنڌ ۾ آيو (۱) جيڪو دؤر هندستان ۾ رهيو، اُن دؤر ۾ هنديءَ ۾ ڪلام چيائين. سندس ڪلام گجراتيءَ، ملتاني، بهاولپوري ۽ لاڙي لهجن (Dialects) ۾ بہ آهي (۲) سندس ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي هنديءَ ۽ سنڌي لفظ بہ شامل آهن. ڪلام جو نمونو هي اٿس — ع

ڪلمہ ڪهو ري مومنو، لاڻ ڪرو جڳ ڪي ڪاڻ،
لهن او ايڪهر آٺ ڄاڻوڪي، دؤزخ ڄاڻوڪي پراڻ.

مومن ڪلمہ ڪهو دل ساچ سين، اوُر جهوٺي باڃي ڇوڙو،
مايا سي من دؤر ڪرو، تمهين پريت صاحب سين جوڙو.

مومن مورک نہ هوء، ايسا ڪهي، پير سٽگر نور،
ڪلمہ ڪهو رسول ڪا، تو ديکو نوري نور حضور (۳)

پير شمس سبز واري (۱۱۶۵-۱۲۷۲ع) پيرنورالدين ڪاپوءِ ساڳئي مقصد سان ڪم ڪيو. هو صاحب سبزواري ۾ ڄائو ۽ ملتان ۾ وفات ڪيائين (۴). سندس ڪلام جيڪو مهمر لپي ۾ لکيو آهي، تنهن جو نمونو هي آهي- ع

ناٿو تون آيو بندي، ڏيکيو لون لوڻي،
هلتر ماوي ڪسو، هلتر ڪيون ڪووي،
چار ڏن رهنا بندي، ابچ ڪيون ڏيماوي،
امي ري ڪنهہ بندي، ڪيا ڦل پاوي.

پير صدرالدين [۱۲۹۰-۱۴۰۹] جو نالو هاڻي سنڌي شاعريءَ ۾ نئون نہ آهي. سندس ڪلام هنديءَ ۾ بہ آهي. پير نورالدين جي تبليغي

---

(۱) غلام علي الانا 'مومنن جي دؤر جي سنڌي شاعري' سماهي 'مهراڻ' جلد ۹ نمبر ۱-۲ سال ۱۹۶۰ع ص ۱۴۹؛
(۲) ايضاً ص ۱۴۹
(۳) ايضاً - ص ۱۵۰؛
[۴] ايضاً - ص ۱۵۰؛

ڪيرڪي هن اڳئي وڌايو تصوف ۽ ويدانت ۾ پڪاڙ هو، برهمڻ ۽ لوهاڻا سندس دعوت تي اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿيا ۽ 'خواجه' سڏجڻ لڳا [١] سندس سنڌي ڪلام ۾ انهايت پختو ۽ معياري آهي، جهڙو ڪڇي، لاڙي ۽ ملتاني لهجن ۾ آهي. گجراتيءَ ۾ به ڪلام چيو اٿس [٢]

پير صدرالدين جي هندي ڪلام مان نموني طور هڪ دوهو هيٺ ڏجي ٿو.-ع

پير صدرالدين بوليا، ڪوئي من اپنا سمجهائي
ڪپڙا ڌوئي تو ڪيا هئا، دل ڌوئي سو پائي.

پير صدرالدين جي لڇ هندي ڪلام جو نمونو مٿي دوهو آهي، هو لئين گجراتيءَ کان ڌر هنديءَ ۾ گنان گهڻائي چيا اٿن.

پير شمس، ستگر نور ۽ پير صدرالدين کان سواءِ اسماعيلي تبليغي راڄ ۾ چند پيون ۾ ڪڙيون آهن. الهيءَ سلسلي ۾ ون شاعرن جو ڪلام هٿ آيو آهي، تن ۾ امام شاهه، نر محمد شاهه، امام بيگم، گل مالي شاهه، پير شهاب الدين ۽ حسن ڪبيرالدين، خاص اهميت رکن ٿا.

سنڌي زبان جي مشهور شاعر شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري (١٥٣٨-١٦٢٣) جي ڪلام ۾ سرڻين (٣) ۾ هندي بيت به ڏنا آهن. انهن مان هڪڙو ڏ هنديءَ جي شاعر سمن جو آهي-ع

سدا ڪالڪ ابر ڪي، اڙي جو ڪيسي ابر،
ايه ڪولي، ڪلي، لهون، سب جگ رهيا آڊبر.

---

(١) غلام علي الانا، 'سومرن جي دور جي سنڌي شاعري' ماهوار مهراڻ جلد ۽ نمبر ١-٢ [١٩٦٠ع] ص-٥١

(٢) ايضاً، ص ١٥١

(٣) شاهه ڪريم جي سوالجعفري ۽ ڪلام لاءِ ڏسو: بيان العارفين سنڌي، عبدالرحمان ٻاپڻ ١٩٠٩ع - رسالو ڪريمي، مرزا قليچ بيگ ١٩٠٤ع - شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام ڊاڪٽر دائود پوٽو، ١٩٣٧ع ڪريم جو ڪلام، مومن عبدالمجيد سنڌي ١٩٦٣ع - ڪريم جو ڪلام، مير محمد نظاماڻي ١٩٦١ع،

سمہ جي ھيءُ دوھي ڪلھوڙن ھڪ ٻيو ٻه دوھو ڦاريون آھي.
ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته 'ممڪن آھي ته اھو بيت دادو ديال جو ھجي
(١) بدوي صاحب وري ھڪ سٽ کي ڪبير جي تضمين ڪري
ڄاڻايو آھي [٢] دوھو ھي آھي-ع

ھيڪو جو اکر ونگڙو، جوڳ ڪر تسي ڏي،
اندري گھر ديولا، ڦر ڦر جوت ڪري.

بيت جي ھيءَ پڙھڻي: 'ھيڪو جو اکر ونگڙو، جو ڪر تسي ڏي'
ڪنھن ھندي شاعر ڏي منسوب ڪري ٿي سگھجي. ٻانڀڻو ته ان مان
سٽ تضمين ڪيل آھي. ٽيون بيت ھي آھي-ع

ارتاس ملاءِ، جيس ملندي سن ملي،
ديا ٻھڪ اٿاءِ، ايت ڪا ڪپڙا ڪون. (٣)

'ديا' جي معنيٰ 'خدا' ۽ 'ٻھڪ' جي معنيٰ قيامت ورتي وڃي آھي [٤]
آھيءَ ڪان اھو به بيت [سورٺي] جي معنيٰ آماليءَ ساڻ سمجھ. ملتي
آھي، ڪريمي ڪلام جي سڀني ڇاپن جي آڌار تي ھيءَ چئبو ته ھي بيت
شاه ڪريم رڳو پنھنجي زبان سان اچاريو آھي، سندس نه آھي. لکن ٿا-
'شاه ڪريم فرمايو ته ھڪڙو فقير ھولدو ھو، جنھنکي الله تعاليٰ
جو وصال نه ٿي ٿيو ۽ ھي بيت پئي ورجائين-ع ارتاس... الخ' (٥)

اِنَ ھن لنوجي ني ٻھتو آھيان ته ھنن لنھي ھندي شعرن ۾
۾ ڪوبه شاه ڪريم جو نه آھي. رڳو طالبن سندس زبان مان ٻڌا
ان ڪري 'بيان العارفين' ۾ اچي ويا. جيئن شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي
زبان مان جيڪي به شعر اڪتا، سي 'شاه جي رسالي' ۾ شامل ٿي ويا.
'سڄر ابراڪ ھنديءَ' تي نظر وجھبي، ته ان ۾ ھنديءَ جي مشھور شاعرن
جا دوھا نظر ايندا. اجا تائين ثابت نه ٿيو آھي ته ڀٽائيءَ ڪو ھنديءَ

---

[١] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقالو 'سنڌي ۽ ھندي شاعريءَ جو
لاڳاپو' ماھي مھراڻ ١/١٩٥٥ع ص-١١٦.
[٢] لطف الله بدوي- تذڪره لطفي ٻاگڙ ٻھريون، ڇاپو ٽيون ١٩٦٣ع
ص-١٨٨
[٣] ٻي پڙھڻي: ايڪ
[٤] ڪريم جو ڪلام- سومرو عبدالمجيد سنڌي- ١٩٠٢ع- سکر- ص-١٣٨
[٥] ايضاً- ص-١٣٨

۾ به دوهو چيو آهي (۱). مشتاق علي جعفريءَ، شاه صاحب جي نالي هيٺيان ٻه دوها ڏنا آهن، جن لاءِ ونس ڪابه ثابتي ڪانهي ـــ

بلبل رودي رين ڏه، ڪهان پيئي گلزار،
ان ڪي قيامت آج هي، جن ڪي بڇڙي يار.
لاالله ڪر آرسي، الاالله مي ديک،
محمد صورت رب ڪي، اس مين مين نه ميک.

مون شاه صاحب جي رسالي ۾ آيل ڌارئين ڪلام تي بحث پنهنجي ڪتاب ’ڪنزالطيف‘ [۲] ۾ ڪيو آهي. بيراڳي هنديءَ واري سنڌ وڙي ’ابيات سنڌي‘، ’هير رانجهو‘ ۽ ’ڍول مارئي‘ جهڙن سٽن کي اسانجي عالمن [۳] اتفاق راءِ سان ڌاريون ڪلام قرار ڏنو آهي. الهيءَ بنياد تي بنان ڪنهن ٺوس ثبوت جي، هنديءَ. جهڙي شاعرن جي ڪلام کي شاه صاحب جو اردو ڪلام سڏڻ ڪنهن به طرح صحيح نه آهي

۱۹۶۱ع ۾ جڏهن آءٌ پنهنجو ڪتاب ’ڪنزالطيف‘ لکي رهيو هوس، تڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري ’شاه جي رسالي‘ ۾ بحث ڪندي رسالي ۾ ڌارئين ڪلام جو مسئلو اُٿاريو آهي. ان وقت مون گربخشاڻي

---

[۱] مشتاق علي جعفريءَ پنهنجي اردو ڪتاب ’سنڌ ڪي چند اردو شعراء [ظهير منس حيدرآباد سنه ۱۹۶۱ع] ۾ ص-۱۸ تي مٿيان ٻه هندي دوها شاه صاحب جي نالي منسوب ڪيا آهن. عجب وري اهو آهي، جو اهڙن ان دوهن کي هو ’شاه صاحب جو اردو ڪلام‘ سڏي اوڻو رکو ٿو اترو ۽ قدم اڳتي وڌائي لکي ٿو- ’جيڪر ڪو اردودان، جو سنڌي زبان سان واقف هجي، سو هن [شاه] جي شاعريءَ جو تجزيو ڪندو ته هن [شاه] جي ڪلام ۾ گهڻا اردو شعر لڀندا.‘ موصوف کي صاف ٻڌائڻ گهرجي ها ته ذڪر ڪيل ٻه هندي دوها ڪهڙي سند سان هو شاه صاحب سان منسوب ڪري ٿو. ’اردو‘ شعرن جي تلاش ۾ هو ’اردودان‘ محقق کي ڳولڻ بدران تڪليف وٺي رسالي کي نظر مان ڪڍي ها.

[۲] عبدالجبار جوڻيجو، ’ڪنزالطيف‘ پاڪر هارون ۱۹۶۱ع ص-۳۷، ۳۸، ۳۹ ۽ ۵۰.

[۳] مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ مولانا دين محمد وفائي وغيره خاص طرح سان ڏسو وفائي صاحب جو لطف اللطيف ص-۲۰۶ [چاپو ٻيو]-۱۹۵۱ع

۽ ٻين عالمن جي ڪيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر بيراڳ هنديءَ کي ڏاريون ڪلام قرار ڏنو هو [۱]. سندس ذڪر ڪيل مسٽر مشتاق علي جعفريءَ جي ڏنل ڇاڻبين جي روشنيءَ ۾ 'بيراڳ هندي' شاهه صاحب جو نه قرار ڏيڻ لاءِ سگهجي ٿو ۽ نه ڪو ان کي شاهه صاحب جو اردو ڪلام ڪوٺي سگهجي ٿو. ڪيترن دوهن ۾ مصنفن جا تالا پيا آهن ۽ ڪي بنا تالي به آهن، نه اهي به شاهه صاحب يا ڪنهن سنڌي شاعر جا نه آهن. ۾ ڪيترا اهڙا به آهن جن ۾ هنديءَ ۾ سنڌي به گڏيل آهي. مثال- ع

ٻر هنوءَ نه آڏر ملان، مڄهه لت لت ماري اٺڙ،
جيئن جيئن ساڄن سنبران، تيئن تيئن لاڳن تير.

بيراڳ هنديءَ ڪانسواءِ ڪي ٻين سُرن ۾ ڳالهه ڏولاهه ڪنهي، هڪ اڌ هنديءَ جو بيت هٿ آيو، رامڪليءَ ۾ اهڙو هڪ بيت سلو جيڪو ٽن سٽن ۾ آهي. ڏيڍ سٽ هندي ۽ ڏيڍ سٽ سنڌي اٿس- ع

رامڪلي دکيا ڪهي، سکيا ڪهي نه ڪوءِ،
ڪو منئي ڪو ماٿي، ڪو روحيءَ ڪي روءِ،
رامڪلي ڪهي موءِ، جنهن جي پاڪ وچ دک هوءِ.

ضرور ڪنهن سنڌي شاعر جي ڪاوش آهي رهيو سر بيراڳ هنديءَ جو سوال، سو نه ان تي جدا مقالي لکڻ جي گنجائش آهي. ارادو اٿم ته اهو ڪم جلد از جلد ڪريان، ۽ ان لاءِ هنديءَ جي سڀاڪرين جا دفتر نظر سان ڪيا، ته من وڌيڪ سان ڪجهه چئي سگهجو.

هندي شاعريءَ جو ٻيو دؤر

هن کان اڳ چند اهڙن شاعرن جو بيان ڪيو ويو، جن مان هڪڙا (اسماعيلي فرقي جا داعي) سنڌ ۾ ٻاهران آيا هئا ۽ ٻيا (شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف) سنڌ جا ته هئا، پر سندن هندي ڪلام اڃا به تحقيق طلب آهي. هن هيٺ چند اهڙن شاعرن جو بيان ڪجي ٿو، جيڪي سنڌ جا هئا ۽ سندن هندي ڪلام موجود آهي.

روحل صوفي:- (۱۷۳۴-۱۸۰۴ع) 'ڪنڊڙيءَ وچ ڪلتارڙ نوسون

---

[۱] ڏسو راقم الحروف جو ڪتاب 'ڪنزالطيف' ڇاپو گل ڦل ڦلڙن، ۱۹۶۱ع ص- ۳۷، ۳۸، ۳۹ ۽ ۴۰.

راڳجهو رمزن وارو ٻار' ڪنبڙيءَ جو هي ڪلتار 'روحل' نه رڳو سنڌي شاعريءَ جي طالب علمن لاءِ لٺون ڪولهي، پر سندس هندي ڪلام به نهايت بلند پايي جو آهي. سنڌي شاعرن مان جن به هنديءَ ڪلام چيو، روحل تن مڙني ۾ مٿاهون آهي ۽ سندس هندي ٻوليءَ مان اصولي رس لو اچي، جيڪو هنديءَ جي اصل زبان شاعرن جي ٻوليءَ مان اچي ٿو.

بدوي صاحب جو روحل لاءِ هي راءِ آهي: 'رڳو ڏنڪو نه سنڌ جو شاعر سانس هنديءَ جي گهري واقفيت جو مقابلو ڪري نٿو سگهي. ان ڪري هو رهمر، اربه ۽ ملڪ جائسيءَ پاران هنديءَ جي شاعرن جي دلين ۾ اچي سگهيو.'[١] ان جو سبب لطف الله بدوي صاحب ڄاڻايو آهي: [٢] 'هو هڪ هندو فقير ڏونگر سي مهراج جو فيض يافته هو.'[٢] امڙ پوءِ روايتون به مليون آهن ته روحل، چرڪاور ۽ بيڪانير جو سير به ڪيو هو [٣].

سندس ڪلام مان هنديءَ زبان جي مڪمل ڄاڻ جا صاف اهڃاڻ ملن ٿا. جيڪي پڻ ڪنهن به سنڌي شاعر جي هنديءَ ڪلام مان لتا ملن – ع

روحل رهن گلي دن آيو،
ارس پرس سنگت ساهو مراري.

روحل جي هندي تصنيفات ۾ 'من پرٻوڌ' 'ڀرم گيان' ۽ 'اپوءِ' آهن (٤) اصناف سخن جي سلسلي ۾ روحل دوها، جهولنا، چوپايون ۽ پڇن چيا آهن. انهن جن هنن ڪتابن ۾ صوفي صاحب تصوف ۽ ويدانت جا وارڙ واهي ڇڏيا آهن. سندس ڪلام مان انتخاب ڏجي ٿو (٥).

---

[١] لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، ٻاگر ڀيريون [الائين مير سنڌاريل ڇاپو ١٩٦٧ع] ص-١٨١-٦.

[٢] لطف الله بدوي، ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٤ع ص٨

[٣] لطف الله بدوي، ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٤ع ص — ٣ ٤ ٩

[٤] خانبهادر سومن، روحل جي هندي ڪلام جي هنن ٽن ڪتابن کي هڪ ڪري ڇاپايو آهي. ڏسو 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ٻاگو ٻيريون، ص-٣٧-٤٢.

[٥] ڪلام جو انتخاب بدوي صاحب جي ڪتاب 'ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام' مان ورتل آهي.

باپ ميرا شاهو لهين، اس گهر اهين مات،
جتني هم جايا لهين، ڪال ورن هم اهين جات.
اپنا روپ پڇان، سمجهه سن درسن پائي.

ڪستوري و وسي مرگهه ڪي ماڻهين، ان نن ڍوليي سولکهي تاڻهين،
هوء رهيا حيران.
جن تمڪو اشچي ڪر جاڻيا، رتا رام سڪل گهٽ ماليا.
سر ساڌو پرواڻ.
اين لوڪ ۾ لمرا واسا، ڪاهي، [illegible] هوء آتما،
جان [illegible] ڪي ڪوجاڻ.
[illegible] ميري [illegible] صاحب منک لاڳي، روحل [illegible] ڪي پاڳي.
آتم [illegible] غلطان.

ڪاهي ڪو پورت پالوري، اوه تو تيري پاس هئي،
وه وياپڪ تيري ماڻهين، ڦولن ۾ جئسي باس هئي،
پاهر ڪو دوڙو هاٿ نه آوي، سرڪه اترشنا کيل،
الک اسورت اسر اپنامي، لو ماڻهين پرڪاش هئي.

ڪاهي ڦرو بنواس،
١- شبڪي ڪر سمرنا، وچن ڪا ڪر پاس،
پو ساگر پار ترن ڪو، جپ سوهن ساس.
٢- ڪي ڦرن مڪي ڪي ماڻهين، ڪي ڪون گنگا ڪي پاس.
سنکهه ٻوڪا جي ڦري، ڦر سول نه ڪاوي، گهاس.
٣- تيرا صاحب تجهه هي ماڻهين، تم تجو اور پاس.
سر دلي صاحب ملي، اوسرج اڀيا هاس.
٤- ڪٽر ٿ روحل هم ڪون ملئا، ڪالي جم ڪي ڦاس
دن رين مجهه ڪو پائي هئي، تيري [illegible] ڪي پياس.

آج موري منت پڌاريا، منت پڌاريا هري جن پيارا.
بل بل جائون بلهاري
١- آج ميري الگنان ۾ [illegible] واڌائي، ورتيا منگل چارا.
٢- پاؤ پکڙ ڪي ڪرون [illegible]، آننه ڪرون اپارا.
٣- [illegible] سنتوڪ ڪي سيج بڇائون، پالون [illegible] دوارا.
٤- ڪهنا روحل منت هي آيا، پائون درسن ديدار.

مراد (١٧٤٧ - ١٧٩٦ع) جڏهن ته سنڌ وارن جي هندي
ڪلام جو ذڪر ٿو اچي، ته روحل جي ٽالي ماڻ مراد جو نالو به ذڪر

وارث اڳيان ڄاڻايل آهي ته، مراد فقير تي روحل صوفيءَ جو وڏو اثر آهي. ان اثر ڪري مراد جو هندي ڪلام به اڇو ڪونهي. سندس هندي ڪلام ۾ پڃن پاڻ جو رنگ ڄاڻايل آهي. سندس تصنيف بابت پروفيسر ڀوڄراج، دلپت رام صوفيءَ جو هي راءِ ڄاڻايل طور ڏنل آهي - پريم گيان ساکيات هيرن جي کاڻ آهي. منجهس هن ادرم جي مهما اهڙي نه ڪئي آهي، جنهنجي سارا ڀي لڀي سگهي. هرايڪ سمجهڻ صاحب جي هڪ ٻئي لهي (١)

مراد فقير جي ڪلام جو انتخاب هن هيٺ ڏجي ٿو، جنهن مان سندس نادرالڪلاميءَ جو واضح ثبوت ملي ٿو.

آپ ميڻ درسن پايا ري ساڌو، آپ مين درسن پايا ري ساڌو.

هرو امول هيرا، تاسون لهر لڳايا.

١- چنچل چت لوچل پيو ميرو، لعل امر پئي ڪايا.

٢- پئي ڪريا تب ٻنڌن ٽوٽي، مت گرُ الک لڳايا.

٣- آشا ترشنا مٽ گئي من کي، ملي منگل ساپا.

٤- کهت مراد مٽي جب ممتا، سنهجي سهج سمايا.

سوري پيا ڪو سنيهو جا ڪهو،

ڪيوڻ لهين آوت، ڪاهي ڪرپوٽ رهيو.

(١) مين تو توري چيري - ڪاهي نه ڪرتا ميري،

پالم پديس جا کي ڦيري - سڌ ڪيون نه لهيو.

(٢) وينتي ڪرت تـوهي - سوهن ملادو موهي

پل پل جاڻون ڏـو اپي - آکي سُک دکهو.

(٣) هس هس گرهه لڳائون - من کي مراد واڻون

جب مـلي دکـب پڃن - سندر ڪنهيو [٢]

---

(١) لطف الله بدوي: ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٤ع ص- ٤٠

(٢) روحل جي خاندان ۾ ڪي پيا به هنديءَ جا شاعر ٿي گذريا آهن. شاهو خان (١٧٥١-١٨٤٠ع) هـي شاعر حضرت روحل صوفيءَ جو فرزند هو. سندس ٿورڙو هندي ڪلام هٿ آيو آهي. سندس پاءُ فقير غلام علي (١٧٦٦-١٨٢٩) ۽ ڀائيٽيو نظر علي (١٨١٠-١٨٤٨ع) (ولد خدا بخش) به هنديءَ جا شاعر هئا. هنن شاعرن جي ڪلام ڪيا (ڏسو صفحو ٨٠)

دريا خان: (١٧٧٦-١٨٥٢ع) سنڌ جي مشهور شاعر روحل فقير جو فرزند دريا خان، هنديءَ جو سٺو شاعر هو. هن جي والد وانگر سندس هنديءَ ڪلام ۾ ڀڳتي جي اچار گهڻي آهي. دوها، شبد ۽ پڇن چيا اٿس. دريا خان جو گهڻو ڪلام ميسر ٿيو آهي، اُن مان انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

دوها

ڀڳتي ڀارڪو ڪوئي لهن، جو ڪري ڀڳتي اچال،
دريا خان جس گهٽ ڀڳتي نهي، وهان هٿي ڀڳت ڪال.

روڳي روڳ سرير ڪي سنگت، نام سون جن دل لائي،
دريا خان آمن ارامن برابر، جو ديکا سبي سو پائي.

ڀڳتي لو ميري وس اهين، ارام لو ميري هات
هان ستگر ني وڌان هو، ڪيچ سمجهائي بات.

رام رام ڪي نام سي، جن ڪو لاڳي پريت،
دريا خان ايهه سنساري سون، هاري ٿوري جيت.

شبد

مت ڀولو من مت ڀولو، هر نام سمر من مت ڀولو
ستگر سهه سين آت سمائو، ڪايا ڪاشي ڄوت لسائو،
من ڪي پنج مواس منائو، گيان هنڊولي ۾ جهولو.

پڇن

شام سندر آيو ري، سکي موري، ڪان
(١) بندرابن ۾ ڪهلي هوري، سنمک صاحب شام ڪشوري،
راڌا روپ بنايو ري.

(آڳئين صفحي ٧٩ کان)

ڪنهن به طرح اردو جو شاعر سڏي نٿو سگهجي. ته وري هنن شاعرن هندي ڪلام ڏنو آهي، ڪي ’هندي دؤر‘ وارو اردو ڪلام چئي سگهجي ٿو. اهو دؤر ولي دکنيءَ جي ديوان ۽ ملا وجهيءَ جي ’سب رس‘ لکڻ تائين رهيو. هنديءَ جي ارتقائي لوڄ آهي. سنڌ جي ارڙهين ۽ اڻويهين صدي عيسوي جي هندي ڪلام کي، ڪنهن به ريت اردو ڪلام سڏي نٿو سگهجي. حوالي لاءِ ڏسو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تاليف ڪيل ڪتاب ’سنڌ ۾ اردو شاعري‘ (اردو) ڇپائيندڙ آرٽ ڪاليج، حيدرآباد ١٩٦٧ع ص— ٢٦ کان ٣٨، ٤٦ کان ٧٦ ۽ ٨٨ ۽ ٨٩.

(٢) پالڄ سکيو مل منگل ڇنگ، سر ڏنگ کي چوٽ چلائو،
ولکرس تال بجاوو ري.

(٣) دريا خان پرلب هي پايا، سنتگر سهد ۾ سوڄ سمايا،
آپ آهي گن گاوو ري (١)

عثمان فقير سانگي: (٢) (١٧٧٨-١٨٦٠ع) ڀٽي صاحب عثمان شاعر جي ڪلام جو انتخاب ڏيندي ٻه هندي پڄن ڏنا آهن، جن مان هڪ هي آهي (٣)—ع

ڪهنا راما راما هرسون هرناماان رام نام بن ڪورو
١. پالڄ تنت ڪا پنبڊ بنايا، اسمين اوٺي ناڪ آيا،
مري ڪرشن هو ساماان.
٢. جوني پولي، سوني چولي، دنکون دنکون هردي ڪولي،
اهي نه جوني جاماان.
٣. لک چوراسي جوڻ سماوي. اڪائي سون اڪو پاوي،
ڪفر لکو اسلاماان.
٤. عثمان گروڪي منگ لکي، پولي ڪي سب پول ڀڳي،
آپ هويا آلماان.

غلام شاهه لغاري (١٧٩٩-١٨٦١ع) غلام شاهه جي والد جو نالو غلام الله خان لغاري هو. غلام شاهه جو شعر سنڌي، سرائڪي، فارسي، ڪالسواءِ ريختہ (هندي) ۾ ملي ٿو. سندس ڪلام جو اڳوار هي آهي.

دوهو

ساڄي ڪڄي، اريت صاحب سون، ساڄي ڪڄي اريت،
غلام شاهه تم جوش چکاوو، عشق کي ڄاڪو ريت. [٤]

---

(١) دريا خان جي سوانحعمري لاءِ ڏسو: لطف الله بدوي جو تذڪره لطفي ڀاڱو ٻيو.
(٢) لطف الله بدوي: تذڪره لطفي ڀاڱو ٽيون (٥٢-١٩٥٢ع) ص — ٢٩٩ کان ٢٧٨.
(٣) لطف الله بدوي: تذڪره لطفي ڀاڱو ٽيون (٥٢-١٩٥٢) ص — ٢٧٧ — ٢٧٨.
(٤) ڪتاب 'سنڌ ۾ اردو شاعري' [مولف: ڊاڪٽر بلوچ] ۾ هن دوهي کي ڪافي مڙيو ويو آهي، جو صحيح نه آهي. ڏسو ص—٩٧.

خليفو نبي بخش قاسم [١٧٧٦—١٨٦٣] خليفي صاحب جو نالو سنڌ جي ادبي حلقن لاءِ نئون ڪونهي. هي بزرگ سنڌي ۽ سرائڪي شاعري جي ڪري ته مشهور آهي، پر اردو ۽ هندي ڪلام به چيو اٿس. هندي ڪلام جو نمونو ڏجي ٿو:

دوهو

رمتي رمتي جوگي جمنا جاوي، ڪاهي، ڪون ڪرت تم اسرام،
من ڪي اي، مالا تن ڪي ٽپت بجهالي، ڪون جپ جپ رام رام ڪا نام.

ٻچن

رام ڪي سداڪو رام جهو ري، اور سون ڪيا تورا ڪام،
سب جگ چلنا لم ٻسي چاوگي، ڪون ڪرت اسرام'
گنگا نام ڪاهي، ڪو چالا، رام اسي اس تيري ڪام.

قادر بخش بيدل [١٨١٤-١٨٧٢] سنڌ جي قادرالڪلام شاعر حضرت بيدل جي ڪلام ۾ ٻه ڪي هندي دوها نظر اچن ٿا [١] بيدل سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ سچائي جي سڪ ۽ درد جي شدت سان گڏ الاهي عشق جي تنوار به آهي. بيدل جي هندي ڪلام مان هيٺيان چار دوها هت آيا آهن—ع

جگت باغيچا رام ڪا، سندر آس ڪي ڦول،
ڀرلرا واس دي واسطي، آس مين آيسا ڀول.
ساڌو جنم اچنم هــــي، الترياسي ايڪ
سرلونا ڳي جي سويا، آس سن ميدن ايڪ
چهڙي موهه الذاريان، چالدي موهه چڪور،
ساڌو مالڪ آپي اور ڪڇ، سنساري ڪڇ اور.

---

(١) محترم عبدالحسين شاهه بيدل جي اردو غزلن کي ٻه 'غزل هندي' سڏيو آهي. جهڙوڪ—ع

حيران هون ڪ قد تمهاري ڪون ڪيا ڪهون،
طوبيٰ ڪهون ڪ سرو ڪ نخل وفا ڪهون.

بيدل جي سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ هندي ڪلام توڙي سوانح لاءِ ڏسو تذڪره لطفي ڀاڱو ٽيون (بلوچ) تاريخ سنڌي ادب (محمد صديق ميمڻ) ديوان بيدل (گدومل هرچاڻي) ديوان بيدل (موسوي) ۽ بيدل جو سنڌي ڪلام (اولچند راچپال)

قاضي پنڊت پڙهه ڪتاب، ٻيهه ڪتاب الڪ،
چا هولي سا هــو رهيا، ڪون مٽاوي ليڪ.

ٻهراڻين دوهي ۾ ٻيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ وارو ساڳيو رنگ آهي. سنڌيءَ ۾ ساڳي ڳالهه هيئن او چوي ـ ع

يار پڪالو ڪاڻ ظاهوري، سوين ڪري سينگار،
ياڻ ارين ڪثرت ۾ آيو.

هتي آندل ٻيدل جا دوها موسوي صاحب جي مرتب ڪيل "ديوان ٻيدل" تان ورتل آهن.

ديوان صورتسنگهه (١٨٣٢-١٨٧٧ع) هن شاعر جو ڪلام اردوءَ ۾ آهي، ان ڪي پڇن ۽ غزل هنديءَ ۾ به آهن ۽ ڪن ۾ اردو ۽ سنڌي گڏيل لفظ ڪم آندل آهن. مون مثال طور هيٺيان ٻه پڇن حوالديا آهن (١).

آلي موري، ڪهر آور ڪرڌاري ـ پڪ پڪ ٻـــر الهاري
هري ارج ان گوڪل ڪا مالڪ، هم گنوالن اڄاري
ساچ ڪهون مٿي چوٽ لا بولون، اوچ لي سب برج ناري.
لنني ٻران آـــن مـــن ڪي پيتم، اـــس رهيو بنواري.
ڪر ڪرپا هـــر، ٻه صورت ار، ڪيا ڌهار بهاري

ڪوري موري ڪهاڪهر ڪيڏر ڪئي ري، اب جل راکي پرلت پره
(١) ڪهاڪهر ڏواليو تو گذ ولـــان لاهين، ٻه اوچ من ماهين،
ڪهاڪهر چور ڪره چان ليٺا مٿي، چور سورا ڪيڙڌار چپ ڪره
(٢) هري چالي مٿي تو ڪهاڪهر لئي، مٿي هرڪي مرلي چيتاوڻ،
گوڏن مارا ڪولس ليٺون، اب ٻـــالڪ ليٺون دلو ڪرائه ڪر.
(٣) صورت شام ٻهاري ڪيا مشڪي، من من گنوارڻ ڪي ڪاري،
ڪاري سٽي گهاڪهر لادي، ڪنسو هٿلو مرلي ڌر اـر هـــر

دلن خان لغاري: [١٨٠٩-١٨٨٠ع] سنڌ جي هن شگفته طبع شاعر پنهنجي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي ڪري سنڌ ۾ مقبوليت حاصل

---

(١) ديوان صورتسنگهه پنهنجي هر ڪلام (غزل وغيره) ۾ پنهنجي نالي سان گڏ پنهنجي دوست ديوان بهار سنگهه جو نالو به وڌو آهي ۽ سندس ديوان جو نالو ئي آهي "ديوان صورت بهار" جيڪو ١٨٨٦ع ۾ پهريائين ڇپيو ۽ پوءِ ١٩٢٥ع ۾ وري ڇپيو. هي انتخاب پراڻي ڇاپي مان ورتل آهي.

ڪئي. سندس هندي ڪلام جو نمونو هي آهي—ع

ڪيا ديوڻ ڪيا دلائون، ڪڇ بي نهين ميرا،
جيس ڪات قربان ڪرون، تو ليي صاحب تيرا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حمل جي اردو غزل کي به هندي ڪلام ۾ شمار ڪيو آهي. غزل جو مطلع آهي—ع

جسڪو هي داغِ جگر اسڪو لـڳون آرامِ دل.
عشق ميں اڪا نهين وه بيخبر هي خامِ دل.

سرائڪي ۽ هندي ڪافئون ڪلام به چيو اٿس. (١)

محمد محسن بيڪس (١٨٥٩-١٨٨٢ع) بيڪس جو نالو ذهن ۾ اچڻ سان 'ماهي مينون بخش ڏڪاالا يار' وارو گفتو اچي اختيار واتان نڪري وڃي ٿو. پنهنجي مرشد هادي ۽ والد حضرت قادر بخش بيدل وانگر سندس ڪلام ۾ درد جا داستان آهن. سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ڪالسواءِ چند هنديءَ جا دوها به چيا اٿس. جولئن سندس سرائڪي ڪافين ۾ ڪي مصرعون اردو ۽ هنديءَ جون به آهن. هندي دوها هي اٿس—ع

(١)

ڪليان عجب راڳني، ڳاوي پچهي شام،
جسڪا يار پيچڙا هووي، وه ڪري سلام.

(٢)

آسا پي رب ڪي، دوجي آسا سب پن،
بيڪس برهن ان ڪهي ڏڻ لڳ رهين رام ڪي. (١)

---

(١) حمل جي هندي ڪلام جي سلسلي ۾ سماليجي اڳيان نقط ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مرتب ڪيل **ڪليات حمل** آهي. حمل جي سوانح حيات لاءِ ڏسو:

الف : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : **ڪليات حمل**. سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٣ع

ب : لطف الله بدوي: تذڪره لطفي ڀاڱو ٻيو.

(١) هن دي هيئت اهڙي جي آهي ۽ اِي مصرع ۾ اوپون به سنڌيءَ ۾ آهي. بيڪس جي سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو:

الف. لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، ڀاڱو ٽيون (١٩٥٢-٥٣ع)

ب. عبدالحسين شاه موسوي: ديوان بيڪس (١٩٦٥)

ث. محمد صديق ميمڻ : سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو ٻيو.

جيوت سنگهه (١٨٥٠—١٨٩٩)- هن شاعر جو تعلق ٺٽي ضلعي لاڙڪاڻي سان آهي. جيوت ويدانتي شاعر آهي. سندس گُرو ولايت راءِ هو. سنڌي ڪلام ڪافيون هنديءَ ۾ پڻ چيا اٿس. ان سان گڏ بدوي صاحب تذڪره لطفي ۾ ڏنا آهن—ع

(١)

مٺن قرآن ڪيا هي آپ — سٽگر ايڪ ڇپايا ڇاپ،
اڇپا ڇاپ ڇپيا جب مٺن — ڀاڳ ڪُٺي سوري لهني ٽاپ،
فرحت آئي دل سوري ڪو — دور هولي سڀ دک سنتاپ،
سوري تيري ومر ڪُٺي سڀ — ايڪ ادويت رهيو هي آپ،
جيوت ڪو جب پريتم مليا — سڀ جگ ديکا آپ هي آپ.

(٢)

اريو سوري ڪڻ اوگڻ نه ويچار — سٺن هار پڙيو تنهن دور.
[١] جب مٺن سرڻ سنت ڪي آيا — ڪرپا ڪيتي ڪرتار،
پاپ پنچ سوري ڪڇهه نه ويچارو — ديو امرت سار.
[٢] آب حيات پيا جب پيالا — وسرگيا سنسار،
رس چکي مٺن هويا ديوانا — اچرج ليلا اپار.
[٣] جيوت جوتي وچ سمايا — سٽگر هو يا ستار،
تت ڪرت پاڪي وچڙيا — سب ديکا او الڪار [١]

مصري شاهه [١] [١٨٢٨-١٩٠٤ع] سنڌي زبان جو قادرالڪلام شاعر، حضرت مصري شاهه اردو شعر هندي زبان ۾ به چيو آهي. سندس هندي شعر ۾ ڪا فڪر جي جدت نه آهي. سندس پڇنن ۾ روايتي ۽ سادي زبان آهي، جيڪا ڪافيس اڳ جا شاعر ڪم آڻيندا آيا آهن. مرليءَ سان چوڪي سندس دل کي موهيو آهي، انجو ذڪر خير هنرات ڪري ٿو—ع

---

[١] جيوت جي سوانح حيات ۽ ڪلام جي تفصيل لاءِ ڏسو پروفيسر لطف الله بدويءَ جو 'تذڪره لطفي' ڀاڱو ٽيون، ٥٢-١٩٥٣ع ص-
٣٣٥، ٣٣٦، ٣٣٧، ٣٣٨، ٣٣٩ ۽ ٣٤٠
[٢] ڏسو:
الف- مقبول احمد ٺٽي ؛ ڪليات مصري شاهه، ١٩٦١ع
ب- لطف الله بدوي ؛ تذڪره لطفي، ڀاڱو ٽيون، ٥٢-١٩٥٣ع
ت- محمد صديق ميمڻ ؛ سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو پهريون.

مرلي سان مجهوڻ، موهه کي، جوڳي جان لي، گهو ري،
کسي ديس سي، آهو.

(١) جوڳي آيا کس ول کام کا، بابا بيچ الف کي دام کا،
سک صبر چين آرام کا سامان لي گيو ري.

(٢) بين سار آيا ستگر، مصري سين کو کرگيا منتظر،
خمدا خنجر اسرار کي ڪه ڏيان گيو ري.

الک اگم کوئي الت نه پاوي،
لاکي الکها کون لکي، ري.

(١) نام ارلجن پيتر پايا، جهنگل جوڳي کالهن چکي ري.
(٢) سوو ستگر سنت سنپت مي، ارگهٽيو اريو پاس پکي ري.
(٣) کر لاٽک کونيسر کالي، گهٽ وچ گنگا رام رکي ري.
(٤) گتر چر مصري سين آتارو، کاسي کروٽ ايک رکي ري.

بين سنڌي شاعرن وانگر مصري شاهه جو به اردو هندي ڪلام ميسر ٿيو آهي. جنهنجي بنياد تي سندس هندي شعر بابت ڪا مستقل راءِ قائم ڪري اٿي سگهجي. ايترو چئبو ته شاعر هندي شعر جي مزاج ۽ پنجن ٻاءُ کان واقف هو، جنهن جو اولهو محاورو هن پنجن ۾ ڏيکاريو آهي.

نواب غلام الله خان اغاري (١٨٧٨-١٨٨٥ع)

غلام الله خان کي محترم ڊاڪٽر بلوچ سنڌي، سرائڪيءَ ۽ هنديءَ جو شاعر ڪري لکيو آهي(١) سندس ڪلام کي نسبتاً اردو-آميز به سڏيو آهي. ان ۾ دادو ديال جي ڪلام ۾ به فارسيءَ جا لفظ ملي پوندا. غلام الله جي دوهن مان نموني طور به دوها هيٺ ڏجن ٿا:

دم دم کا مرنا پيا، مک سين کهيو نه جاوي،
هم کهتي هون آپ کون، ملت مات چل جاوي.

لت لت لاگي پريم کا، جان هماري کان،
اس شهادت عشق کي، ساکو نام نشان.

---

(١) ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تاليف ڪيل ڪتاب 'سنڌ ۾ اردو شاعري' (اردو) مهراڻ آرٽ ڪائونسل حيدرآباد، ١٩٦٧ع ص-١٥٦-١٥٧.

مسڪين مارگ ڇاليئي، اهو مارگ مت ڇال،
جو لــر مارگ، ناچاهي، ڪرسين هرت ڪنگال.

قطب شاهه (١٨١٣-١٩١٠ع) ڇهالهان پرنٽي خاندان جو هي شاعر حيدرآباد ۾ ڄائو. هندس سنڌي ڪلام سنڌ ۾ مشهور آهي. هندي ڪلام جو نمونو هي آهي:

شبد

ستگر ايسي يگتي لکائي هي،
جس لي اون لون نام ڏيائي هي.
نابهه ڪنول ڪون نام آنايا، ڪنٺ ڪنول سين ماني لايا،
پنور غفا ۾ منزل پائي هي.

في الحال ٻيو به ڪيترو مواد هٿ نه اچي سگهيو آهي انڪري سچل نوڙي داپي جي ڪلام بابت ڪجهه به نٿو چئي سگهان. دلپت جي هندي ڪلام جو رڳو حوالو تذڪرن ۾ اچي ٿو(١) سچل سرمست جي اردو ڪلام مان ڪتاب نه ڪتان کو هندي پک ڪيڏي سگهجي ٿو، پر ڪٿڪ مني نمبر ڪيڏو ڪرلهي. انڪري خدا توفيق ڏني ۽ حالات موافق ٿيا ته هن سلسلي جي ٻي قسط ۾ رهيل شاعرن تي قلم کڻندس.

ڪتابيات

١. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو 'سنڌي ۽ هندي شاعري جو لاڳاپو' سماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، نمبر ١، ٢ ۽ ٣-١٩٥٤ع.
٢. ڊاڪٽر جعفر حسن: 'منتخبات هندي ڪلام'، حيدرآباد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد دکن.
٣. جهمٽ مل ڀاوناڻي: 'سنڌي شعر چونڊ سگنده'، هندو پرنٽنگ پريس، اجمير ١٩٥٣ع.

---

(١) ڏسو:
الف: لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، ڀاڱو ٻيو، ص-٣٨٦
ب: محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو ٻارهون، ڇاپو ٥، ص-٢٤٥.

٤. ڄيٺمل پرسرام: 'سنڌي شعر عطر عروض'، هندو پرنٽنگ پرائس، اجمير ١٩٥٤ع
٥. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ'، پاڪولوٽو پرنٽر، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٢ع.
٦. غلام علي الانا: مقالو 'سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري' ماهوار مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، نمبر ١-٢، ١٩٦٠ع.
٧. عبدالرحمان ڀائيڙو 'ديوان العارفين سنڌي'، سکر، ١٩٠٩ع.
٨. مرزا قليچ بيگ: 'رسالو ڪريمي'، حيدرآباد، ١٩٠٤ع
٩. ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو: 'شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام'، ١٩٣٧ع.
١٠. ميمڻ محمد نظاماڻي: 'ڪلام ڪريم'، حيدرآباد، ١٩٦١ع
١١. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: 'ڪريم جو ڪلام'، سکر، ١٩٦٧ع
١٢. لطف الله بدوي: (١) تذڪره لطفي، ڀاڱو پهريون.
(٢) تذڪره لطفي ڀاڱو ٻيو.
(٣) تذڪره لطفي ڀاڱو ٽيون.
(٤) ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام.
١٣. دين محمد وفائي: 'لطف اللطيف'، ڪراچي، ١٩٥١ع.
١٤. عبدالجبار جوڻيجو: 'ڪنزالطيف'، ڀاڱو پهريون، حيدرآباد، ١٩٦١ع.
١٥. محمد صديق ميمڻ: (١) سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱو پهريون.
(٢) تاريخ سنڌي ادب، ڀاڱو ٻيو.
١٦. عبدالحسين شاهه موسوي: 'ديوان بيدل'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٤ع.
١٧. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 'ڪليات حمل'، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٣ع.
١٨. مقبول احمد ٻٽي: 'ڪليات مصري شاهه'، حيدرآباد، ١٩٦١ع.
١٩. صورت سنگهه: 'ديوان صورت بهار'، ١٩٢٥ع.
٢٠. عبدالحسين شاهه موسوي: ديوان 'بيڪس'، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٥ع
٢١. غلام مصطفيٰ قاسمي: 'شاهه جو رسالو'، اشير احمد الند سنز ڪراچي، ١٩٥١ع
٢٢. تارا چند شوقيرام: 'شاهه جو رسالو'، ڪراچي، ١٩٠٠ع
٢٣. عبدالڪريم سنديلو: 'سنڌ جو سينگار'، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٦ع

٢٤. مشتاق علي : 'سنڌ کي چهه اردو شعرا [اردو]، ظهور سنڌ، حيدرآباد، ١٩٦١ع

٢٥. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 'سنڌ ۾ اردو شاعري [اردو] مهران آرٽ ڪائونسل، حيدرآباد، ١٩٦٧ع.

٢٦. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 'ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٨ع.

مٿين مضمون 'سنڌ ۾ هندي شاعر' جي ڇپائيءَ ۾ ڪجهه غلطيون رهجي ويون آهن. مضمون پڙهڻ کان پهرين انهن کي درست ڪري ڇڏجن.

صفحو	سٽ	غلط لفظ	صحيح لفظ
٦٧	٢٤	دلدارن	دلدادن
٧٠	٢٧	١٦٠٢ع	١٩٠٣ع
٧٠	٢٩	١٢٢٥-١٩٢٣ع	١٢٥٦ع-١٣٢٥ع
٧١	١٥	لي	لئي
٧٢	١١	ڇورسو	ڇوڙ
٧٢	١٥	سبز واري	سبز وار
٧٢	١٩	هاوي ڪسو	ڪهاوي سو
٧٣	٢٨	ڪريم جو ڪلام	ڪلام ڪريم
٧٤	٢٩	١٩ ٢	١٩٦٢ع
٧٥	٢٩	لطف الطيف	لطف اللطيف
٧٨	١٢	پوست	پورت

صفحي نمبر ٥٧ جي سٽ ٨، ١٣، ٢٦ ۽ صفحي ٧٦ جي سٽ ٢٨ ۾ ڪنزالطيف لفظ کي ڪنزاللطيف پڙهڻ کپي.

آزادي

اسلامي ملڪ ۾ اخبار ڪيڏڻ لاءِ، حڪومت کان ڊڪلريشن وٺڻ جي ضرورت ڪانهي. حڪومت پريس تي سنسرشپ مڙهي نٿي سگهي، ۽ ڪنهن اخبار جي خلاف ڪو قدم نٿي کڻي سگهي. اهو حق فقط عدالتن کي حاصل آهي. اسلامي ملڪ ۾ ڪنهن به قسم جا پريس قانون موجود ڪونهن.

— سليمان ڊيمرل

وزيراعظم جمهوريه ترڪي

(اردو ڊائيجسٽ، لاهور)

(مطالعو)

رسول بخش پليجو

ڪنڌر

('ڪونج' مخزن جي، ڪهاڻين جو مجموعو)

ڀارت جي 'نئين' سنڌي ڪهاڻيءَ جي هاڪ گهڻي عرصي کان سنڌ ۾ پئي اچي. ۽ ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ به ان ڪهاڻيءَ ۽ ڪهاڻيڪار جو پورو اندازو نه لڳي سگهيو. سبب اهو هو جو نئين ڪهاڻين جي نه ٻولي سمجهه ۾ ٿي آئي، نه وري اسٽائيل ۽ نه مطلب. هر ڀيري منهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ سستيءَ کي ڏوهه ڏيئي، اڳي دفعي ضرور ضرور ڪجهه ڪهاڻيون پڙهڻ جو دل ئي دل ۾ وعدو ڪيو هو.

آخر هن ارچي جي ڪهاڻين کي اول يڪساهيءَ پڙهي ور ور ڏيئي پڙهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اکرن جي معنيٰ، لکڻ جي ڍنگ جون رمزون ۽ مقصدن جون ماڻون پروڙڻ کانپوءِ ڪجهه ڪجهه اندازو ٿيو آهي ته ڳالهه ڇا آهي.

ڪونج رسالو هن 'نئين' سنڌي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان وڏو سرپرست ۽ علمبردار آهي. اڳي هن چونڊ ڪهاڻي ارچي جي ڪهاڻين پڙهڻ مان اتوبوي ٿيو، ته ڀارت جي 'نئين' ڪهاڻي جا پار پتا ڪهڙا آهن.

هن مجموعي ۾ سڀ کان اول ڪهاڻيڪارن جو مختصر ادبي تعارف ڏنل آهي. ان بعد شيام جيسنگهاڻي جي لکيل ١٧ صفحن جي سمپادڪه (ايڊيٽوريل مضمون) مان ڪنو سامتاڻي، ٺهره لربن، هريش واسواڻي وشنو ڀاٽيا، ايشور چندر، انند کيماڻي، شيام جيسنگهاڻي، جون ست ڪهاڻيون ڏنل آهن. تعارف مان ڏسجي سگهجي ٿو ته جن ڀارتي سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون مجموعي ۾ شامل آهن، سي ڀارت جا ناليرا 'نوان' ڪهاڻيڪار آهن. منجهائن جنهن گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻيون لکيون آهن، يعني شيام جيسنگهاڻي، سو به چوڏهن جي الڪ کان چڙهيل آهي. ٻين جڻن ويهن کان مٿي ڪهاڻيون لکيون آهن. منجهائن هڪڙو (وشنو ڀاٽيا) ته ڏيڍ سؤ کان به گهڻيون ڪهاڻيون لکي چڪو آهي ۽ سندس ڪهاڻين جا ستا سارا چار مجموعا ڇپجي چڪا آهن. ڪني ۽ شيام جو هڪڙو هڪڙو ۽ ايشور چندر جا ٻه ڪهاڻين جا مجموعا ڇپجي چڪا آهن. اهي سمورا ڪهاڻيڪار ناول نويس به آهن.

ڪني سامتاڻيءَ جي ڪهاڻي 'ڪنڌر' ۾ هڪڙي عورت هڪڙي مرد

جي دل ۾ ٢٠-٢٢ سالن جو ارڏو پيار جاڳائي اٿوڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، مگر هو سڀڪجهه وساري ويٺو آهي ۽ ياد ڪرڻ نٿو چاهي.

ثميره زيبن جي ڪهاڻي ’هي گيت اڃايل مورن جا‘ ۾ هڪڙي خوبصورت جوڙي کي هڪ ٻچي لاءِ تڙپندو ڏيکاريو ويو آهي. آخر ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي، ته هو وڇڙيل ڌيءَ ۽ پيءُ آهن.

هريش واسوانيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پٽ کي پنهنجي پيءُ جي موت بعد ماءُ جي زالڪيءَ تي ويچار ڪندو ۽ قياس ڪائيندو ڏيکاريو ويو آهي.

وشنو ڀاٽيا جي ’لمبي‘ جوڙي عنوان واري ڪهاڻي ’هٿنگوڙي تلوار، ڏکي جا سگ ۽ شينهن جا سپنا‘ هڪ اهڙي مرد جي ڳالهه آهي، جو گهٽيءَ آواره گردي ڪرڻ ڪري مرداڻي طاقت وڃائي زال اڳيان پشيمان ٿيو ويٺو آهي.

ايشور چندر جي ڪهاڻي ’اڻٽٽي روڻن‘ ۾ وري هڪڙي مرد کي ٻارڻ جي وڌڻ جي ڏپ ۽ چم-روڪ جي وسيلن اروات موجود نه هئڻ ڪري لاچار زال سان هم بستر ٿيڻ جي ٻوٽ چڙهيل جذبي کي دٻائيندو ڏيکاريو ويو آهي.

شيام جيسنگهاڻي جي ڪهاڻي ’ڪوڙي جو موت‘ هڪ فلمي اسڪرپٽ لکندڙ مرد ۽ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ هڪڙيءَ ڇوڪري جي وچ ۾ وقتي ميلاپ ۽ وڇوڙي جي ڳالهه آهي.

آنند کيماڻي جي هڪ ’نئين شروعات‘ ۾ زال جي معاملي ۾ ظاهري طرح آزاد خيال ۽ دل ئي دل ۾ جلندڙ مرد جي ڳالهه آهي، جو پنهنجي زال کي نوڪري ڪندو ۽ ٻين مردن سان ملندو ڏسي پنهنجو حسد نٿو لڪائي سگهي.

ڪهاڻيڪارن جي لکڻي جي اسلوب جو ٿلهي ليکي ۽ مٿاڇرو اندازو شايد هيٺان ڪنيل هنن ٽڪرن سان لڳائي سگهجي:

ڪنبي جي ڪهاڻيءَ جي شروعات اجهو هيئن آهي: ...رستو هن جو سڃاتل ته هو، پر گهڻي عرصي بعد اتان لنگهندي هن پاڻکي سڃاتل رستي تي اجنبي محسوس ڪيو.

هيءُ موڙ هو؟ ڪٿي هو؟ ها، هو، يا شايد هن موڙ تي ڪجهه نئون نهي آهي، يا شايد ڪجهه به هجي، پر دڪانن جي اڏاوت نئين آهي. ۽ رستي جي ساڄي پاسي ٽئين نمبر گهٽيءَ ۾ الهڙ مڪان نمبر چوڏهون (چوڏهون؟) هن سوچيو. هن ڪجهه ياد ڪيو. ها. چوڏهون. شنڪر

پو ڪهڙ...“

ثمره جي ڪهاڻيءَ ۾ پارٽيءَ اندر فريال جو پنهنجي ميءَ ڏانهن ڌيان اهڙو هٿ ڇڪايو وڃي ٿو:

”او...!!“ حيرت مان هنجا چپ گول ٿي ويا. هن فريال کي آهستي چيو: ”اڙي فريال... هو ڏس بابا! اسان وٽ پرواري ٿيل ٿي...“

فريال ڳاٽ ذري گهٽ چرڪ ڀرجي ويو ”هان سچ!؟...“

هن ڏٺو- پروقار صورت، ڪشاده پيشاني ۽ ذهانت ڀريون اکيون- جن مان اداسي صاف بکي رهي هئي- هو جهڪي سگريٽ کي لائيٽر جي شعلي جي قريب آڻي رهيو هو.

پوءِ لڄان گهڻا دفعا فريال جون اکيون سندس چهري جو طواف ڪري موٽي آيون ۽ هڪ دفعو ٻيهر پاڻ ۾ اکيون هنجي اکين مان ا. لڪرائي...“

هريش جي ڪهاڻيءَ وارو پٽ وهنجي پيو. ”...سندس سچي شرير مان پاڻي ڳڙي رهيو هو... هنجي ارش الڪ تي ۽ وار حاوي ٿيندي ويا هئا. جن ان جي ستان ڪا ڪاراٽ ڪولٽر مان چنبڙي پئي هجي... ڪنهن لڱو سندس چال پداجي ويئي آهي ۽ جيئن ئي هو ڪلبءَ مان ٽاول ڇڪيندو، ٽوال ٿي پات روم جو دراز کوليندو ۽ هڪ ننڍو پار ڏانهس پل لاءِ گهوري نهاريندو، سندس وات مان نڪرندو ”هش“ ۽ ڦٽاڪ مان دروازو بند ٿي ويندو...“

وشنو ڀاٽيه جي ڪهاڻي وارو ذري گهٽ نامرد ٿيڻ سوچي ٿو.

”سوالڪي ڪجهه به نٿو سمجهي، سوراخ تي سوراخ ۾ الڳ بدران ڪيڪڏهن شينهن اڪبر ڪهڙي وڃي ته ڇا ٿيندو؟ بوليءَ جو سوراخ!

ڪشواس ٿي چپهل مردانا عضوا.

مثبلوس + مثبلوس = جوڙيس.

جوش! ڏکي جو، شينهن سڀني ۾ ئي ه. هڪوي سرگواسي ٿي وئو. ان مان ڪڏ سوکواس ٿي ويا. همت ۽ طاقت،

اشور چندر جي ڪهاڻيءَ وارو مرد زال مان ڪڏ سنل آهي:

”هن جوءِ کي اورو ڏولڏاريو. هنجي هٿ جي آڱرن کي اور ڏيئي جوڻس چيو. ڇا آهي؟

— اهوئي روٽن...!

— نه، اچ !!

— اوهين ڀين! نه، تون اِندين نه ائين... تو کي شايد خبر نه هوندي ته پرشين اڄڪلهه اسٽونن کي ”سليپنگ پلس“ چوڻ شروع ڪيو آهي...!

جونس چپ رهيو.

هو ڪٻٽ مان ڪجهه ڪڍڻ لاءِ اليو-ڊيل چڪ واري جيلي ٽيوب جو آئپاءِڪينر ڪٿي آهي؟

— اتي نه هوندو...“

هو وري هيڏانهن هوڏانهن ڳولهڻ لڳو- هتي ته ڪونهي...“

شيام جيسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي ’ڪونج جو موت‘ جي شروعات:

”ڪمري ساموهون ڏنو اٿم، هرڻ آهي. منهنجا چپ ٿاڦرادو لڏي وڃن ٿا. عجيب آهي، وقت جو هي خال...خ...آ...آ...ڪهڙو ذريعو آهي ماپڻ لاءِ؟ لنبائي، ويڪرائي ايراضي. گهيرو. دائرو. تور. ڪهڙو ماپو؟ جڻ پراڻي ڊائريءَ جي ڪنهن اني مان ”بڪ مارڪ“ اچانڪ اچي ٻاهر ڪري آهي، لکي.

”هي، هن طرح جا ڳنڍ (؟) مسمريزم جي ”زبردستيءَ جي لنڊ“ جيان. مان شايد ڪجهه ته نيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ۾ لاهيان. ٻڪ ٽي ٻڪ لاهيان. اهو ”شايد“ جو ”ٻڪ“ اينجڻ ڪيترو نه شارت آهي. ڪيڏو نه شارت آهي، ان ٻڪ جو وجود! ڦٽ!...“

آنند ڪيماڻيءَ جي ڪهاڻي ’نئين شروعات‘ جي پڇاڙيءَ ۾ اوڪري ڪنڊڙ زال استيفا ڏئي ٿي ۽ ڪهاڻي هيئن ختم ٿئي ٿي!-

”...روما پڇيو- ٺيڪ آهي نه؟ راجيندر ڪجهه ڪڇي نه سگهيو. البت ڪمري هڪ اڻوڻ احساس ليو. روما جڻ سندس لاءِ ائين اپسرا ڪيو هو. چند منٽ اڳ روما جي وارن سنوارڻ کي هو من ۾ وري ڏسي رهيو هو. ۽ من ئي من ۾ هن روما جي وارن جي هڪ لٽ کي الجهايو. جڻ روما چيو هو- ”چٽا!“ هنکي لڳو انيڪ صديون ڪالهه ورهه، هن روما ساڻ گڏ شام جي چانهه ايتي هئي. هنجي تمنائن جي باغ ۾ هڪ خوبصورت ڪلي ڪلي هئي، جنهنکي هن توڙي انهنجي شخصيت جو انگ بڻايو هو. ۽ هن ٻانکي اينڊڙ هر ڏينهن اهڙيئي هڪ خوبصورت احساس کي پائيندو ڏٺو. ليڪن هو روما چيو، ”ٺيڪ آهي نه؟“ جو ڪو به جواب نه ڏيئي سگهيو. ظاهراً مسڪرائي نه سگهيو. ڏکي ائي نه سگهيو. ڏهري ڏيري صرف چانهه پيئندو رهيو...“

شيام پنهنجي ’سنڌي ڪهاڻيڪار- موجوده صف- ۽ منظر‘ جي عنوان واري سمپادڪيءَ ۾ ڀارت جي ’نئين‘ سنڌي ڪهاڻيءَ، ان جي خصوصيتن،

الجي ارتقا، الجي لکندڙ پراڻن ڪهاڻيڪارن، سنڌ خامين ۽ خوبين، فن ۽ ڪلا جي فلسفي تي راءِزني ڪئي آهي.

سنڌس لاءِ سمپادڪ جو اچوڙ ڏسبو ته هي آهي!

"سنڌي ڪهاڻي... (۾) سنڌي جيوت (زندگي) الڳ ورلي ٿي چٽجي... (اها) آس پاس طرف ايماندار آهي 'ڪميٽيڊ' (ڪنهن سان ٻول ۾ ٻڌل) ڪونهي... آزاد طبع آهي... مارڪسواد جي ٻيڙل ٻاڙي کان دور فاصلا طئي ڪندي اڳيان اڪري ويئي آهي. ڪهاڻيءَ کي پرچار جو هٿيو بڻائڻ جي ڪوشش ۾، پرچاروادين صرف پنهنجي چاتي ڪٽي آهي... (شروعاتي) هڪ دور (ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾) شور، هنگامو. ڪشمڪش. ختم دور. قبرون ۽ ڪتبا. هڪ الڏال ختم ٿيل، ڍلا ٿيل، چڪجي ويل، ڪريل، چپ ٿيل. سماڌيون ۽ مورتيون. ڪجهه هلندڙ چلندڙ مورتيون ۽ ڪوڪليون. لنگڙائي هلندڙ ت ٽنگا ريس جا گهوڙا. ڪجهه گهوڙا ڳاڙهي هلندڙ ۽ ڪجهه سرخ روسي ڳلا لڳائي منڊڪائيندڙ ...اڄ جو ڪهاڻيڪار ڪاميابي، ناڪاميابيءَ جي چنتا بجاءِ پاڻ سان وفادار رهڻ ٿو چاهي... رچناڪار کي آلوچڪ (نقاد) جي پرواهه ڪرڻ بجاءِ مٿس رحم کائڻ وڌيڪ پسند ڪرڻ کپي. ان طرح پرواهه ڪندي ختم ٿيڻ جو مثال برنارڊ شاهه جو جنهن ۾ آهي... اسان وٽ ڪهاڻيڪارن جو وڏو حصو ڊرپوڪ هو، پاڻ جي اسنه کيءَ جو ڊر، آلوچڪن جي حملن جي ڊر ڊر، بزرگ اوليائن جي درشن جو لحاظ، ڪاميابيءَ جي ڪسوٽيءَ تي پار اڪرڻ جو فکر، پڌائي جي پرواهه. انڪري پکچيتنا ڏانهن وفاداري نه هئي... (اوان) ڪهاڻيڪارن پاڻ سان ٻيڪ ۽ سان لنکو ۽ سڌو رشتو جوڙيندي اڳي رهيا آهن... اڄ آدرش وڏان ڪاهه پل، زندگيءَ جي يثارت ۽ اڄي ايچيدگين کان پار پوڻ لاءِ، ڪراهي جاول لهون آهن. ڪاهي آهي ڪهاڻي جو جنم هڪ مجبوري آهي. مولجهه. پريل تنل آدرش، رک ٽيندڙ ان چون جڙون ۽ ڦهلاءَ ۽ مثان جيون جو ڪڙو يثارت-پيهم ۽ پيچيده. هڏا لفظ ۽ زندگيءَ ۾ موت جي ملاوت... اڄ جي فرد، اڄ جو بوجهه ۽ مثال ڪٿهڙي (اڄ جا جا مان ڪهڙيل ڪونهي!) سٽي جي ابقائيءَ Uncertainty ۾ رگيل، ايندڙ وقت لاءِ آشانتو رهڻ جي فلسفي ۾ پريل پکواس تي ٽڪجڻ کان سچيت ڌرم ۽ سماج وغيره جي دقيانوسي تنگ خيالن کي، مانسڪ سطح تي ڪهاڻيءَ جي اولاهي موڙ وٽ رکيل، ڪچري جو ڍير سمجهندي-غير سلامتي، مالي ٿوڙن ۽ راڄنيتي دٻاون کي چهنبڙا رشيخن جيان پاڻ طرف

چئني طرفن کان وڌندي محسوس ڪري ٿو — يا — ان طرح جي حالت جي الڳ الڳ تصورن مان گذري ٿو. تصور ڀڃي ٿو، پڇي ٿو سگهي. جيسين مري تيسين جيئي ٿو. سماج، نظام، ڪتب (ڪتب جي بچاءَ معنيٰ ۽ رشتن ۽ رشتن جي هڪ ٻئي طرف موٽ واري توجهه ۽ ان ۾ آيل فرق ۽ تبديلين) ۾ گهيريل، پنهنجي سماج ۽ مالي رتبي جي انفرادي سطح تي معنيٰ پائڻ لاءِ ڪنهن حد تائين منجهيل، اي واهه ۽ پنهنجو پاڻ ۾ اڻڄاتو رهي ٿو... اسين انجارا سڏي .. بيءَ پوسيءَ ۾، ٻين ماڻهن سان ملي، پنهنجن ريتن رواجن ۽ جيئڻ جي ڍنگ کي حالتن موافق بدلائي جيئڻ جي ڪشمڪش ۾ مصروف آهيون.."

هن مجموعي جي لاءِ ڪهاڻين جي چونڊ ۾ ڏسجي ٿو ته انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪئي وئي آهي، جن جو مجموعي جي ايڊيٽر ذڪر ڪيو آهي. اگر ايڊيٽر جي خيال ۽ نظرين کي سمجهڻ خود مجموعي ۾ آيل ڪهاڻين کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو.

شيام جي 'لمبي' سمپادڪيه جي ڇنڊڇاڻ ڪجي ته هيٺيان مکيه نڪتا نظر ايندا:

(١) 'نئين ڪهاڻي' آزاد طبع آهي. زندگيءَ جي ڪنهن نظريه سان وفادار ڪانهي.

(٢) 'نئين ڪهاڻيءَ' ۾ زندگي جي ڪنهن نظريه جو اظهار نه هئڻ کپي.

(٣) 'نئين ڪهاڻيءَ' کي (الف) ڪهاڻي جي ڪامياب ٿيڻ جو ذڪر نه هئڻ کپي. (ب) نقاد کي نظرانداز ڪرڻ کپي. (ت) ڪهاڻي پڙهندڙن کي پسند اچي ٿي يا نه، سو لحاظ نه رکڻ کپي. (ث) ادبي روايتن جو خيال نه رکڻ کپي.' (ج) آئنده بابت ڪا به سهڻي اميد رکڻ بيڪار آهي. (٥) اڄ جو انسان زندگيءَ کان پڇي ٿو، ان جا تصور ڀڃي ٿو. جيسين مري، تيسين جيئي ٿو. (٦) انهيءَ مان ظاهر آهي ته اڄ جو انسان زندگيءَ کي فقط برداشت ڪري ٿو. ان کي بدلائڻ جي جدوجهد نٿو ڪري.

(٧) اڄ جو انسان فقط اڪيلو آهي، جيئي مري ٿو. گڏيل ڪوشش، جدوجهد ۽ وفاداري جي ڪا ڳالهه ڪانهي.

شيام پنهنجي سمپادڪيه جي بيان ڪيل اصولن جي انهي سمپادڪيه ۾ ئي گهڻي ڀاڱي عملي ترديد ڪري ڇڏي آهي.

هو آلوچڪن (نقادن) تي ڪفر جي فتوا ڏئي هڪدم اکين، پرين

۽ نين ڪهاڻين تي، فن ۽ ڪلا تي، تاريخ تي ملڪ زندگيءَ تي لمبي چوڙي آلوچنا (تنقيد) شروع ڪري ڏي.

هو انهن ڪهاڻيءَ کي آزاد طبع نهرائي وري وهي اتلاءِ يڪ سان مچائي، يڪ-چيتنا، من-چيد وغيره جا ايڪ شرط لڳائي ٿو.

هو نظرين کان آجو هجڻ جي گهر ۽ دعوا ڪرڻ کان پوءِ هڪدم پنهنجا خاص نظريا پڙهندڙن ۽ ڪهاڻيڪارن تي مڙهڻ لڳي ٿو.

هو بزرگ اوليائن جي آدرشن جو لحاظ نه ڪرڻ جو حڪم ڪرڻ کان پوءِ، خود ئي بزرگ اوليا انجي زور شور سان پنهنجا آدرش بيان ڪرڻ لڳي ٿو.

فن ۽ ڪلا بابت دنيا ۾ ٻه نظريا، ٻه فلسفا، ٻه آدرش موجود آهن. هڪڙو هي ته ڪلا ۽ فن زندگيءَ جي تقدير به آهي ته انجي ارڪ به، اماني، ملڪ انسان جي ارادن جي تنفيذ به آهي ته انجي سونهن ۽ چڱاين جو قصيدو ۽ انسان جي روشن مستقبل ۾ ايمان جو ثبوت به. ڪلا ان روشن مستقبل کي ويجهو آڻڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۽ سنگهرش ۾ سيني جي اڳيان جهنڊو کڻي هلي ٿي، ٻهرين باغي للڪار ڪري ٿي. ٻهريون زخم کائي ٿي، ٻهريون وار ڪري ٿي ۽ ٻهرين جيت حاصل ڪري ٿي. ڪلا اها طاقت ۽ شڪتي آهي جا ڪني سامتائي جي چوڻ موجب.

"يڪ (اسالو) بدلائي سگهي ٿي، انهن يڪ کي جنم ڏيئي سگهي ٿي. اها شڪتي جا انسان جي ڪتن جي سڙي ڪواج کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي دؤر جو سڀ کان طاقتور ۽ شڪتيوان آواز بنائي ٿي. جا لفظن کي انهن کان وڌيڪ پسم ڪندڙ ۽ آواز ۽ رنگن کي جادوءَ کان وڌيڪ طلسمي قوت بخشي ڇڏي ٿي جا مهاڪوي ٽئگور جي چوڻ موجب: سچ ۽ سونهن عدل ۽ انصاف جو اڪيلو دل گهريو ديس آهي،"

فن ۽ ڪلا بابت ٻيو نظريو، ٻيو فلسفو ٻيو آدرش هي آهي، ته ان کي حاڪم ۽ قورو طبقن جي نظرياتي حرم سرا جي عورت ۽ جنهن ورودي عوام-دشمن آدرشي ڪوٺي کي سينگاريندڙ ونشيا ٿي رهڻ کپي کيس سچ ۽ سونهن انصاف ۽ ايڪي خلاف تکي تلوار طور استعمال ٿيڻ کپي. جي ائين نه ٿي سگهي، ته پوءِ ڪلا جي شڪتيءَ کي توڙ ڇڏجي، ان جي تيز ڌار کي منڊو ڪري ڇڏجي، انجو قدرتي طور جرڙائي

رخ هڻڻ ڪري ڪٿس اتان ڦيرائي ڇڏجي، ڪٿس اتال ڪجي، گمراهه ڪجي واڳڙو ۽ بي اثر ڪجي، جيئن اها خصي ٿي پوي، منجهانئس ڪي به ڦر نه سرجي، نه اسري. ۽ نه اسري.

فن ۽ ڪلا بابت جيترا به 'نظريا' ايجاد ڪيا وڃن، انهن کي ڪهڙا به لفظي ريشم ۾ ورايا ۽ اکري اطلس اوڍايا وڃن، اهي سڀ ڦري گهري وڃي انهن ٻن نظرين مان هڪ مان ملندا.

سوال آهي ته شيام جو ايجاد ڪيل فني فلسفو ۽ ڪلاتمڪ آدرش انهن ٻن نظرين مان ڪنهن مان ملي ٿو؟

شيام آزاد طبع، ڪنهن سان ٻڌل نه، پڪل ۽ ايماندار ڪهاڻيءَ جي پرچار جي اوٽ ۾ ڪلا جي بهترين عوام-دوست، جنتاوادي نظريي ۽ آدرش جو زبردست پرچار ٿو ڪري.

غيرجانبدار اديب جي پردي ۾ هو اهڙي ڪنهن قسم جو طرفدار اديب آهي. البت هو انهن نظرين، انهيءَ سوچ جو حامي آهي جيڪا جنتا ۽ عوام کي پنهنجي ادب جي سهاري، رهبريءَ ۽ ٻل کان محروم رکڻ گهري ٿو.

لکندڙ جي ضمير جي آزاديءَ جي نعري جي اوٽ ۾ هو سماجي هوش رکندڙ لکندڙن کي سندن ضمير موجب لکڻ جي آزادي کان محروم ڪرڻ گهري ٿو ۽ آلوچڪن جي ڪلا جي اوٽ ۾ هو پڙهندڙن کي جنتا-ورودي سامراجوادي لکندڙن بابت آزاد راءِ قائم ڪرڻ کان اڻ سڌيءَ طرح منع ٿو ڪري ۽ ديڄاري ٿو. ٻين آلوچڪن تي چوه چنبڙي هو حقيقت ۾ آلوچنا جو ميدان فقط پاڻ لاءِ ۽ سندس هم خيال ليکڪن لاءِ محفوظ رکڻ گهري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ مارڪسوادي وچار کي انڌڻ جي ٻهاني هو انهن ڳالهين جو پرچار ٿو ڪري، جي سامراج کي بچائڻ ۾ هٿي ٿيون ڏين.

اڄ جيڪڏهن ڪو ماڻهو صفا نابين آهي يا بي اماليءَ وچان اوريءَ اکيون بند ڪري ٿو هلي، ته هو اهو ڏسڻ بنا رهي ٿو سگهي، ته اڄ هيءَ سموري ڌرتي هزارن ميلن ۾ پکڙيل هڪ شاهي ميدان جنگ بڻجي چڪي آهي. جنهن جي ڌرتي تي هر قسم جي هٿيارن سان هر قسم جي ويڙهه چالو آهي.

هڪ طرف ڏکويل ماڻهو، پيڙهيل طبقا، ستايل قومون آهن ته ٻئي پاسي ڏکوئيندڙ ماڻهو، پيڙهيندڙ طبقا ۽ ستائيندڙ قومون آهن.

ان جنگ ۾ هرڪو ڄاڻي ٻجهي يا اڻڄاڻائيءَ وچان ڪنهن نه

ڪنهن پاسي ضرور آهي. ڪوڙ، غيرجانبدار ڪوڙهي، ڪهڙ ۽ ڪهت سچو فن ۽ سچي ڪلا هرگز غير جانبدار نه آهن. سندن روح جو ريلو، اندر جو آواز ۽ پالهن جو پل هميشه جيان ڏکويلن، ايڙهيان ۽ ستايان سان آهي.

ڏکوئيندڙن، ايڙهيندڙن ۽ ستائيندڙن کي اها خبر آهي ته هنڪري هو ڪلا جي ساريءَ جو ست نوڙڻ ۽ ڪالهس مظلوم ماروئڙن جي ڳالهه ۽ ٿات ڇڏائڻ لاءِ هزارين حيلا هلائي ڪيس گمراه ڪرڻ گهرن ٿا،

'آزاد فن،' 'فن-ڪميٽيڊ ڪهاڻي،' آلوچنا سان دشمني، 'مارڪسوادي پرچار' جي مخالف انهن جيئي دلفريب دليلن ۽ هڪڙيءَ ڪهڙ اڪل آهي-فن حق جو پاسو نه وٺي.

هو فن جو ڌيان ان مقدس ۽ پاڪ تاريخي سنگهرش ۽ جدوجهد تان هٽائي ڪيس چنس، من ڇپه، خرد قياميءَ جي ڏيٺين ڏاڍهن سنهن ڏيڻ گهرن ٿا.

وسيالي اي اقائيءَ سان رڱيل آهي. اينهڙ وقت لاءِ آشانتو رهڻ جو فلسفو ڪواس آهي. 'الٽي نڪجڻ ڪان سچيت رهو!' ان نعري جو مطلب صاف آهي. ان جو مطلب ماڻهن کي اهو چوڻ آهي ته 'توهانجي تقدير اصل کان خراب آهي. ڪٿي چا نه ڪريو. اها اڪا اڄ بدليي اکا سيان. اجايو پاڪي هلاڪ ڪندا. پنهنجي تقدير سان اڙڻ ڇڏي ڏيو!

'ڏکوليندڙن، پيڙهيندڙن ۽ ستائيندڙن سان تڪرار نه ڪريو. رکو ويٺا سهو! جيستائين جيڏرا آهيو تيستائين اها سزا ڀوڳيندي اٿو؛'

واشنگٽن کان وٺي ٽوڪيو تائين. ڪيپ ٽائون کان وٺي ڪئنيڊا تائين. سامراجي ۽ سندن ايجنٽ اهي پوائنٽا نعرا هڻي ماڻهن کي هوساڻي ڊيچاري ۽ ذهني اپاهج بنائي هٿيار ڦٽا ڪرائڻ ۽ ڏاڍ جي ڪوڙن کي ڪرڻ کان بچائڻ گهرن ٿا.

لٽيرن يڪ (زمالي) جا نوان ملان ۽ پنڊت، نران پوپا ۽ نوان جادوگر لکين ورهين جي پراڻي رينگٽ کي گهو اچن.

'ڪوڙ نه ڪريو! ڪوڙ نه ڪريو! ڪجهه ٿيندو! سڀ اوهانجي اعمالن جي شامت آهي. توهانجي قتل لصرب جي خرابي آهي. پٽي ڪنهنجو ڏوه ناهي! پرائي پچار نه ڪريو! وڃي پنهنجو اندر صاف ڪريو (من-چيه ڪريو!) نه ته دين دنيا کان ٽڙجي ويندا. ڪافر ٿي پوندا! (ڪلا-ورودي، مارڪسوادي، پرچاروادي، آلوچڪ ٿي پوندا!)'

اهڙيءَ ريت هو ماڻهن جو انسان ذات جي اعليٰ آدرشن، آئيندي جي اميد مان ايمان کسي کڻن پنهنجي گڏيل ڪوشش، ماڻهن جي ال، سنگهرش ۽ جدوجهد کان نااميد ۽ مايوس ڪري، ڪوڙي ۽ ڊرپوڪ بنائي کين پاڻ تي ترس ڪرائيندڙن، سڏڪ سڏڪ ڪندڙن، روئي هٿيار ڦٽا ڪري، عيش پرستن ۽ ڪوئن وانگر ذهني ٻرڻ ۾ لڪل پاڇرڪڙن جو ڇڙوڇڙ هجوم بنائي، کين سامراج جو آسان شڪار بڻائڻ گهرن ٿا.

اهيءَ پرچار ذريعي هو هر هنڌ ذهني طور ڪندي پائيءَ جا اهڙا ديا ناهين ٿا جن ۾ خود مطلبي، بي ايماني، جنتا دشمنيءَ ۽ فرلي پرستيءَ جا زهريلا جيوڙا پلجن ۽ لڇن ٿا.

هن قسم جو پاڇوڪڙ ۽ خصي ادب اهو سڪيا گهر آهي، جنهن مان اڪثر هلي وطن جا غدار، سامراجي ايجنٽ ۽ فاشسٽ حيوان پيدا ٿين ٿا.

شيام بار بار 'نئين' ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن 'نئين' ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي لکندڙ جون ڪي خاص نشانيون ڏسجن. مثال طور هن 'نئين' ڪهاڻيءَ جي لاءِ سڀ کان پهرين ۽ لازمي شرط آهي ته لکندڙ پنهنجي ٻولي اصل نه ڄاڻي. ڪهاڻي جي ٻولي غلط ۽ ڇچريل هجي، جنهن ڏاريان سڪڙات ڳالهائيندا آهن. ان غلط ۽ ڇچريل ٻوليءَ کي دادلن ۽ ريزالن پارن وانگر ڪوشش ڪري وڌيڪ بگاڙجي ۽ ابتو سبتو ڪجي. اوءَ وري اهو ٻڌائڻ لاءِ ته اسين اها ٻولي لاچار ٿا ڳالهايون، نه ته اسانجون اصل ٻوليون ڪي ٻيون، انجا سڀ اوچيون ۽ شاهي ٻوليون آهن، سهڻن سولن سنڌي اکرن جي بدران، اهڙا لفظ ناهجن، جن جو ڏڙ ريڊيو ۽ سرڪارو هجي يعني اڌ سنڌي ته اڌ هندي. ڳالهه جا هي مرد واتان هجي پر انداز هلڪڙو اڳاڙو ۽ لخرلو هجي، جنهن ۾ قديم ٻوليءَ جي هندي ناٽڪي شاعريءَ جو رنگ شامل هجي.

هن 'نئين ڪهاڻي' جي ٻي خاصيت آهي نئين استعمال، ڪهاڻيءَ ۾ خوامخواه دم، پورا دم، عجب ۽ سوال جون نشانيون، ڏنگيون، پٽيون ۽ خال هجي.

ٽي خاصيت اها ٿي ڏسجي، ته پڙهندڙ کي جيترو گهٽ مطلب سمجهه ۾ اچي، جيتري وڌيڪ پوريت ڏيڻي سگهجي. جيترو وڌيڪ ڪڪ، جيترو وڌيڪ اٽڪار ڪري سگهجي اوترو چڱو. مثال ڪو مهڏو پڙهڻي-واس انهيءَ غلط، ڇچريل، بگڙيل، بگاڙيل، ملاوٽ ڪيل، منجهايل، ان وڻندڙ ۽ خصي ٻوليءَ جو رڻ ڇهاڪي ۾ غلط صورتختيءَ، دم، فل

اسمائون، ڏسڪيون، سوالن، عجب جي نشانين ۽ خالن جا انگا پيچرا لتاڙي ڪنهن مطلب جي منزل تي رسي وڃي، انهيءَ لاءِ ڪوشش ڪري پوليءَ جي ڪرڻکي جو مڏو يعني گرامر ٽوڙي ڇڏجي ۽ جملن ورن سٽون ۽ پيچرون، هڏيون ٽار ٽار ڪري ڇڏيون ته ڇڻ خبر نه پوي ته ڪهڙي شيءِ ڪٿي ۽ ڪنهن سان ڳنڍيل هئي.

انهيءَ مڪمل پروليءَ کي سان ۾ جيتري ڏکيائي ٿئي، اوتري ئي اها ڪهاڻي وڌيڪ نئين ۽ وڌيڪ ڪامياب سمجهبي. ڪنهن ڪهاڻيءَ جو مڪمل سمجهه ۾ نه اچڻ اعليٰ فن جو ثبوت ليکيو آهي ۽ لکندڙ وڏي فخر سان لکندو آهي ته ڳالهه پڻ کي سمجهه ۾ اچي يا نه اچي تنهن سان منهنجو واسطو ڪونهي، پنهنجي انهيءَ خوبيءَ جي الٽر راشٽري رتبي کي اڃا جاڻن اڳيان وڌيڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ انگريزي سنڌ ۾ اهڙش ڪبي— Incomunacabiliy

جنهن ڪهاڻيءَ جو ڪوبه مطلب نه هجي يا اهڙو هجي جو 'ٽڪريءَ کي سور ٿيا جائي ڪئي' وارو مثال ياد ڏياري، اهڙو جيبو ته اها نئين ڪهاڻي فن جي سٽين آسمان کي ڇهي چڪي. ان ڪان پوءِ اڳجو لکندڙ قلم کي هٿ تي اڇلائي ڇڏي. وري ان قلم سان پيو ڪجهه لکي ان ڪهاڻي جي شان کي گهٽ نه ڪري.

نئين ڪهاڻيءَ لکڻ ڪنهن جهڙي تهڙي جو ڪم ڪونهي. ان لاءِ خاص 'نئين' لکندڙ 'نئين' ماڻهو ملڪ جنڪي سنڌي ۾ 'نئين جنز' جي ضرورت آهي.

نئون ڪهاڻيڪار مڏانڻ لاءِ سڀ کان پهريائين اهو اهو ضروري آهي، ته ڪنهن پنهنجي اهميت جو پورو احساس هجي، ڪنهن يقين هجي ته دنيا جي سموري ڄاڻ ۽ ڏاهپ مٿس ختم آهي. سچي ذرتي سنڌس فن (ڪلا) جي سگن جي آڌار تي ابتل آهي. جو جيتري ڦرلٽ ۾ پرجي سگهي، سو اوترو وڏو ڪلاڪار.

پيو ته سنڌس منهن تي رڪ چڙهيل هجي، سنڌس ڏاڙهي پريل ساڌور وارو پورل ڏسي پڻ کي ڪيتري به ڪل يا اڄان اچي، پر همراه جي منهن تي سر ۾ نه هجي.

ٽيو ته سنڌس نئين ڪهاڻيءَ جو اٿ اٿي نه اٿي، همراه جو زور هجي پاڙي تي، اهڙو 'ڪلاڪار' شل نه ڪا 'نئين' ڪهاڻي لکڻ جي ڪٿي ماري وٺجي، بس پوءِ اماڻجو تسمار خان ڏسندا ته پڪو ۾ شعر، سنڌن ۾ شور، سڀني پهان تي اڌ انگريزي، اڌ هندي گاريون

جو ڏوڙيو، هٿ ۾ ڪاسو ۽ سارنگيءَ جي چوٽين جا سوٽا، لڙا ڪٽيو وڄڻ لاءِ تيار ٿيو ايئو هوالدو جي —"خبردار ٿي، ڪنهن سنڌيءَ ڪلا تي اعتراض ڪيو آهي."

اسالجو لئون ڪهاڻيڪار پڙهندڙن جي سُرلي اهه ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جي سنڌ ۾ نئي لوٽ لکي اعلان ڪندو آهي، ته جيڪو به پڙهندڙ سنڌس ڪهاڻيءَ ڪي سمجهڻ يا پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو، تنهنکي نقاد يا آلوچڪ نوراڻي، نقادن ۽ آلوچڪن لاءِ 'نئين ڪلا' جي قانون ۾ مقرر ڪيل تعدي ڏني ويندي. تنهن ڪانسواءِ انهن ڪهاڻيءَ ڪي سمورن چوکهن کان سلامت رکڻ لاءِ ان جو واهو ڪرائيو آهي. انجي آسپاس 'نئين ڪلا' جي وڏن گُرن جا منتر چيا آهن، جنکي پڙهي ڪنهنکي به همت نه ٿيندي جو ڪٿي ادا چاچ ڪري ته مطلب ڳالهه جو ڇا آهي.

شام ٿوي ٿو ته سنڌس چوالبيل ڪلاڪار ارڻ آهن— ڪن پڙهي ڏسبو ته سواءِ هڪ اڌ جي (ڪنر الند) ٻيا سڀ پراڻا پوڙها مدي خارج آهن، هو ايترا پراڻا آهن، جيترا 'قال قوالو' جو ورد ڪري ويساهه وسوڙل ماڻهن تي ڪوڙو رعب وجهندڙ مڪرپل ملان ۽ جنتر منتر جهي ڳنڊ ڪپيندڙ نوڪي پنڊت ۽ 'فعولن فاعلن' جو اي مقصد رينگٽ مچائيندڙ اردو ۽ سنڌي تڪبند 'شاعر'.

وڏ ۾ وڏ سنڌن فائدي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو، ته هو شايد ادبي ڪٽپ-ڪرڻ ۽ رپ واڻ رنڪل آهن، جي صديون اڳ واري ماحول ۾ سڌا هٿا ۽ اڄا اڪ ڪالهه ڪاي آئن.

هنن سڌل سامتڪارن کي اڄاڻائون ادو سماع ڪرڻ ٿيو آهي، ته ڪو دنيا ۾ ايشيا لالي ڪنبي به آهي، ڪي ايشيائي، افريڪي ۽ لاٽين آمريڪي ماڻهو به آهن، جي يورپي ۽ آمريڪي سامراجين کي تاريخ جي اسٽيج تان ڌڪي ٻاڻ ان تي قبضو ڪري رهيا آهن. سنڌن ڪنن تي عوامي جنگ جي مجاهدن جي مارچ ڪندڙ قدمن جو پڙاڏو به نه پهتو آهي. ڪن اڄوڪي دور ۾ ادب جي اعلي اهه، ان جي انقلابي حيثيت ۽ ڪارنامن جي خبر نه ائي آهي. ڪن خبر ناهي ته اڄ ڪلهه جو قلم واقعي تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي. اڄ قلم جا ڌني انقلابي سورمن جو سڄڻ وارو دستو ٻنيا اهتا آهن. ڪن خبر ناهي ته اڄ اوير جي هوا اولهه جي هوائن کان زور آهي،

اڄ اوير جا اکيا ڏکوا هيٺا، هي حال ۾ ...

ڏکڻ، هيٺاين ۽ ڪمزوران جي ٿنڀرن ۾ ٽپي، رڪ ٿي سامراج ۽ سنڌس دلالن جي سياسي سماجي ۽ تهذيبي مورچن تي طوفاني هلائون ڪري رهيا آهن.

اڄ رجعت پرستيءَ جي اولاد تي ساڄهه ۽ سمجهه جون ڪنوڏيرن وارو وار اڳايو پيئون آهن.

هو آزاديءَ ۽ سجاڳيءَ جي شاهراه تي فاتحانه مارچ ڪري اڳتي وڌندڙ جنتا جي مجاهد قافلي مان ڪوءِ ڏيئي پڇي وڃي شتر مرغ جيان سسدون مٽيءَ ۾ لڪائي، واٽتي ڦاهي ڪانڻ، ڪنجهڻ ڪرڪڻ ۽ سوڪ سوڪ ڪرڻ ويٺا آهن. الهن پاڇوڪڙن مان ڪي سورڳو پنهنجي پيرن مان ان قافلي تي پنهنجا ٽڪڙا تير اڇلائي قافلي ۾ ڦڙڦوٽ وجهڻ ۽ منجهائڻ، ڪن ڪي ارغلائي پنهنجن پرڻ ڏانهن آڻڻ جون ڪوششون پيا ڪن.

اسانجي هنن اوڻ ڪهاڻيڪارڻ مختلف نمونن مان ساڳئي ئي موضوع تي لکيو آهي- جنسن تي، جنسي لاڳاپن تي. انهن ٿو لڳي، ڄڻ ڪاهن ٻيو ڪوبه موضوع، خاص ڪري اجتماعي دلچسپيءَ وارو موضوع يا ڪردار ڪوبه ٿو سمجهي پا سوڙن لڳي.

هو ڄڻ ته پالي جي وچ ۾ ويٺا آهن ۽ چون ٿا 'هتي ته رڳو وڻ آهن! ٻيلو ڪٿي آهي؟' هو ڀارت جي ڪروڙين انسانن جي سنگهرش ۽ جدوجهد جي وچ ۾ ويهي چون ٿا- 'هي ته رڳو ماڻهو آهن! عوام ڪٿي آهن؟ هي ته رڳو فرد آهن. جنتا ۽ عوام ڪٿي آهن؟'

من-چيد سندن دلپسند اسٽائيل آهي: ڪاش ڪاهن لامرد مردن، اگهاڙو ٿي ايءَ ڪي ياد ڪندڙ هُتن، ايءُ مان عشق جهڙو الدال اختيار ڪندڙ ڏليين وغيره ڪان ڪنهن ڪنهن وقت فرصت ملي ها ۽ هو ڪن پين ڪردارن جو به من چيد ڪري سگهن ها!

ڪاش هو ڪنهن پرواسر ملڪائيءَ جهڙي سنڌي بزرگ جو من-چيد ڪري ڏيکارين ها، ته هو ڇو ۽ ڪئن هن عمر ۾ هند سنڌ جي ادب جو ذرو ذرو پڙهي، پروڙي، سيت، هيٺ ننڍي وڏي جي رهبري پيو ڪري- ڪنهنکي شاباس، ڪنهنکي نصيحت، ڪنهنکي صلاح- سڀني جي مٿي تي بزرگي ۽ شفقت جو هٿ رکيو ويٺو آهي.

ڪاش هو هري دلگير جهڙن جو من-چيد ڪري سگهن ها، ڪئن ۽ ڪهڙن جذبن مان هن ادي عمسي جي خط جو جواب لکيو هو. ڪاش هو ڪلا پرڪاش جو من چيد ڪري سگهن ها، جنهن جنگ

جي زماني ۾ جڏهن سڀ ڀاڪر اچي پيا هئا، تڏهن اهو عظيم ڪلا جو ٽڪرو خلقيو هو، جنهن ۾ جنگي جنون ۾ ورتل پار آخر بندوق ڦٽي ڪري ڇڏي ٿو. ”ا.ا ماڻ اڳتي بندوق سان راڳ ا. ڪندس!“

۽ ڪاش ڪو اياز جي من جي مام اروڙي ها، ته هن ڪئن ۽ ڇو پنهنجو سر واڳهه جي وات ۾ وجهي ’ناراض شيام‘ نظم لکي، پاڻ کي، ’ڏم ڏيهاڻي ڏي سندا سوهر سيهڻا‘ واري ويل ۾ وجهي، ڪلا ۽ فن جون سڀ ’پريون آڇون ۽ پنهنجون سڀ ’پريون سهڻي- هاب ڪري ڇڏيون!

هڪڙي ’لٿين‘ ڪهاڻيڪار اعلان ڪيو آهي ته سنڌي ٻولي سنڌس ڪلا جي ڀرپور اظهار جي طاقت ئي رکي، تنهنڪري ڪوس ٻوليءَ کي ڇڏي المان لٿين ٻولي ٿاهڻي پوندي. ڪاش اهڙن ڪهاڻيڪارن کي عام سنڌين جيتري ۽ جهڙي سنڌي اچي ها!

سهپادڪن مان معلوم ٿو ٿئي ته هي شريمان اڳوڻن سنڌي لکندڙن کي لکين ئي ٿا. للي پٽ جا هي اوائل چاڙا المچ، ديوان ڪوڙيمل، پرمانند ميوارام، لعل چند امرڏنو مل، جيٺمل پرسرام، پروفيسر ملڪاڻي ۽ ٻين انڪ جيل جهڙن ادبي هستين جي ڏال ورٿي کي حقارت جي نظر سان ڏسن ٿا.

سنڌ جي سنڌي لکندڙن ڏانهن سنڌن رويو ٻ. بلڪل ساڳيو آهي، مطلب ته مورن جو هي اولاد، ڪانون جي چال تي موهت ٿي، اهڙي چال هلڻ لڳو آهي، جنهنکي ڏسي ڪانو ٻ ڦڪا ٿيندا هوندا.

’ڪنبر‘ جون اڪثر لکيون آڙوال پيئن ۾ سنڌن قلم-هلائيندڙ ڪماشتن جون ڪنيون اوگرائيون ۽ اهڙڪا ڏيارينڌڙ النيون آهن، جنڪي سنڌي ڪهاڻيون سڏڻ هند ۽ سنڌ جي ڪهاڻيءَ جي شاهڪار ۽ روشن ناني ۽ ناموس سان سخت زيادتي ٿيندي.

ڪوڙي ڪلا ۽ نقلي اصطلاحن جي ڦوهڙالي ۾ ازخود سڌا پوڪيندڙ الهن ڦيدين مان اڪيلي، اهم ۽ سنجيدي لکندڙ-ڪئي ساڻپاڻيءَ جي لفظن ۾ هنن لاءِ فقط اها دعا گهري سگهجي ٿي ته: ”او اريو، هنن کي معاف ڪرا هو نٿا ڄاڻن ته ڇا ڪري رهيا آهن!“

طارق اشرف

سنڌي تنقيد جو معيار*

'سنڌي ادب ۾ معياري تنقيد ڪانه ٿي ڪئي وڃي،' اهو رايو فقط منهنجو ڪونهي، پر اها ڳالهه سنڌيءَ جي هر لکندڙ پڙهندڙ محسوس ڪئي آهي. منهنجي هن مضمون (پهرين قسط) تي ڪهڙن سڄڻن تنقيد ڪئي آهي، ته مون ڪن تنقيد نگارن جا نالا نه ورتا آهن، ۽ ڪن تنقيدي ڪتابن جا نالا پڻ وساري ڇڏيا اٿم. ڪن اهو نه لکيو، ته اسان وٽ ڪي معياري تنقيد نگار به موجود آهن. مضمون جيئن اجا هلي پيو، تنهنڪري جن جا نالا اڃا نه آيا آهن، سي اڳتي اچي ويندا. رهيا تنقيدي ڪتابن جا نالا، تن لاءِ اها ڳالهه قبوليندس، ته ڪن جا نالا ذهن تان لهي ويا هئا. منگهارام ملڪاڻي صاحب جو ڪتاب 'ادبي اصول' مون نه پڙهيو آهي، تنهن لاءِ مان ڪجهه چئي نٿو سگهان. ڊاڪٽر ابراهيم 'خليل' جي ڪتاب 'ادب ۽ تنقيد' جو ذڪر اڳيان ايندو. جناب اسماعيل عرساڻيءَ جو ذڪر ڪندي، مون سندن 'سمورا ڪتاب' لکيو آهي. دراصل منهنجو مقصد سندن مقالن ڏانهن هو، جيڪي اڳ الڳ الڳ ڇپيل هئا ۽ هاڻي گڏجي هڪ ڪتاب 'چار مقالا' جي نالي سان شايع ڪيا ويا آهن. باقي سندن ٻيا ڪتاب- 'سهڻو ريگستان'، 'نقشِ عمل'، 'بدنصيب ٿري' وغيره، سي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. مون جو اهو لکيو آهي، ته عرساڻي صاحب جا اهي ڪتاب (دراصل مون کي چار مقالا لکڻ گهربو هو.) ملڪاڻي صاحب جي مضمونن تان ورتا آهن، انهيءَ ڳالهه تي مان اڄ به قائم آهيان. ملڪاڻي صاحب جا 'نئين زندگي' ۽ 'مهراڻ' مخزن ۾ جيڪي، ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي تي مضمون شايع ٿيل آهن، عرساڻي صاحب جا مقالا انهن تان ورتل آهن. بهرحال، هيءُ هڪ طويل مضمون آهي، مان انشاالله سنڌي جي ڪتابن مان حوالا ڏيندس ۽ سندن ڪيل تنقيدن مان ٽڪرا پيش ڪندس. رهي اها ڳالهه، ته اسان وٽ ڪجهه تنقيدنگار اهڙا به آهن، جن معياري تنقيد نه ڪئي آهي، سو تن مان ڪن جو ذڪر مون اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏيو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو هڪڙو ادا معياري تنقيد ڪندڙ

* هن مضمون جي پهرين قسط سنڌي پبليڪيشن جي ڪتاب 'زندگي ۽ زهر' ۾ شايع ٿي هئي.

آهي، ته اهڙيءَ جي معياري اهو ڪوڙ چئي سگهبو ته اسان وٽ سنڌي ۾ معياري تنقيد ڪئي نٿي وڃي. اسان جي تنقيد ۾ معياري تنقيد جو عنصر نه هئڻ جي برابر آهي. تنقيد جي نالي ۾ اسان وٽ ڪاريون، خوشامند ۽ ذاتي حملا ڪيا ٿا وڃن. تنقيدنگار جو زور فقط اهو ثابت ڪرڻ ۾ لڳي ٿو، ته قابليت 'هن' تي ختم آهي.

انند کيماڻي، ڀارت جو سنڌي ڪهاڻيڪار آهي، دهلي مان نڪرندڙ مخزن ساهت ڌارا ۾ آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ڪهاڻي نالي مضمون لکندي، هن اتان جي ڪهاڻيءَ تي تنقيد ڪندي، سنڌ جي ڪهاڻيءَ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

— پاڪستان جي پاران جي اها شڪايت جائز آهي، ته هندستان ۾، جڏهن ڪهاڻي وغيره جو جائزو ورتو ٿو وڃي، تڏهن سندن اوٽس ورتو ئي وڃي، مان سمجهان ٿو ته ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو آهي ته اتان جو سمورو مصالحو، جيڪو سيني هٿن تائين پهچي ٿو، منهنجي نظر مان جيڪي ڪجهه گذريو آهي ۽ جي آهو اتان جو عيوضي مصالح آهي، ته مرلکي اٺن چوڻ ۾ ڪاهه هڪ لئي ٿئي ته اتان جي سنڌي ڪهاڻي اچانڪ گهٽجي ڪهڙيءَ ۾ ڇڪڙيل آهي، ۽ اتي نئي ڪهاڻيءَ جي 'ن' جي شروعات ٿيڻ جو به اڃا صرف انتظار آهي. البت استم ڪرل ۽ آغا سليم ۾ منهنجو اميدون آهن.

اهڙيءَ تنقيد لاءِ ڇا چئجي؟ اهڙن ته انند صاحب چئي ٿو: سنڌ جو سمورو ادب ڀارت ئي پهچي. اڳيان چئي ٿو: منهنجي نظر مان جيڪي ڪجهه گذريو آهي. (يعني ته سمورو ادب سندس نظر مان به نه گذريو آهي) ۽ اهڙيءَ ڪالهوءِ ايڏي وڏي دعوى به ڪري ڇڏيائين، ته سنڌ وارا نئين ڪهاڻيءَ جي 'ن' مان به واقف نه آهن. نئين ڪهاڻيءَ مان سنڌ وارا ڪيترا واقف آهن، اها ته الڳ ڳالهه آهي. مان فقط انند صاحب کان اهو ٿو پڇڻ چاهيان، ته ڇا ڪوئي اها خبر آهي، ته ڪهاڻي چئبو ڇا کي آهي؟ ڪهاڻي آهي ڇا؟ پاڻ ڪهاڻيءَ جي وصف ڇا ٻڌائيندا؟

ڳالهه ڪجهه به نه هجي، پڙهندڙ ڪجهه به نه سمجهي، لکندڙ چوڻ ڪجهه به نه چاهي، فقط پڙهندڙن کي منجهائڻ، بيوقوف بنائڻ، هروڀرو پريشان ڪرڻ کي ئي نئين ڪهاڻي چئبو آهي ڇا؟ مان اهو ڪونه ٿو چوان ته ڪهاڻي چارديواريءَ ۾ بند آهي، اهڙيءَ کان ٻاهر ڪهاڻيءَ کي لئو ڪيئي سگهجي. پر اهو ضرور چوندس، ته ڪهاڻيءَ لاءِ ڪي حدون ضرور مقرر ٿيل آهن، جيڪي ڪيس ادب جي اهن

صنفن کان ڌارا آهن ڪن. شاعري، ناول، ڊرامو ۽ ڪهاڻيءَ الڳ الڳ صنفون آهن. هر ڪنهن ۾ الڳ الڳ خوبيون آهن، ۽ انهن خوبين مان ئي سڃاڻپ ٿئي ٿي، ته ڪهاڻي ڪهڙي آهي، ڊرامو ڪهڙو آهي، ناول ڪهڙو آهي، مان اها ڳالهه به مڃان ٿو ته ڪهاڻيءَ جون حدون بي انتها وسيع آهن، ۽ انهيءَ ۾ لچڪ به آهي. پر اها به هڪ حد تائين. آزاد نظم ۾ قافيو ڪونهي، پر وزن ضرور آهي. اثر جي هڪ وڏي ۽ هڪ ننڍي سٽ ڪري، هڪ ٻئي جي هيٺان رکبو ته اهو آزاد نظم نه چورائي سگهندو. تيئن ڪهاڻيءَ لاءِ به ڪي حدون مقرر آهن.

نئين ڪهاڻي سنڌ ۾ به پڙهجي ٿي، لکجي به ٿي، پر ڪنهن به سنڌ جي ڪهاڻيڪار اهڙين ڪهاڻي- نئين ڪهاڻي ڪندي ايڏي هاءِ گهوڙا نه ڪئي آهي، جيتري ڀارت جي اون ڪهاڻيڪارن ڪئي آهي. انند صاحب والکر ڀارت جي ٻين به گهڻن ڪهاڻيڪارن (اون) انهيءَ ڳالهه ڪي ڪئي ڳنڍ ڏني آهي، ته اساڻي ڪهاڻي تمام اڳيان نڪري وئي آهي. اسان نئين ڪهاڻيءَ کي نه فقط سمجهيو آهي، بلڪ گهوني بي ويا آهيون. اها ڳالهه به ورجاءِ ٿڪجن نٿا، ته اسين ڪهاڻين ۾ اوان نوان تجربا ڪيا ڪريون. اوان آڻڻ چڱي ڳالهه آهي، تجربا ڪرڻ اڻ سٺي ڳالهه. ار مان فقط اهو ٿو پڇان، ته ڇا هر تجربي جي ڀيرائي ڪبي؟ جڏهن جواب ها ۾ آهي، ته پوءِ ايٽم ام جي تجربي تي به هاءِ گهوڙا نه ڪئي وڃي، ڇا هر تجربو ڪامياب ٿيندو آهي، تجربو ڪرڻ، ۽ ڪامياب تجربو ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي، خالي تجربو ڪري اهو چوڻ ته اسين سنڌ وارن کان اڳيان وڌي ويا آهيون، اها جله بازي آهي، تجربي جي نتيجي ۽ افاديت جو ته انتظار ڪجي. هر نئين شيءِ لاءِ اهو ضروري ته ڪونهي ته اها چڱي هجي.

ڀارت جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ واقعي نوان تجربا ٿيا آهن، پر آهي ڪامياب گهٽ ٿيا آهن. جڏهن انند صاحب يا سندن هم خيال اهو سمجهن ٿا، ته ڪهاڻيءَ جي اصل ڄاڻ فقط ڪين آهي، ته اها سندن ڀل ۽ گهٽ مطالعو آهي. جن اهي اوان تجربا ڪيا آهن، ۽ انهيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهن ته اسان ايون ڪهاڻيون لکيون آهن، تن کي مان چوندس ته اهي ڪنهن به حالت ۾ ڪهاڻيون نه آهن. جڏهن انهن ڪهاڻين کي آکهاڻي Anti Story چون ته اسان کي اعتراض ڪونه ٿيندو، باقي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو ڪجهه نه هجي، گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻي ته هجي، نه ته پوءِ ڪهاڻيءَ جي نالي سان ڇو سڏجي، ڪو ٻيو نالو

چو ائين منتخب ڪيو وڃي.

النه صاحب، جن اها دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌ وارا لئين ڪهاڻيءَ جي 'ن' مان به واقف ڪونهن، الهيءَ ساڳي پرچي ۾ (جنهن ۾ سندن مضمون آهي) سندن هڪ ڪهاڻي **ذوهبر جي آخري رات** به شايع ٿيل آهي. مان سندن هن ڪهاڻيءَ مان هيٺ ڪجهه ٽڪرا نقل ڪري ڏيان ٿو، ۽ ڪهاڻيءَ جي ڄاڻ رکڻ وارن کان پڇان ٿو، ڇا اها ئي ڪهاڻي آهي- ڪهاڻيءَ جي ترقي يافته شڪل الهيءَ کي چوندا؟

—ڇو؟

......(ڪجهه به نه)

......(ڇو؟)

......(ڪجهه به نه)

......(ڇو؟)

......(ڪجهه به نه)

......(ڇو؟)

......(ڪجهه به نه)

۽ مان اڇانڪ ڇلائي ٿو اٿان. ڪجهه به نه آس پاس جي ٽيبلن تان، ذرا هلڪڙو ٽهڪڙو.

*

*

*

اهڙيءَ طرح 'ڇو' ۽ 'ڪجهه به نه' چوڏهن دفعا لکيل آهي، سڄي ڪهاڻي اهڙن اشارن (*) ڊيشن (—) ۽ ٽڪن (...) مان ڀريل آهي. جيڪڏهن النه صاحب جي خيال ۾ اها ئي لئين ڪهاڻي آهي، ته پوءِ اسانکي خوشي آهي ته اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙيون ليون ڪهاڻيون اڻيون لکجن، ۽ خدا ڪري ڪو لکڻ جي ڪوشش به نه ڪري. البته النه صاحب کي عرض آهي ته اهڙين لئين ڪهاڻين لاءِ قابليت ۽ اڀياس لکيل هجڻ ضروري ڪونهي. ڪمپازيٽر ڏينهن ۾ اهڙيون ڪئين ڪهاڻيون ويٺي ويٺي ڪمپوز ڪري سگهي ٿو. ان ڪرڻ ۾ لفظ يا جملا ڇو ٿا لکجن، النه صاحب کي شايد الهيءَ جي به پوري ڄاڻ ڪانهي، ۽ سندن اهو چوڻ ته 'نسيم کرل ۽ آغا سليم ۾ سنهنجيون اميدون آهن'. تنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سندن نظر ۾ اڃا تائين ته اهي سيڪڙات آهن، البت مستقبل ۾ الهن مان آس ڪري سگهجي ٿي. مان النه صاحب کان پڇان ٿو ته اوهان الهن ٻنهين لاءِ اهو راءِ سندن ڪهڙين ڪهاڻين پڙهڻ کانپوءِ قائم ڪيو آهي، ڇا آغا سليم جون ڪهاڻيون— درد جو شهر، درد جا رشتا، پل پکوڙا، ٽهڪ، ڳڙندا ڪنڌار، يا نسيم احمد کرل جون ڪهاڻيون- ڪافر، گذريل واردات، گردش ايامي جي، ڪئي آڳر، ڳڻ ۽ شبنم شبنم، ڪنول ڪنول جهڙين ڪهاڻين لاءِ

الند صاحب چوندو تہ الهڻ ڪهاڻيڪارن ۾ (مستقبل ۾) منهنجيون اميدون آهن.

الند صاحب کي گهرجو هو تہ پهرين سنڌ جي ڪهاڻيءَ جو چڱيءَ ريت مطالعو ڪن ها، پوءِ قلم کڻن ها. الند صاحب اڃا جمال ابڙي، غلام رباني، غلام نبي مغل، امرجليل، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو رسول بخش پليجو ۽ مرادعلي مرزا کي نہ پڙهيو آهي. الند صاحب کي خبر ئي نہ آهي تہ سنڌ جي ڪهاڻي ڪٿي پهتل آهي. جيڪڏهن مٿين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پڙهن ها، تہ کين پتو پوي ها تہ صحيح معنيٰ ۾ ڪهاڻي ڇا آهي، ۽ ڪيئن لکي آهي. ڀارت ۾ ڏئي وٺي موهن ڪلپنا، ڪنول ساميتاڻي، ايشور چندر ۽ الهڻ ڪانپوءِ ڪرشن کٽواڻي، گوردن محبوباڻي، ڀڳوان تلواڻي، الند گولاڻي، هيرو شيوڪاڻي، هريش واسواڻي تائين ٻہ ٽي ٻيا اهڙا ڪهاڻيڪار ملندا، جنکي صحيح معنيٰ ۾ ڪهاڻيڪار چئي سگهجي ٿو. ايتري تعداد سنڌ ۾ بہ موجود آهي.

تنقيد جو مقصد فقط عيب جوئي ڪرڻ ڪونهي، نڪو فقط تعريف ڪرڻ، نہ ئي ٻانڪي ٻڌائڻ. خوبيون ۽ خاميون ٻنهي کي ڪيڏي ارزار ڪرڻ کي ئي معياري تنقيد چئبو.

هيٺ هڪ تنقيدي خط پيش ڪريان ٿو، هن خط لکندڙ تي جيئن تہ 'سنڌي تنقيدنگار' جي مهر لڳل نہ آهي، تنهنڪري هنجي خط ۾ طرفداري نہ آهي، خوبيون ۽ خاميون ٻئي ظاهر ڪيل آهن.

• مان ظفرحسن جون جديد ڪهاڻيون غور سان پڙهندو رهيو آهيان. سنڌي ۾ اها هڪ نئين ٽيڪنڪ ۽ هڪ نئون رجحان آهي، اڪثر مون سمجهيو هو تہ اسانجا قابل ۽ ڄاڻو اديب ان جي باري ۾ پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا. پر هيل تائين ڪابہ اهڙي راءِ منهنجي نظرن مان نہ گذري آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو ظفر پنهنجي تازي ڪهاڻي– 'ٽن نڪن جي لئين ڪهاڻي' جديد ڪهاڻيءَ جي مفهوم ۽ مراد تان هٽي، اصلي ڪهاڻي ۾ ٿالي ساتر ردوبدل ڪري ڪٿي پيش ڪئي آهي. جيستائين ڪنهن نئين رجحان جي ڇنڊڇاڻ ڪري ان کي واضح نہ ڪيو ويو آهي، تيستائين اهو هر ڪو وڏي ويچهي ۽ ترلي نہ ڪري سگهندو، ۽ رڳو ٻاليءَ ۾ ڪوڪليون شيون پيون ايندينون. پر سوال هي آهي تہ اهو ڪم ڪري ڪير؟ اسان وٽ بدقسمتي سان تنقيد ۽ نقادن جي باري ۾ ايتريون تہ غلط فهميون ڦهلايون ويون آهن، جو ڪو بہ

ادب پاڻ کي نقاد جي ڪار سان نوازڻ لڳو آهي. تنقيد جي غير موجودگيءَ ۾ ادب جي ٻين شاخن کي ته نقصان پهچي ٿو، پر ڪهاڻي، جيڪا سنڌي ادب ۾ تيزيءَ سان اڀرندڙ صنف آهي، کي ته سخت نقصان ٿو پهچي ۽ ترقي جون راهون ئي بند ٿيو وڃن. نتيجي ۾ اڄ ڪهاڻيءَ کي ڪلا ۽ سطحي لکندڙ به پاڻ سان عظيم لفظ جو پڇ اٽڪائي هلي رهيا آهن. جيستائين اسان مان ڪي اوهوال حجاب لاهي چوڻ سان تنقيد نه ڪندا، تيستائين سنڌي ادب جي ترقي مشڪل آهي. ان لاءِ اهو به ضروري آهي ته پنهنجي پوري مطالعي ۽ ڄاڻ جو ڍپ ڦٽو ڪري ڇڏيون، وقت سان اسانجي مطالعي ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ٿيندو ۽ اسان تنقيد جي به ترقي ٿيندي. جديد ڪهاڻين جو سلسلو مهڻيءَ جي ڪتاب نمبر ١٥ کان شروع ٿيو. ان ۾ ٻهرين هڪ مختصر تعارفي نوٽ ڏنو ويو هو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته سنڌي ادب ۾ مزاحيه ادب جي سخت کميءَ سبب اهو سلسلو شروع ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن جديد ڪهاڻين جو سلسلو محض مزاحيه ادب جي کميءَ کي پوري ڪرڻ جي لاءِ شروع ڪيو ويو آهي ته ان لاءِ هي طريقو غلط آهي. فقط اهو چئي انهن جي اهميت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. دراصل تعارفي نوٽ ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو پورو ۽ صحيح تعارفي نوٽ نه ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن ان طريقي کي هڪ ٽيڪنڪ سمجهجي ته موزون ٿيندو. اڄ جا ليکڪ نه رڳو نيون نيون ٽيڪنڪون ايجاد ڪري رهيا آهن، پر صدين جي پراڻين ٽيڪنڪن کي به نئين انداز ۽ نئين مواد جي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. قديم ادب مان پراڻين ڪهاڻين ۽ پراڻا هيرو ڪٺي انهن کي هڪ نئين انداز ۾ لکڻ ۽ هڪ نئين معنيٰ ڏيڻ جي رجحان پوريءَ ادب ۾ ڪافي ترقي ڪئي آهي. انسان جي ذهني ۽ نفسياتي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ لوڪ ادب Folklore جي ذريعي تمام گهڻي مدد ملي آهي. لوڪ ڪهاڻين جي ڇنڇاڻ ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي ته اهي انساني نفسيات، ابتدائي وهم ۽ اعتقادن جي آثارن جو آئينو آهن. انهن جي گهري مطالعي سان انسان جي نفسياتي ۽ ذهني ارتقا جي تاريخ تي روشني پوي ٿي. لوڪ ڪهاڻين ۾ انسان ذات جي ٻالاڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. بلڪل شروعاتي دور ۾ وهم وسوسن جي آڌار تي جيئن روح جو تصور پيدا ٿيو تهڙي ريت جنن، ديون، پرين ۽ ڏائڻين جا ڪردار خلقيا ويا ۽ قصا گهڙيا ويا. اڳتي هلي جڏهن قدرتي آفتن ۽ مصيبتن سان مقابلي ڪرڻ ۽ فتح حاصل ڪرڻ ڪاڻ انسان

کي پنهنجي اهميت ۽ عظمت ۾ ويسهه وڌو، ته پاڻ ڇهڙن انساني ڪردارن، بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين، وزيرن، سوداگرن ۽ عام ماڻهن جي بهادريءَ جا قصا گهڙڻ لڳو. جڏهن لکت جو رواج پيدا ٿيو ته ولدر ۽ ورونهن خاطر قصا ۽ ڪهاڻيون ادبي فن جي حيثيت ۾ لکيا ويا. ان سان انسان جي مختلف ذهني دورن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. هر دور جون پنهنجون نمايان اشاريون ۽ اندر ۽ پنهنجون تقاضائون هونديون آهن. وقت جي رفتار سان گڏ تبديليون به ايندڙيون رهن ٿيون. انهن دور سان گڏ اوان اشان، اوان قدر ۽ ان جون پنهنجون مخصوص تقاضائون اڀرڻ لڳن ٿيون. اسين ڏسون ٿا ته ان ڪارڻ جي ڪري لوڪ ڪهاڻين جي انداز ۽ مواد ۾ پڻ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن. اڪري جڏهن اڄ جو اديب انسان ذات جي ان عظيم سرمايي کي اڄ جي لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو، ته هو انهن سمورين ڳالهين کان سجاڳ رهي ٿو. ٻئي طرف ٿوري ردوبدل ڪري، ڪجهه مزاحيه ۽ طنزيه فقرا ۽ جملا وجهي يا پئروڊي بنائي انهن لوڪ ڪهاڻين کي پيش ڪري سگهجي ٿو، پر انهنکي ادب ۾ ڪهڙي جاءِ ملندي. اهميت ان ڳالهه جي آهي ته ليکڪ ان پر انهنجي طرفان ڇا ڏنو آهي. يوناني ديومالا جي پراڻين ڪهاڻين ۽ انهن جي ڪردارن کي موجوده دور ۾ ڪئين اڄڻ سان يورپ جي اديبن اڻاڻن مسئلن سان لاڳاپو حوالي سان اڻان سامهون پيدا ڪيا آهن. انهن حوالن کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ سان لوڪ ڪٿائن کي پيش ڪرڻ اجايو ۽ بيڪار آهي. 'البرڪامو' اڄ جي اديب جي حيثيت ۾ سوچي ٿو ته اڄ جو انسان ڇا آهي، ڪير آهي، دنيا سان سندس ڪهڙو تعلق آهي. يورپ جي ٽيڪنالاجيڪل ايج ۾ اڄ جو موڊ آهي- انسان تنها رهيو آهي. هن رفتار جي ڪري هرڪا شيءِ تنها الڳ ٿي رهي آهي. هرڪا شيءِ انهنجي معنيٰ وڃائي چڪي آهي. سڀ بڪواس آهي. تنهنڪري ڪامو 'مٿ آف سسيفس' ڪئين اهڙي سوال ٿو پيدا ڪري ته زندگيءَ کي ڪا معنيٰ آهي ڇا؟ آندري جيڊ هڪ ناٽڪ 'ٿيسيئس' Theseus جي تخليق ڪئي. ايڏه خطرناڪ ۽ عجيب مخلوق مينا ٽور سان مقابلو ڪندڙ ٿيسيئس، ان ناول ۾ شهر ايٿنز آباد ڪري ٿو، جتي دولت جو ورهاڱي ۾ هڪ ڇهڙو ورهاڱو ٿئي ٿو، جتي مڪمل اقتصادي انصاف آهي، ڪوبه طبقاتي فرق ناهي. جين پال سارتر پنهنجي مشهور ڊرامي 'The Flies' ۾ يوناني ٽريجڊي جي ڪردار اوريسٽس کي Existential هيرو ڪري

آهي ۽ يوناني ٽريجڊي جي ان هيرو کان بلڪل مختلف هڪ
۽ مڪمل اوڊيسئس جي تخليق ڪئي آهي. 'هومر' جي لازوال
ڪردار 'يوليسس' کي جيمس جوائس، البرٽو موراويا ۽ ٻين ڪيترن
ڪن پنهنجن ناولن ۾ اڄ جي مشيني دور جو منجهيل، واتڙو ۽
سرگردان انسان بنائي پيش ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح يوناني ليکڪن نه
رڳو يوناني ديو مالائي ڪردارن کي اڄوڪي مشيني دور ۾ آڻي هر ڪردار
جو بدل پيش ڪيو آهي، پر ايسپ جي ننڍڙن آکاڻين جا ڪردار
ڪٿي هندي، بنگالي ۽ اردو جي ڪيترن ڪهاڻيڪارن ڪهاڻين ۽ ناول
لکيا آهن. ظفر حسن جون ڪهاڻيون جيتوڻيڪ ننڍڙيون ۽ هلڪيون
ڦلڪيون آهن، پر انهن جو بنياد ۽ مقصد ساڳيو آهي- لوڪ ڪهاڻين
يا ڏند ڪٿائن جو سهارو وٺي انهن ۾ اڄ جو ليکڪ گهڻو ڪجهه
پنهنجي طرفان ڏئي ٿو، پر ائين ٽيڪنڪ ۾ گهري طنز لڪائي پيش
ٿو ڪري. ظفر انهنکي جديد ڪهاڻي جو نالو ڏنو آهي. ان مان ئي
ظاهر آهي ته ظفر انهن پراڻين، انسان جي پالڻ جي اهڃاڻ وارين
ڪهاڻين کي شعوري سطح تي اڄوڪي دور ۾ ڪٺي آيو آهي ۽
هنجو مقصد مزاحيه ادب جي کوٽ کي پورو ڪرڻ ناهي، پر
پراڻين سانچن مان اڄوڪن حوالن سان اڄوڪا سلها پيدا ڪرڻ آهي.
ان ئي ٽيڪنڪ کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ جي لاءِ ظفر جون
ترجمو ڪيل انگريزي ۽ آمريڪي ڪهاڻيون، ۽ خرد سنڌس شروعاتي
ڪهاڻيون مٿين ڳالهه جي ساک پورين ٿيون. 'لارڊ ڊلسناه' جي 'سهي
۽ ڪميءَ' واري انگريزي ڪهاڻي ۾ سياسي ملڪن وارن ملڪن
جي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۽ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ وڃڻ جي ڊوڙ
ڏانهن اشارو ٿي ڪري. ڪميءَ جي ساٿين جا نعرا ڪميونسٽ ملڪن
جي نعرن سان مشابهت ٿا رکن. ڪميونزم جي انهن وجود ۾ آيل
۽ ٻوڙيءَ سان ترقي ڪندڙ نظام جي لاءِ ڪميءَ جي علامت بلڪل
ٺهڪندڙ آهي. 'جيمس ٿربر' بلڪ ساڳي ڪهاڻي ڪئي آهي. پر هن
ان ڪهاڻيءَ جي قديم دور جي اخلاقي قدرن ۽ مبالغي سان ڀريل ڳالهين
تي حقيقي ۽ عقلي نقطه نگاه سان طنز ڪئي آهي. ظفر جي لکيل ٻهرين ڪهاڻي
'شينهن ۽ ڪتي جي جديد ڪهاڻي' ۾ ساڳي نوعيت جي آهي. هن ناولن
غيره جي نون حوالن سان قديم دور ۽ جديد دور جي مدليل حالتن کي پيش
ڪيو آهي. هتي اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ جهڙي آهي ته انهن سڀني ڪهاڻين
پراڻين ڪهاڻين جي خشڪ، اخلاقي ۽ نصيحتي رنگ بدران مزاح جو رنگ

ڏنو ويو آهي. ٻئين ڪهاڻي کانپوءِ ظفرحسن 'ٻالڪ ۽ ٻلين جي
ڪهاڻي' پيش ڪئي، ان ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ اڄ جي زالڪيءَ
مسئلن مان ٻهالڪائي، ملاوت ۽ ڪوڙ تي ٻلي سوچي ٿي ۽ ڪي
ماءُ جون پڙايل اڳئين زماني جي خوشحاليءَ جون ڳالهيون ياد اچ
ايرن. مرڪزي خيال پڻ اهو ئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ٻچڙيءَ جو ملاوت
جي مسئلي کي نهايت دلچسپ طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. ٽنهن
بعد ٽئين ڪهاڻي 'الڏي ۽ منڊي' جي آهي. اها ڪهاڻي نصيحت ۽
سبق واري آهي جنهن جو مقصد آهي، هڪ ٻئي کي ڪم اچڻ. ظفر
جو الڏو ۽ منڊو ٻئي ان نصيحت تي عمل ته ڪن ٿا پر نڊايتي مان،
۽ موقعو ملندي ئي هڪ ٻئي جو ڪيسو ڪپي ٿا وٺن. جن آڪاڻن سياڻن
ماڻهن اهي ڪهاڻيون جوڙيون آهن، ان لهن جا واقعا روزمره جي
زالڪيءَ مان ئي ڪٺا آهن. اهي واقعا انسان جي روزمره جي زالڪيءَ
۾ هميشه ايندا رهندا آهن. الائي ڇو ظفر اهو ضروري ٿو سمجهي ته
پاڻ هر ڪهاڻيءَ ۾ اڙائي ڪهاڻي ۾ لکيل واقعي جو حوالو ڏئي، ۽
سندس ڪردار ب ان جو ذڪر ضرور ڪن. هڪ ٻن ڪهاڻين ۾ ائين
هجي ته ٺهيو، پر ظفر ته هر ڪهاڻي ۾ ائين ڪيو آهي، جيڪا ڳالهه
ڪن ڪهاڻين ۾ غير مناسب ۽ ٺهڪندڙ نه ٿي لڳي. ٻئين ڪهاڻي ۾ جيتوڻيڪ
ڪٿي جي تحت الشعور ۾ موجود اڙڏاڏي جي واقعي جو ذڪر ڪيو
ويو آهي، پر تڏهن ب ظفر ڪٿي کان 'سنڌي ٻئي ڪتاب' ۾ پڙهيل
واقعي جو ذڪر ڪرايو آهي، جنهنجي ڪا ضرورت ڪان هئي. 'زخمي
ڪتي جي ٽئين ڪهاڻي' ان ايت ۽ ذهنيت تي لکيل آهي جيڪا
'جت کي ڏي پايڪار ته جتيءَ سوڌو ڪٽ ئي'، کان ڪٺيون ريتون
ڪٺر آهي. پلائي جو نتيجو اهڙو ظالماڻو آهي جو وار ڪالبارجهو وڃن.
هيءَ ظفر جي سڀني ڪهاڻين کان وڌيڪ ڪامياب ۽ سنڌ جي تاريخ
مان اڀرڙي ڪيڏيل علامتي ڪهاڻي آهي. اهڙين ڪامياب ڪهاڻين کانپوءِ
'تن نڪن جي لئين ڪهاڻي' ٿالي ۾ ته لئين ڪهاڻي آهي پر اصل کان ب وڌيڪ
ڇهولي ٿي لڳي. اصل ڪهاڻيءَ جو راڄجي هڪ سادو ۽ پورڙو ماڻهو پيان
ڪيو ويو آهي، جنهنجي شڪ ۽ وهم جي نفسياتي نقطي جو سهارو ورتو ويو
آهي. الڪري اصل ڪهاڻي حقيقي ۽ فطري ٿي لڳي. ظفر جي ان
ڪهاڻيءَ جو مولوي راڄجي والڪر سادو مردو ڪولهي، ۽ هنڪي
نمولي مان موقوف بنايو ٿو وڃي سو اصل ناممڪن آهي.

—شوڪت
حيدرآ

سنڌي ادب ۾ ياد رهڻ جهڙيون ڪهاڻيون

شيشي جو گهر، پورسات، نئون شهر، مينديءَ رتا هٿ

انهن ڪهاڻين جي خالق

غلام نبي مغل

جي قلم ۾ نيون چرڪائيندڙ ۽ دل ۾ چڀي ويندڙ ڪهاڻيون

رات جا نيڻ، جي رلن تا پرڻ ۽ ڪان،

دل جا ڪيئي رنگ، آهن، ريشمي وار

۽ ٻيون نون ڪهاڻين جو مجموعو

رات جا نيڻ



مشهور فنڪار عاشق حسين جو
ٺاهيل ستن رنگن ۾ شاندار ٽائيٽل،
صفحا: ١٥٨، قيمت: ٥ رپيا
اوچي ٻني تي: چار رپيا
گهرائڻ لاءِ لکو.

اداره ادب نو، حيدرآباد، سنڌ

نجم عباسي سنڌيءَ جو ممتاز ڪهاڻيڪار آهي.

نجم عباسي سنڌ جو واحد ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو ورهاڱي کان وٺي اڄ تائين لکندو اچي.

نجم عباسيءَ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن.

نجم عباسيءَ جي چونڊ ڪهاڻين جو پهريون مجموعو

طوفان جي تمنا

عاشق حسين جو ٺاهيل اٺن رنگن ۾ سهڻو ٽائيٽل، صفحا هڪ سو ڇاهتر، اوچو ٻنو، قيمت اڍائي رپيا.

گهرائڻ لاءِ لکو:

ادبيات، د- اسپتال روڊ، حيدرآباد، سنڌ

اداره ادب نو، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ



حسن جادوئي ته آهي

۽

سهڻا ڪپڙا حسن ۾
اضافو ڪن ٿا

۽

اها به حقيقت آهي

ته

سهڻا ڪپڙا
پيش ڪرڻ

۾

فقير اسپننگ ملز
جو وڏو هٿ
آهي

فون نمبر ۴۹۱/۲۰

فقير اسپننگ ملز لميٽيڊ گمبٽ